


سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ريسيلئنٽ سنڌ: ”عهد کان نئين سر تعمير تائين“ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي،
حڪومت طرفان اقوام متحده جو ترقياتي پروگرام ( يو اين ڊي پي) مقامي هوٽل ۾ منعقد ڪيو ويو.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڊيف ريچ ڪيمپس، گلستان جوهر ۾
دوري دوران ڪلاس روم ۾ هڪ شاگرد کي سلام ڪندي.

اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

مارچ 2023ع

**جلد 26، شمارو 15، مارچ 2023ع**

نگران اعليٰ

**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران

**نديم الرحمان ميمڻ**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر

**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر، پبليڪيشن

......

**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر

ايڊيٽر

**علاب علي ڏيٽو**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**علي حسن چانڊيو**

## فهرست

ايڊيٽوريل

| | | |
|---|---|---|
| شعبان مهيني جي اهميت ۽ فضليت | محمد مبين | 3 |
| 23 مارچ جو ڏينهن اسان لاءِ فخر جو ڏينهن | محمد ياسين | 5 |
| عوام کي روزگار ڏيڻ لاءِ حڪومتي ڪوششون | امام ڏنو | 7 |
| زراعت جي ترقي لاءِ ورتل ڪوششون ۽ تجويزون | قربان حسين | 9 |
| سنڌ حڪومت پاران ڪينسر جهڙي هاڃيڪار مرض ۾ مبتلا مريضن لاءِ زبردست سهولتن جي فراهمي | سفير احمد | 11 |
| پنهنجي ٻارن سان پڙهائيءَ ۾ مددگار ٿيو!! | يونس ملڪاڻي | 14 |
| سنڌ جي اسڪولن ۾ سائنس جي تعليم | حبدار علي | 18 |
| ڪورونا اسان کي ڇا سيکاريو؟ | عبدالحفيظ لغاري | 21 |
| مادري ٻولي ۽ ڊجيٽل انقلاب جا نتيجا | رياض ابڙو | 24 |
| ”مرسون مرسون، سنڌ نه ڏيسون...“ هوش محمد شيدي | پروفيسر لطافت علي جوهر | 28 |
| ڊاڪٽر هرچند راءِ: | پارومل امراڻي | 34 |
| سُجاڳ اپياس جا ڳُجھ | سليم انور عباسي | 42 |
| ڪاڇي جو سَيرُ | ننگر چنا | 44 |
| وڃُ جهڙا نظم تنهنجا! نُور محمد ساگر سومري جي شاعريءَ جي باري ۾! | علي دوست عاجز | 49 |
| جنتي ميوو ”ڏاڙهون“ صحت لاءِ بيحد مفيد | فرح ناز | 52 |
| بهترين ڪلاس روم لائبريري اسپيس ۽ يادداشت کي تکو ڪندڙ ويڊيو گيمز | فريحه سليم | 55 |
| ڇا انساني جنيوم کي ترتيب ڏيڻ ممڪن آهي؟ | نزاڪت علي | 57 |
| The Sindhi Language: The vast 1000 timeline data of Literature, Culture, Music & Folk | Khadija Bukhari | 60 |

رابطي لاءِ:

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
www.twitter.com/Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid
021-99202610

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ B-4، ڪراچي. 74200.

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.

ايـڊيـٽوريـل

# سنڌ حڪومت جون تعليم جي واڌاري لاءِ ورتل ڪوششون

هر مثبت تبديليءَ جو بنياد تعليم آهي. ان سان ئي ڪنهن به سماج جي ترقيءَ جون راهون کُلن ٿيون. ڏنو وڃي ته زندگيءَ جي سمورن شعبن جي بهتري ۽ واڌ ويجهه تعليم سان ئي واڳيل آهي. ساڳئي وقت اهو به ضروري آهي ته تعليم جديد دور جي تقاضائن سان هم آهنگ هجي. ان حقيقت کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت تعليم کاتي کي ڊجيٽل پليٽ فارم ۾ تبديل ڪيو آهي. پرائمري اسڪولن کان وٺي اعليٰ تعليم لاءِ يونيورسٽين جي قيام جا مثبت نتيجا اڄ اسان جي سامهون آهن. سنڌ حڪومت جي موثر ڪوششن جي نتيجي ۾ هاڻي ننڍين وڏن شهرن توڙي ڏورانهن ڳوٺن ۾ پڻ تعليمي ادارا قائم ٿي چڪا آهن.

استادن جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ساک وارن ادارن جهڙوڪ آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي انتظام هيٺ اهليت جي بنياد تي پي ايس ٽي، جي ايس ٽي ۽ ايڇ ايس ٽي جي ٽيسٽ ۽ ڀرتين جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي ۾ صوبائي حڪومت پاران 50 هزار کان وڌيڪ نوان استاد ڀرتي ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ گذريل سال سنڌ جي سمورن ضلعن اندر تعليم کاتي ۾ خالي پيل آسامين تي اهل استادن جون مقرريون ڪيون ويون، جن کي پگهارن سميت ٻيون مراعتون ملڻ جو سلسلو پڻ شروع ٿي چڪو آهي. ميرٽ جي بنياد تي استادن جي ڀرتين سان سنڌ جو تعليمي ماحول تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي پر جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”تاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي“ ان ڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته واسطيدار اسٽيڪ هولڊر پڻ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن. ان لاءِ سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي سان گڏ استادن، والدين ۽ شاگردن کي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. صوبائي سرڪار بنيادي ڍانچو ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪري رهي آهي. استادن تي لازم ٿئي ٿو ته اهي تنظيمي نوعيت جي سرگرمين بدران ٻارن کي پڙهائڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏين ۽ مستقبل جي معمارن جي اهڙي ترتيب ڪن جيئن انهن کي اعليٰ تعليم جا ايندڙ مرحلا طئي ڪرڻ ۾ ڪو مونجهارو ۽ ڏکيائي پيش نه اچي. استادن جي ذميواري صرف اِتي پوري نٿي ٿئي بلڪه اهي شاگردن کي سماج جو ذميوار فرد بڻائڻ لاءِ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ساڳي نموني والدين به تعليم جي شعبي سان سڌي طرح لاڳاپيل نه هوندي به ان کان غير متعلق رهي نٿا سگهن. والدين طرفان اسڪولن جي نظرداري استادن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگيءَ ۾ نمايان بهتري آڻيندي آهي. جيڪڏهن اهي اسڪولن ۾ وڃي استادن کان پنهنجي ٻارن جي تعليمي اڳڀرائي بابت معلومات وٺندا ته ان سان استادن توڙي شاگردن ۾ ذميواريءَ جو احساس پيدا ٿيندو.

صوبائي حڪومت جي هر ممڪن ڪوشش آهي ته سنڌ تعليم جي ميدان ۾ اڳڀري هجي. اسان جو صوبو بهترين تعليمي ادارن، مثالي استادن ۽ ذهين شاگردن جي حوالي سان سڃاتو وڃي پر اهو خواب تڏهن ئي تعبير ماڻيندو جڏهن هر سنڌ واسي سمورن شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهندو ۽ پاڻ کي عملي طرح ايندڙ نسل جو خير خواهه ثابت ڪندو.

**منصور احمد راجپوت**

چيف ايڊيٽر

# شعبان مهيني جي اهميت ۽ فضليت

محمد مبين

شعبان المعظم جي پندرهين رات کي شبِ برات سڏيو ويندو آهي. برات جو مطلب ”ڇوٽڪاري جي رات“ آهي. هونئن ته هي سڄو مهينو مقدس ۽ نهايت برڪت وارو مهينو آهي. هن ئي مهيني بابت حضور اڪرم صه فرمائين ٿا ته ”شعبان منهنجو مهينو آهي، جنهن جي فضليت سمورن مهينن تي ايئن آهي جيئن منهنجي فضيلت سموري مخلوق تي آهي.“ اسان جي آقا عليه السلام کي هي مهينو سمورن مهينن کان وڌيڪ پيارو ۽ پسنديده آهي. حضرت ابو هريره رضه کان روايت آهي ته سيد الانبياءَ عليه السلام فرمايو ته ”شعبان مهينو گناهن جو ڪفارو بڻجندو آهي.“ انهي مهيني جي عزت ۽ احترام ڪرڻ نهايت ئي اهم آهي ڇو ته ان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ حضور صه جي تعظيم ڪرڻ برابر آهي. جيئن پاڻ نبي ڪريم صه فرمائين ٿا ”جنهن شعبان مهيني جي عزت ڪئي جڻ ته ان منهنجي عزت ڪئي.“ هي اهو مهينو آهي جيڪو معراج جي رات الله پاڪ انعام طور اسان جي آقا حضرت محمدصه جن کي ڏنو هو. پاڻ سڳورن جو فرمان آهي ته ”شعبان مهينو ڪڪر وانگر ۽ رمضان برسات جيان آهي، جيئن ڪڪرن بنا برسات ناهي وسندي ايئن ئي جيڪو شعبان مهيني ۾ گناهن کان پاڪ ناهي رهندو اهو رمضان شريف ۾ به گناهن کان پاڪ ناهي ٿيندو.“ هي اهو ئي مبارڪ شعبان مهينو آهي جنهن ۾ هر انسان جو رزق مقرر ڪيو ويندو آهي.

**شعبان مهينو ڪڪر وانگر ۽ رمضان برسات جيان آهي، جيئن ڪڪرن بنا برسات ناهي وسندي، ايئن ئي جيڪو شعبان مهيني ۾ گناهن کان پاڪ ناهي رهندو اهو رمضان شريف ۾ به گناهن کان پاڪ ناهي ٿيندو.**




حضرت علي ڪرم الله وجه فرمائين ٿا ”جڏهن شعبان مهيني جي پندرهين رات اچي ته ان رات قيام ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکندا ته الله تعاليٰ سج لهڻ سان آسمان تي خاص تجلي فرمائيندو آهي ته ڪو بخشش گهرڻ وارو آهي ته ان کي معافي ڏيان، ڪو رزق طلب ڪرڻ وارو آهي ته ان کي رزق ڏيان، ڪو مبتلا آهي ته ان کي

صحت ڏيان ۽ اهو سلسلو صبح جو سج اُڀرڻ تائين جاري رهندو آهي.“ (ابن ماجہ)

هن مهيني جي 15هين رات اهڙي بزرگ, برتر ۽ رشڪ جوڳي رات آهي جيڪا قدرت هن ئي امت کي تحفي ۾ ڏني آهي ۽ ڪنهن به ٻي امت کي ناهي ڏني. ڪجهه مفڪرن شب برات کي شفاعت جي رات به سڏيو آهي. روايت ۾ آهي ته 13 هين شعبان تي حضور اڪرم صہ جن ڏٺي تعاليٰ جي حضور ۾ پنهنجي امت جي بخشش لاءِ عرض ڪيو ته امت جي هڪ حصي لاءِ بخشش قبول ٿي, پوءِ چوڏهين جي رات دعا ڪيائون ته امت جي ٻئي حصي کي بخشش ملي, پوءِ پندرهينءَ جي رات دعا گهريائون ته (انهن نافرمان ماڻهن کان سواءِ جيڪي سرڪش ۽ اُٺن وانگر منهن موڙي الله کان ڀڄندا آهن) سموري امت جي حق ۾ بخشش قبول ٿي.

ام المومنين حضرت عائشه صديقه رضہ کان روايت آهي ته حضور صہ فرمايو ”مون وٽ جبرائيل آيو ۽ چيائين ته شعبان جي پندرهين رات الله تعاليٰ دوزخ مان ايترن گناهگارن کي آزاد ڪرڻ فرمائيندو آهي جيترا بني ڪلب جي ٻڪرين جا وار آهن پر ڪافرن, دشمني وارن, والدين جي نافرماني ڪندڙن ۽ شراب واپرائڻ وارن ڏانهن رحم جي نظر ناهي فرمائيندو.“ (بيهقي)

اميرالمومنين حضرت عائشه رضہ فرمايو ته ”مون حضور صہ جن کي شعبان کان وڌيڪ ڪنهن به مهيني ۾ روزو رکندي نه ڏٺو.“




حضرت انس رضہ بيان ڪري ٿو ته نبي ڪريم صہ کان سوال ڪيو ويو ته سڀ کان افضل نفلي روزا ڪهڙن مهينن ۾ آهن؟ فرمايائون شعبان مهيني ۾. پاڻ سڳورن فرمايو ”جيڪو شخص شعبان مهيني ۾ ٽي روزا رکندو ۽ منهنجي لاءِ صلوات و سلام پڙهندو ته الله تعاليٰ ان جا سمورا ڪيل گناهه معاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان جي رزق ۾ برڪت فرمائيندو آهي.“ حضور صہ جن فرمائين ٿا ته ”مون کي جبرائيل عليہ السلام خبر ڏني ته شعبان مهيني ۾ الله تعاليٰ رحمت جا ٽي سئو دروازا کولي ڇڏيندو آهي.“

حضرت انس فرمائي ٿو ”جيڪو شعبان مهيني ۾ هڪ روزو رکندو اهو جنت ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جو پاڙيسري هوندو ۽ ان کي حضرت ايوب رضہ ۽ حضرت دائود عہ جهڙي عبادت جو ثواب عطا ٿيندو ۽ جيڪو شعبان مهيني جا سڀ روزا رکندو ته الله تعاليٰ ان کي سڪرات جي موت کان نجات عطا فرمائيندو آهي ۽ اهو قبر جي اونداهي ۽ منڪير نڪير جي دهشت ۽ هيبت کان محفوظ ٿي ويندو آهي.“ (نزهته المجاس)

مختصر اهو ته شعبان مهيني جي اهميت ۽ فضليت تي جيترو به لکجي اهو گهٽ آهي. ان ڪري اسان کي شعبان مهيني ۾ عبادت کي وڌائڻ گهرجي نه ڪي جاهلاڻيون رسمون اختيار ڪرڻ گهرجن. اسان جي معاشري ۾ گهرن, چتين, مسجدن, وڻن ۽ قبرستانن وغيره تي روشنيون ڪرڻ, لالٽين روشن ڪرڻ, ڦٽاڪا ڇوڙڻ, آتش بازي ڪرڻ ۽ پوري رات انهي تماشي سان جاڳي گذارڻ, 15 هين شعبان جي رات يعني شب برات جي موقعي تي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ هڪ معمول بڻجي چڪو آهي, غير مذهبن جي ڏياري ۽ آتشبازيءَ جي نقل کان سواءِ ڪجهه به ناهي, جڏهن ته رسول الله صہ جن غير مسلم قومن سان هڪجهڙائي اختيار ڪرڻ کان سختي سان منع ڪندي فرمايو:

” ”مَن تَشَبَّہ بِقَومٍ فَھُوَ مِنھُم“ “ (سنن ابي دائود)

”جيڪو ڪنهن قوم سان هڪجهڙائي اختيار ڪندو آهي اهو انهن مان آهي.“

# 23 مارچ: وطن واسين لاءِ فخر جو ڏينهن

محمد ياسين

23 مارچ جو ڏينهن هڪ يادگار ڏينهن آهي جنهن جي ڪري پاڪستاني قوم اڄ آزاد فضا ۾ ساهہ کڻي رهي آهي. هي ڏينهن اسان کي ٻڌي جو درس ڏئي رهيو آهي جنهن جو مظاهرو نندي ڪنڊ جي مسلمانن منٽو پارڪ لاهور ۾ گڏ ٿي ڪري ڪيو. 23 مارچ اهو ڏينهن آهي جنهن تي نندي ڪنڊ جي مسلمانن پوري عالمي دنيا کي هي پيغام ڏنو تہ ”هي ظلم جي جاگير هاڻي تقسيم ٿيندي، ڪا بہ جبر جي کهاڻي هاڻي تسليم نہ ٿيندي، ڪو بہ ناروا سلوڪ هاڻي برداشت نہ ٿيندو.“

23مارچ ئي اهو ڏينهن آهي جڏهن بہ قومي نظريي کي عملي جامو پهرايو ويو ان نظريي کي عملي شڪل ڏيڻ وقت ايمان، اتحاد، تنظيم جي نعري کي مڪمل منظم ۽ مضبوط ڪيو ويو ۽ ڪم، ڪم ۽ صرف ڪم واري عظيم مقصد رکڻ واري قائداعظم محمد علي جناح جي هر ڳالهہ تي مهر لڳائڻ وارو وقت اچي پهتو. تمام وڏي طاقت ۽ جرئت کي دل ۾ رکي يادگار پاڪستان جي چانوَ هيٺ گڏ ٿيڻ جو آواز ڏنو ويو. هڪ اهڙو وطن ڪپي جيڪو اسان جو هجي، هڪ اهڙو جهنڊو هجي جنهن ۾ چنڊ ۽ ستارو هجي، اسان گڏجي رهنداسين ۽ گيت ڳائينداسين، اها دنيا اسان جي هوندي ۽ اسان گنگنائينداسين. توحيد جو ڪلمو هوندو، رسالت جو پيغام هوندو تنهن ملڪ جو نالو پاڪستان ٿيندو.




23 مارچ 1940ع تي ان ظلم جي زنجير کي ٽوڙيو ويو جيڪا 1857ع جي جنگ آزادي ۾ مسلمانن جو مقدر بڻي هئي، ان ڏينهن ان ظلم جبر ستم جو خاتمو آندو ويو ۽ هڪ روشن صبح جو آغاز ڪيو ويو. قائداعظم محمد علي جناح جي بلند همت ۽ للڪار، ڊاڪٽر علامہ اقبال جي فڪر انگيز للڪار، مولانا محمد علي جوهر جهڙو ذي شعور سالار، مولوي فضل حق جهڙو دين جو علمبردار ۽ اهڙن تمام وڏن عظيم اڳواڻن ۽ لکن جي تعداد ۾ عوام جي قافلن هڪ زبان ٿي پڪاريو تہ ”پاڪستان جو مطلب ڪيا؟ لاالہ الاالله“ ان نعري لڳڻ سان ئي گريٽ بريٽن جون سموريون سازشون مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويون، ڪا بہ اٽڪل ڪم ڪونہ آئي.

23 مارچ جو سفر خوني سفر طئي ڪندو اچي 14 آگسٽ 1947ع تي پنهنجي منزل تي اختتام پذير ٿيو. نهايت بلند ۽ وڏي عزم کي روڪڻ ان



وقت جي فرعون جي وس جي ڳالهه ڪونه هئي ۽ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي اتحاد ۽ يگانگيت تمام گهڻا مثال قائم ڪري خلوص، سچائي ۽ هيڪڙائي جي ڪري پاڪستان وجود ۾ آيو.

ستارن جي چمڪ ۽ چنڊ جي
دمڪ باقي رهندي
ٻوٽن جي ٻهڪ ۽ گلن جي
مهڪ باقي رهندي
رهندو نالو جن جو باقي ان جو
تذڪرو باقي رهندو.
سلام آهي ان عزم ۽ همت کي
۽ انهن بي مثل ڪوشش کي
جنهن آزادي جو شوق ۽ سينن
۾ ڌڙڪن باقي رهندي

اج جڏهن قرارداد پاڪستان کي ۽ پاڪستان جي قيام کي هڪ صدي ڪان به وڌيڪ وقت ٿي چڪو آهي تڏهن به اسان پنهنجي بزرگن جي ان عظيم قرباني کي وساري ناهيون سگهيا. جيڪا انهن اسان جي ذهني ۽ جسماني سڪون لاءِ ڏني هئي. اج جو ڏينهن هڪ اهڙو ڏينهن آهي جيڪو اسان کي هڪ عهدِ وفا جي ياد ڏياري ٿو ۽ اسان ڪان اهو واعدو ٿو وٺي ته اسان کي پنهنجي پياري وطن کي ترقيءَ جي راهه تي آڻڻ لاءِ ڪائي ڪسر ناهي ڇڏڻي ۽ اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان هڪ عظيم رياست ۽ دنيا ۾ هڪ عظيم ملڪ بڻجي. اسان سڀ پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ تمام گهڻي محنت ڪري ڪاميابي حاصل ڪيون ۽ اڻٿڪ محنت کي پنهنجي عادت بڻايون ۽ پنهنجي عظيم مقصد کي پورو ڪيون.

23مارچ هڪ يادگيرين جو ڏينهن آهي جيڪو ننڍي کنڊ جي مسلمانن آزاديءَ لاءِ 1940ع ۾ ڪيو ۽ صدين جي محنت جيتري ڪجهه سالن جي جدوجهد ڪري پاڪستان کي حاصل ڪيو. اڄوڪو ڏينهن اسان کي ان جذبي جي ياد ڏياري ٿو ۽ اڄ اسان سيني کي اهو واعدو ڪرڻو پوندو ته اسان وطن عزيز جي دفاع لاءِ ڪائي ڪسر نه ڇڏينداسين. ايمانداري ۽ محنت سان پنهنجي ملڪ کي ترقي ڏياريندسين ته جيئن اسان جو ايندڙ نسل آزاديءَ سان زندگي گهاري سگهي.

پاڪستان زنده باد.
قائداعظم پائنده باد

# عوام کي روزگار ڏيڻ لاءِ حڪومتي ڪوششون

**امام ڏنو**

روزگار هر انسان جو بنيادي حق آهي، روزگار کان سواءِ ماڻهو ايئن آهي جيئن ڪا ويران جاءِ بنا پاڻيءَ جي هجي. روزگار هر انسان جي لازمي ضرورت آهي ته جيئڻ هو به ويلا سڪون سان ڳيو ڪائي سگهي. ان حوالي سان سنڌ حڪومت روزگار لاءِ تمام گهڻا قدم کنيا آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد بينظير ڀٽو ۽ بلاول ڀٽو زرداريءَ جي صورت ۾ هاڻوڪي پيپلز پارٽي جي قيادت نوجوانن کي روزگار مهيا ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي. پيپلز پارٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري شهيد امڙ بينظير ڀٽو جي نقش قدم تي هلندي عوام کي روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ اڻ ڳڻيا قدم کنيا آهن.

تازو ئي سنڌ حڪومت پاران آءِ بي اي تحت انٽري ٽيسٽ ذريعي هزارين نوجوانن کي ميرٽ تي ڀرتي ڪري نوڪريون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي، جنهن ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر ۽ جونيئر ايلمينيٽري اسڪول ٽيچر ڀرتي ڪيا ويا، ڪيترن ئي غريب خاندانن جي نوجوانن کي ميرٽ تي روزگار سان لڳايو ويو. پيپلز پارٽي حڪومت غريب عوام کي روزگار جي فراهميءَ جو سلسلو جاري رکندي پئي اچي. واضح رهي ته پيپلز پارٽي جڏهن به اقتدار ۾ آئي آهي ته بيروزگارن لاءِ روزگار جا درواز کلي ويندا آهن ۽ بي گهر ماڻهن کي اجهو ملندو آهي.

پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت مختلف کاتن ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڪيترن ئي بيروزگار نوجوانن کي روزگار ڏنو آهي.





زراعت کاتي، صحت کاتي، وترنري، پاپوليشن وغيره ۾ بيروزگار نوجوانن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي. هاڻوڪي مهانگائي جي دور ۾ ڪورونا جي صورتحال توڙي قدرتي آفتن ۾ به سنڌ حڪومت عوام جي لاءِ ڪيترائي منصوبا ڏنا ته جيئن غريب عوام پنهنجو پيٽ گذر ڪري سگهي ۽ اني، لٽي ۽ اجهي سميت هر ضرورت پوري ڪري سگهي.

پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت غريب عوام جي سهائتا لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو ان پروگرام ذريعي لکين غريبن جي مالي مدد جو سلسلو پڻ جاري آهي. ان کان سواءِ غريب عورتن کي هنرمند بڻائڻ لاءِ هنري پروگرام شروع ڪيا آهن جنهن ۾ غريب عورتن ۽ شاگردن کي هنر جي سکيا سان گڏ وظيفا پڻ ڏنا پيا وڃن ته جيئن اُهي مختلف هنر سکي ڪري پاڪستان ۽ سنڌ سطح تي ڪم ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن. سنڌ حڪومت ڪيتريون ئي اهڙيون ڪوششون ڪيون آهن جن ۾ ڪيترن ئي بيروزگارن کي روزگار ڏنو ويو آهي ۽ انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو موقعو مهيا ڪيو آهي. هاڻوڪي سنڌ حڪومت جي عوامي ڀلائي جي حوالي سان جيتري به تعريف ڪجي اها گهٽ آهي. هن وقت صوبي ۾ هلندڙ ڪيترين ئي ترقياتي رٿائن جي تڪميل سان صوبي ۾ انفرااسٽرڪچر ۾ پڻ بهتري آئي آهي ۽ انهن ترقياتي منصوبن سان سلهاڙيل ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار جا موقعا ميسر ٿيا آهن.

عام ماڻهن جي هاڻوڪي حڪومت سان سلهاڙيل اميدن کي عملي جامو پهرائڻ ئي اصل ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اني، لٽي ۽ اجهي واري نعري توڙي عوامي ڀلائي واري منشور جي تڪميل آهي. پيپلز پارٽي جي حڪومت ڏينهن رات عوامي ڀلائي جي ڪمن ۾ رڌل آهي. انشاءَالله ايندڙ ڏينهن ۾ به عوامي ڀلائي جون ڪوششون جاري رهنديون.

# زراعت جي ترقي لاءِ ورتل ڪوششون ۽ تجويزون

**قربان حسين**

اسان جي ملڪ ۾ زراعت کي ڪرنگهي واري حيثيت حاصل آهي. سنڌ صوبو قدرتي وسيلن معدنيات ۽ ٻين نعمتن سان پڻ مالا مال خطو آهي. سنڌ ۾ زراعت جي حساب سان چار ئي مندون لاڀائتيون آهن: سيارو، بهار، اونهارو ۽ سرءُ. بهار جي موسم ۾ سنڌ ۾ مختلف قسمن جون سبزيون ۽ مکيه فصل پوکيا ويندا آهن. سياري ۾ اسين سنڌ ۾ ڪڻڪ جو فصل پوکيندا آهيون، جيڪا کاڌي جو اهم ذريعو آهي. زراعت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت تمام گهڻيون ڪوششون ڪري رهي آهي، خاص طور تي هارين کي آگاهي ڏيڻ تي ڀرپور توجهه ڏئي رهي آهي. هارين کي فصلن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ زرعي توسيع (ايگريڪلچر ايڪسٽينشن) جو ادارو فعل آهي. ايگريڪلچر ايڪسٽينشن جو فيلڊ اسسٽنٽ هارين کي گهر گهر وڃي زمين جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندو آهي. سنڌ حڪومت زراعت کي جديد بنيادن تي ترقي ڏيارڻ لاءِ ايگريڪلچر ريسرچ جا ادارا پڻ کوليا آهن جن ۾ جديد تحقيق جو سلسلو تمام ڪاميابي سان هلندڙ آهي. مختلف ٽي وي چينلن تي ايگريڪلچر جي باري ۾ بحث مباحثا پڻ جاري آهن.

هن وقت زرعي اطلاعات وارو شعبو محدود آهي تنهن ڪري ان شعبي کي وسيع ڪري ضلعي سطح تي زرعي آفيسر مقرر ڪرڻ ۽ ڳوٺن ۾ ايگريڪلچر سيمينار ڪرائڻ، زرعي نمائش جو بندوبست ۽ هارين کي ٻين صوبن وانگر نمائشي پلاٽ لڳائي ڏيڻ جي ضرورت آهي ته جيئن هارين کي وڌ کان وڌ ڄاڻ حاصل ٿئي. گذريل 60 سالن کان جيڪي ٻجن جون نيون جنسون سامهون آيون آهن يا آبادگارن پنهنجي في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو آندو آهي ان ۾ زرعي ورڪر جي خدمتن کي وساري نٿو سگهجي.

زرعي قرضن جي وقت سر فراهمي نه ٿيڻ ڪري آبادگارن لاءِ ٻج ۽ دوائون خريد ڪرڻ وڏو مسئلو آهي، نتيجو اهو نڪرندو آهي ته ننڍو آبادگار





وقت سر پوکي ڪرڻ لاءِ مجبور هوندو آهي. ان حوالي سان بينڪن جو موبائيل ڪريڊٽ آفيسر، زراعت ڪاتي ۽ آبادگار تنظيمن جا نمائندا ڪنيا وڃن ته جيئن ڪوننديو آبادگار يا هاري زرعي قرض حاصل ڪرڻ ڪان رهجي نه وڃي ۽ جيڪو به قرض ڏنو وڃي ان جي صحيح استعمال ۽ وقت سر واپسي ڪي يقيني بڻايو وڃي.

پيپلزپارٽي جي هاڻوڪي سنڌ حڪومت هارين جي خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ ساراهه جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي. 1972ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت ملڪ ۾ پهريون پيرو زرعي سڌارا عمل ۾ آندا ۽ ان ڪانپوءِ شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومتي دور ۾ پڻ هارين ۾ زمين ورهائي ڪين معاشي طور پاڻ ڀرو ڪيو ويو هو. زراعت ڪاتي هر ڏکي ويل آبادگارن جو ساٿ ڏنو آهي.

انسان صدين ڪان وٺي زمين جو سينو چيري ان ۾ پنهنجي ضرورت مطابق مختلف قسم جا فصل پيدا ڪندو رهيو آهي، زمين به پنهنجي هنج مان انسان ذات جي ضرورتن ڪي پورو ڪندي آهي، اهو ئي سبب آهي ته ڪيترن ئي مفڪرن ۽ دانشورن جي اها چوڻي آهي ته ”زمين انسان جي ماءُ آهي.“

انسانن جي آباديءَ ۾ لڳاتار اضافو ٿيندو رهيو آهي، انسان پنهنجي ضرورتن جي پورائي لاءِ جستجو ڪندو رهي ٿو ۽ وسيلا ڪتب آڻي ٿو ۽ پيداوار وڌائڻ لاءِ نت نوان طريقا ۽ وسيلا پڻ استعمال ڪري ٿو. هاري نئين ٽيڪنالاجي سان زمين ڪي اونهار ۽ هائبرڊ ٻج ۽ نوان وسيلا ڪتب آڻي پيداوار وڌائي سگهن ٿا. سنڌ حڪومت زرعي ترقيءَ لاءِ اهم قدم ڪڻي رهي آهي. ان حوالي سان ٻاهرين ملڪن ۽ تنظيمن جي سهڪار سان مختلف اسڪيمون پڻ هلندڙ آهن. جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه توانائي ۽ زرعي شعبي ۾ چائنا جي سيڙپڪارن ڪي پڻ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني آهي. ڪين اهو يقين ڏياريو ويو آهي ته سنڌ ۾ هن وقت مڪمل امن امان آهي. زرعي شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ سان ٻنهي ملڪن جي معيشت مستحڪم ٿيندي ۽ عوام جو پڻ رابطو وڌندو. زراعت جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن.

# سنڌ حڪومت پاران ڪينسر جهڙي هاڃيڪار مرض ۾ مبتلا مريضن لاءِ زبردست سهولتن جي فراهمي

سفير احمد

ڪئنسر حياتي ڪسيندڙ موذي مرض آهي، جيڪو مختلف صورتن ۾ ماڻهن کي ٿيو وڃي. پر سهولتن ۽ وسيلن جي اڻاٺ سبب ڪيترائي ڪئنسر جا مريض هميشه موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن. خاص طور تي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي جي ڪچين آبادين ۾ اهو مرض تمام گهڻو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هڪ ته ڪچين آبادين ۾ ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ناهي، گڏوگڏ گٽڪي، پان، سوپارين ۽ ٻين نشي آور شين جي وڌيڪ استعمال سبب ماڻهو ان بيماريءَ جو شڪار ٿين ٿا. جڏهن ته اهڙا ماڻهو هيٺين طبقي جا هوندا آهن، ان ڪري علاج ڪرائڻ ۽ دوائن خريد ڪرڻ جي طاقت نه هجڻ سبب اوس موت سندن مقدر بڻجي ويندو آهي.

ڪئنسر جو موتمار مرض گهڻي ڀاڱي لاڙ جي پٽي خاص طور ٺٽي، گهاري، سجاول، ميرپور بٺوري، بدين، ڦلڪارا، ماتلي، ڪيٽي واري پاسي عام آهي. ڇو ته انهن علائقن ۾ پان، گٽڪو نشيدار مائوءِ نشيدار سوپاريون عام جام وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. حالانڪ حڪومت طرفان اهي سموريون شيون وڪرو ڪرڻ ۽ واپرائڻ تي مڪمل طور پابندي آهي. باوجود ان جي مقامي اثر رسوخ رکندڙ منشيات جا واپاري پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙن جي مدد سان اهو زهر وڪڻي رهيا آهن، جنهن تي بهرحال ضابطي آڻڻ جي ضرورت آهي.

ڪئنسر جو سبب بڻجندڙ گٽڪو مائو نشيدار سوپاريون، پان ۽ ٻيون نشي آور شيون گهڻي ڀاڱي ڪراچي ۾ پڻ تمام گهڻيون واپرايون وڃن ٿيون. ان ڪارڻ انهي علائقي جا ماڻهو وات جي ڪئنسر جو تمام گهڻو شڪار ٿين ٿا. هاڻي ته اهو زهر سنڌ جي وڏن شهرن سکر، لاڙڪاڻي، حيدرآباد کان سواءِ دادو، سيوهڻ، گهوٽڪي، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ۽ ٻين جاين تي پڻ سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي.

ڏٺو وڃي ته هڪ پاسي ماڻهن جي پنهنجي صحت کان لاتعلقي ۽ خيال نه رکڻ جو اهو عالم آهي ته ٻئي طرف سنڌ حڪومت ماڻهن جون زندگيون بچائڻ ۽ کين صحت جون بهتر



ڪان بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان آهي. جناح اسپتال جيڪا هاڻي سنڌ حڪومت جي زير نگراني هلي رهي آهي، اتي پڻ بهترين ڪئنسر وارڊ موجود آهي. ايس آءِ يو ٽي جنهن کي پڻ سنڌ حڪومت اربين رپيا فنڊ مهيا ڪري ٿي، ان ڪارڻ ئي اتي ماڻهن جو مفت علاج ممڪن آهي. ايس آءِ يو ٽي ۾ پڻ ڪئنسر جي مريضن لاءِ مفت علاج ميسر آهي، پورو وارڊ آهي، صاف ستري ۽ سهولتن سان آراسته جتي پڻ مريضن جو بنا ڪنهن متڀيد جي مفت علاج ڪيو وڃي ٿو.

پيپلزپارٽي جي سنڌ سرڪار عوام کي علاج جون مفت سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هر وقت جدوجهد ۾ رڌل آهي. ويجهڙ ۾ ئي ڊائو اسپتال اوجها ڪئمپس جي نئين او پي ڊي ڪامپليڪس جو پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري افتتاح پڻ ڪيو. ساڻس سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه پڻ گڏ هو. اهو او پي ڊي ڪامپليڪس ڇهن بلاڪن تي مشتمل آهي. جيڪو سنڌ حڪومت جي گرانٽ سان 500 ملين جي لاڳت سان جُڙي راس ٿيو آهي. جنهن مان روزانو سوين مريض مستفيد ٿي سگهندا. ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير مراد علي شاهه ڪئنسر يونٽ جي پيڙهه جو پٿر پڻ رکيو. گڏو گڏ هڪ وڻ به پوکيو.



تقريب دوران وفاقي پرڏيهي وزير ۽ پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ۽ ڊائو اسپتال جي عملي کي ڪراچي شهر اندر جگر جي معياري ٽرانسپلانٽ ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني. سندس چوڻ هو ته اسان هيومن ريسورسز بهتر طريقي سان استعمال ڪري ماڻهن کي بهتر کان بهتر صحت جون سهولتون مهيا ڪري سگهون ٿا. سنڌ حڪومت جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته عام ماڻهو کي صحت، علاج جون بهتر معياري سهولتون مهيا ڪري ڏجن. ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو ته ڊائو اسپتال ۾ 100 جگر جي ٽرانسپلانٽيشن جو خرچ سنڌ حڪومت پريندي.

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت جو ايمان آهي ته هر شهري کي معياري ۽ سستو علاج ميسر ٿي سگهي. هن صحت جي عملي جي ساراهه ڪندي چيو ته ڪورونا وارن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ خاص طور صحت جي عملي ڏينهن رات هڪ ڪري ماڻهن جون زندگيون بچايون. اهو جذبو جاري رهڻ گهرجي، اسان جيڪڏهن ان جذبي سان اڳتي وڌندا رهنداسين ته سنڌ صوبو صحت جي شعبي ۾ هميشه جيان اڳيرو رهندو. ڊائو اسپتال ۾ تراما سينٽر اڳ ۾ ئي ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن ڪارڻ ايمرجنسي ۾ حادثي جي صورت ۾ سچل گوٺ، ماروئڙا، صفوران، موسميات جي علائقن لاءِ گهر ويجهو تمام وڏي سهولت ميسر ٿي وئي آهي. هاڻي وري سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ڊائو اسپتال جگر جي ٽرانسپلانٽ جو سلسلو شروع ڪيو آهي جيڪو نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ ته جگر جون

بيمارين هاڻ عام آهن. اڪثر ماڻهو انهن بيمارين جي ڪري مري وڃن ٿا پر سنڌ حڪومت اها سهولت مهيا ڪري ماڻهن کي وڏو سهارو ڏنو آهي. ليڪن شرط اهو آهي ته سنڌ حڪومت جي گرانٽ تي هلندڙ ان سهولت کي مفت مريضن کي ميسر ڪيو وڃي، اهڙي سهولت کي قطعي طور ڪمرشل نه ڪيو وڃي.

هيپاٽائيٽس ۾ مبتلا اڪثر مريض جگر جا ئي مريض هجن ٿا. اهي جگر ختم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ بي يارو مددگار موت جو انتظار ڪندا آهن، ليڪن ڊائو اسپتال ۾ سنڌ حڪومت اهڙي سهولت مفت مهيا ڪري سندن زندگيون بچائڻ جو هڪ وسيلو پئدا ڪيو آهي. مشاهدي ۾ اها ڳالهه آئي آهي ته جگر جا اڪثر مريض علاج، ٽرانسپلانٽيشن جي گهربل رقم نه هجڻ سبب تڙپي تڙپي دم ڏٺي حوالي ڪندا آهن. هينئر تائين دائو اسپتال اوجها ڪئمپس سنڌ حڪومت جي مدد سان 75 جگر جي ٽرانسپلانٽ جا ڪامياب آپريشن ڪيا آهن. سنڌ حڪومت مستقبل ۾ به اسپتال کي ان مد ۾ وڏيڪ گرانٽس ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي. جڏهن ته گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ سائنسز (گمس) ۾ هينئر تائين 500 جگر جي ٽرانسپلانٽ مفت ڪري چڪو آهي. انهن سمورن ٽرانسپلانٽيشن لاءِ ڪين سنڌ حڪومت جي مالي مدد ۽ تعاون حاصل رهيو. ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻ ۽ خير جو ڪم ڪندڙ به اسپتال جي مدد ڪري مفت جگر جي ٽرانسپلانٽيشن کي هٿي وٺرائي سگهن ٿا. ياد هجي ته ڪئنسر ڪو لاعلاج مرض نه آهي، هاڻ جديد ٽيڪنالاجي وسيلي ان جو هر ممڪن علاج ممڪن آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جون ڪوششون ۽ ڪاوشون قابل ديد آهن. ڪئنسر جو جديد طريقي سان علاج ڪيئن ممڪن آهي؟ ان حوالي سان انجينئر فلڪ ناز سومرو جو چوڻ آهي ته: "مائيڪرو ويو فريڪوئنس جي



سائنسي نيٽو ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي تحت بريسٽ ڪئنسر جو جديد علاج ڪري سگهبو جڏهن ته اڳ بريسٽ ڪئنسر يا ٻي ڪئنسر جي بيماري ۾ متاثر مريض جي جسم جو متاثر حصو ڪپي ڇڏيندا هئا، جڏهن ته هاڻي آهستي آهستي نئين تحقيق ۽ جديد اوزارن وسيلي مخصوص متاثر سلين کي صرف ساڙيو وڃي ٿو جيڪو پڻ هڪ پيچيده طريقو آهي، نينو ٽيڪنالاجي وسيلي ننڍڙا اُلا جسم اندر موڪلي توڙي جسم جي مٿان آپريشن ذريعي اهڙي طرح شعاع ڏنا ويندا آهن ته جيئن جسم جي صرف متاثر سلين کي ئي ساڙي ختم ڪيو وڃي، جنهن سان ڪئنسر جي مريض جي زندگي بچائڻ ممڪن هوندو آهي. "

ڊائو اسپتال جي نئين او پي ڊي ڪامپليڪس جي افتتاح ۽ ڪئنسر يونٽ جو پيڙهه جو پٿر رکڻ جي موقعي تي پورهئي وارو صوبائي وزير سعيد غني، پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو صحت جو صوبائي سيڪريٽري جهانزيب حيدر، ڊائو يونيورسٽي اسپتال جو وائيس چانسلر پروفيسر سعيد قريشي ۽ ٻيا موجود هئا.

ڏنو وڃي ته ڊائو اسپتال اوجها ڪئمپس ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان نئين او پي ڊي ڪامپليڪس جو جڙي راس ٿيڻ ۽ ڪئنسر يونٽ جي پيڙهه جو پٿر رکڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. اڳ ۾ ئي اوجها ڪئمپس ٽي بي جي مريضن لاءِ تمام وڏيون خدمتون مفت ۾ سرانجام ڏئي رهيو آهي. نه وسارڻ کپي ته اوجها نالي جنهن سنڌي اها سوين ايڪڙ زمين ٽي بي مريضن جي علاج لاءِ مفت ڏني هئي، ان جو مقصد به خلق خدا جي خدمت ڪرڻ هو. اڄ سنڌ حڪومت اهڙا منصوبا شروع ڪري جڻ ته ان خدا ترس ماڻهو جا خواب ساپيان ڪري رهي آهي.

# پنهنجي ٻارن سان پڙهائيءَ ۾ مددگار ٿيو!!

يونس ملڪاڻي



استادن کان سواءِ تعليم ۽ تربيت جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري عام طرح تعليم جي حوالي سان بهتري يا بدتريءَ جي پوري ذميواري استاد مٿان هنئي ويندي آهي جنهن جا خراب نتيجا اڄ اسان جي تعليمي معيار مان ڏسي سگهجن ٿا. جيڪر والدين پنهنجي ذميواريءَ کي صرف ٻار کي باقاعدگيءَ سان اسڪول موڪلڻ، ڪتاب، ڪاپيون ۽ ڊريس وٺي ڏيڻ کان ڪجهه وڌيڪ محسوس ڪن ته هوند سندن ٻار جي تعليم تي مثبت اثر پون ۽ استاد پڻ وڌيڪ بهتر طريقي سان پنهنجي فرضن جي ادائيگي ڪري سگهي.

والدين جي حيثيت ۾ اوهان جي ذميواري آهي ته اوهان مسلسل اها ڄاڻ رکو ته اوهان جو ٻار اسڪول ۾ ڇا ڪندو آهي ۽ سندس تعليمي سفر ڪيئن گذري رهيو آهي. والدين کي پنهنجي ٻار جي رپورٽ ڪارڊن، امتحاني توڙي ٽيسٽ نتيجن، غير نصابي سرگرمين توڙي هوم ورڪ تي انحصار ڪرڻ بجاءِ پاڻ اسڪول ۽ استاد سان لهه وچڙ ۾ اچي ٻار جي پروگريس پڇڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان اهو نٿا ڪريو ته اوهان وٽ پنهنجي ٻار جي تعليمي معيار جي جاچ طور فقط اسڪول جون رپورٽون ۽ ڪارڊ هوندا جن تي انحصار ڪرڻ اوهان ۽ اوهان جي ٻار جي آئيندي لاءِ ڪو ايڏو گهڻو فائديمند نه ٿيندو ڇو ته اسڪول جون روايتي ٽيسٽون توڙي امتحان جا نتيجا توهان جي ٻار جي ٻين ٻارن سان ڀيٽ جي آڌار تي ٺهيل هوندا آهن. مثال طور اوهان جو ٻار جنهن اسڪول ۾ پڙهي ٿو ان اسڪول جا ٻيا ٻار سائنس جي ٽيسٽ ۾ 100 مان 30 ۽ اوهان جو ٻار 33 مارڪون کڻي ٻين ٻارن کان سرسي حاصل ڪري ڪلاس ۾ پهرين پوزيشن ٿو ماڻي ته ٻين ٻارن سان ڀيٽ ۾ ته هو اڳتي نڪتل نظر ايندو پر حقيقت ۾ هن ڪي گهڻا نمبر حاصل ناهن ڪيا. اسان جا والدين اهڙي قسم جي پوزيشنن تي خوش ۽ مطمئن نظر ايندا آهن. پر حقيقت ۾ اهڙو رويو ٻار جي تعليمي بهتريءَ جي حوالي سان ڪنهن به صورت ۾ سُٺا

نتيجا ناهي ڏيئي سگهندو.

والدين کي ٻار کي اسڪول مان ملندڙ سبق ۽ ان مان ٿيندڙ حاصلات بابت باخبر رهڻ گهرجي، کين نه صرف والدين هجڻ جا فرض ادا ڪرڻا آهن پر کين ٻارن جو گهريلو استاد پڻ ٻڻجڻو آهي، کين ٻارن جي مستقبل بابت پلاننگ ڪرڻ گهرجي ۽ ان موجب ٻارن جي پڙهائيءَ جي حاصلات جي ڄاڻ وٺندا رهن. هتي سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته امتحانن کان اڳ يا اسڪول مان رپورٽ ڪارڊ ملڻ کان اڳ والدين پنهنجي ٻار جي کهڙي جاچ ڪري سگهن ٿا؟ ان سلسلي ۾ والدين کي پنهنجا ڪجهه اصول ۽ معيار مقرر ڪرڻا پوندا جن آڌار هو پنهنجي ٻارن جي پڙهائيءَ بابت باخبر رهي سگهن ٿا. کين پنهنجي ٻار کي ملندڙ سبق بابت ڄاڻ هوندي ته هو ان بابت پنهنجي ٻار توڙي ٻار جي استاد سان ڪچهري ڪري سگهن ٿا ۽ آئينده لاءِ فيصلا ڪري سگهن ٿا. والدين ٻارن جي پڙهائيءَ بابت پنهنجا ڪاٿا مقرر ڪري سگهن ٿا. شاهه ولي الله محدث دهلوي پنهنجي ڪتاب فن دانشمندي ۾ پڙهائي جا ٽي درجا بيان ڪيا آهن، جن موجب ڪنهن به سبق جي مواد جي سڌ پئجي وڃڻ، مواد سمجهه ۾ اچڻ ۽ اهو مواد پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪري سگهڻ جو مطلب آهي ته شاگرد سبق پڪو ڪري ورتو آهي ۽ ان جي استاد کيس درست پڙهايو آهي. هڪ تحقيق موجب ٻار کان سندس اسڪول ۾ مليل سبق بابت گهر ۾ پڇڻ سان ٻار جي نه صرف همت افزائي ٿئي ٿي پر ٻار ۾ خوشيءَ جو اهڙو احساس پيدا ٿيندو آهي جنهن سان سندس ذهني صلاحيتن تي وڏو فرق پوندو آهي. ذميوار والدين هجڻ ناتي اوهان سمجهو ٿا ته ٻار، استاد ۽ والدين هڪ ئي گاڏيءَ جا ٽي ڦيٿا آهن ان لاءِ اوهان کي پنهنجي ٻار جي تعليمي واڌاري توڙي ان ۾ ڪميءَ بابت مڪمل باخبر رهڻ گهرجي. ان مقصد خاطر اوهان وٽ روزانو ٻارن سان ڪجهه گهڙيون گذارڻ سان گڏ اوهان جي ماهوار شيڊول ۾ اسڪول وڃڻ توڙي پنهنجي ٻار جي استاد سان ملاقات جو وقت ضرور طئي ٿيل هجي جنهن تي اوهان انتهائي پابندي سان عمل پڻ ڪريو. اهو عمل اوهان کي پنهنجي ٻار جي تعليمي مسئلن، انهن جي حل ۽ آئينده لاءِ مسئلن کي روڪڻ ۾ انتهائي اهم رهنمائي فراهم ڪندو ۽ ان سان اوهان جي ٻار جي لاءِ ڪوڙ آسانيون پيدا ٿينديون ۽ هن کي پنهنجي تعليمي مونجهارن جو آسان حل ملي سگهندو. اڪثر والدين ٻار جي تعليمي پروگريس ڄاڻڻ خاطر استاد سان رابطو رکندا آهن ۽ استاد کان ٻار جي تعليم بابت حال احوال وٺي مطمئن رهندا آهن. اوهان اڪثر ڏٺو هوندو ته ڪنهن استاد کان سندس ڪنهن شاگرد بابت رايو وٺبو آهي ته هو روايتي جواب ڏيندا آهن جيئن اوهان جو ٻار اڳي کان بهتر پيو وڃي يا هاڻي وڌيڪ محنت ڪرڻ لڳو آهي. اهڙا روايتي جواب ٻڌي والدين پڻ مطمئن ٿي ويندا آهن. ان حوالي سان استاد کي ڏوهاري نٿو ڪري سگهجي ڇو ته اسان وٽ اڪثر هڪ استاد وٽ سٺ کان اسي شاگرد هوندا آهن جن جي باري ۾ استاد الڳ الڳ ۽ تفصيلي رايا نٿو رکي سگهي. اهڙا والدين جيڪي پنهنجا ٻار ملٽي ليول ڪلاسن (Multi Level Class) (هڪ ئي ڪلاس ۾ هڪ کان وڌيڪ درجن جا ٻار) ۾ موڪليندا آهن يا انهن جي علائقي ۾ هڪ اسڪول، هڪ استاد وارو نظام آهي ته اهڙن والدين جي ذميواري ويتر وڌي ويندي آهي ته اهي پنهنجي ٻار جي تعليمي بهتري ۽ ان کي پيش ايندڙ مسئلن بابت استاد سان ڪيل ملاقات تي انحصار ڪرڻ بجاءِ پاڻ توجهه ڏين ۽ پنهنجي ٻار جي تعليمي پروگريس جي نظرداري ڪن. ملٽي ليول ڪلاسن کان سواءِ پڻ والدين پنهنجي ٻارن جي پڙهائي تي نظر رکن ۽ ان بابت پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن ته بهتر ٿيندو ڇو ته والدين پنهنجي ٻار کي بهتر نموني سڃاڻندا ۽ ٻار جي آئيندي

بابت فڪرمند پڻ هوندا آهن. جيڪڏهن والدين پنهنجي ٻارن جي پڙهائيءَ بابت پاڻ فڪرمند ٿيندي پنهنجي ٻار جي پڙهائيءَ کي نظر ۾ رکندا ته ٻارن جي مستقبل بابت ڪين اجائي پريشاني نه ٿيندي.

تعليمي ماهرن جو چوڻ آهي ته والدين پاران پنهنجي ٻارن جي تعليمي سرگرمين پروگريس تي نظر رکڻ وارو ڪم سندن سمورن ڪمن ڪارين جي لسٽ ۾ سڀ کان مٿاهون هجڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ والدين پنهنجي ٻارن جي اسڪول سان لازمي رابطي ۾ رهن، ڪين گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ هڪ ڀيرو پنهنجي ٻار جي اسڪول جو لازمي ڀيرو ڀيڄڻ گهرجي، سندن ان عمل سان نه صرف ٻار جي حوصلا افزائي ٿيندي پر سندن ٻار جي استاد کي پڻ پنهنجي ذميواريءَ جو احساس ٿيندو. ان سان گڏ والدين اسڪول جي ماحول ۽ اتي جي مسئلن بابت پڻ باخبر رهي سگهندا. مشهور ڪتاب ”پنهنجي ٻار جي ذهانت وڌايو“ جي ليڪڪ ايسٽر اينڊريو جو چوڻ آهي ته جن والدين وٽ پنهنجي ٻارن جي اسڪول سان رابطو رکڻ اولين ترجيح آهي انهن جا ٻار پڙهائي ۾ استاد پڻ ٻارن کي پڙهائڻ کي اولين ترجيح تي رکن ٿا. ان جي ابتڙ جيڪي والدين اسڪول سان رابطو ناهن ڪندا، انهن جا ٻار پنهنجي والدين کان پنهنجي تعليمي اوسر بابت ڳالهائڻ کان لنوائين ٿا. جڏهن ته سندن ٻارن جا استاد پڻ والدين جي عدم دلچسپي جي ڪري بي اونا نظر ايندا آهن. جڏهن والدين پنهنجي ٻار جي اسڪول ويندا آهن ته ڪين اسڪول جي صحيح صورتحال جو اندازو ٿيندو آهي. اڪثر والدين گس ويندي استاد کان ٻار جي پروگريس بابت پڇا ڪندا آهن جنهن جو استاد درست جواب ناهي ڏيئي سگهندو پر جڏهن ان استاد کان اسڪول ۾ وڃي ٻار جي پروگريس پڇا ڪندا ته هو ٻار بابت مطمئن ڪندڙ جواب به ڏيندو ۽ ان جو حل پڻ ٻڌائي سگهندو.

والدين کي استاد کان ٻارن بابت سمورا سوال ڪرڻ گهرجن ۽ انهن جي حل بابت مشورو گهرڻ گهرجي ته جيئن والدين ۽ استاد يڪراءِ ٿي مسئلي جي حل ڏانهن وڌي سگهن. ٻي صورت ۾ ٻار هڪجهڙن مسئلن باوجود والدين ۽ استاد جي ٻن الڳ قسم جي روين ۾ جڪڙجي ويندو آهي. جيڪڏهن استاد سبقي خاڪن (Lesson plan) موجب پڙهائي ٿو ته والدين سميت استاد کي پڻ اها سولائي ٿيندي ته هو شاگرد جي تعليمي اوسر سولائيءَ سان جاچي سگهي، سبقي خاڪن موجب پڙهائيءَ جي حاصلات جو اندازو لڳائي سگهي. والدين کي پڻ استادن کان سبقي خاڪن موجب هدايتون ۽ مشورا طلب ڪرڻ گهرجن ۽ ان آڌار پنهنجي ٻار تي گهر ۾ پڻ توجهه ڏيڻ گهرجي. اهڙي طرح جيڪڏهن اوهان جي علائقي جي اسڪول انتظاميا والدين سان گڏجاڻي (Parents Meeting) يا ٻيا پروگرام ڪندي رهي ٿي ته اوهان کي ڪوشش ڪري اهڙين گڏجاڻين ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪرڻ گهرجي ته جيئن اوهان اسڪول جي مسئلن ۽ تعليمي پاليسين بابت باخبر رهو.

سنڌ ۾ هر سرڪاري اسڪول ۾ اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي ٺهيل آهي جنهن ۾ والدين جي شرڪت لازمي قرار ڏنل آهي. انهي ڪاميٽيءَ جو ڪم ٿي اسڪول انتظاميا ۽ والدين جي وچ ۾ رابطو ڪرائڻ آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي علائقي جي اسڪول جي ڪنهن مسئلي جي ڪري پريشان آهيو يا اوهان کي لڳي ٿو ته ان مسئلي جي ڪري اوهان جي ٻار تي ڪي ناڪاري اثر پئون پيا، يا وري اوهان اسڪول ۾ موجود سهولتن ۾ واڌارو يا بهتري آڻڻ چاهيو ٿا ته اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي ذريعي اهو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو چو ته ڪاميٽي کي هر سال سنڌ سرڪار مقرر ڪيل فنڊز فراهم ڪري ٿي. والدين جي عدم دلچسپيءَ جي ڪري اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي کي ملندڙ فنڊز درست نموني

خرچ ناهن ٿي سگهندا جنهن جو نتيجو اوهان جي پنهنجي ٻار کي اسڪول ۾ غير ميسر سهولتن جي شڪل ۾ نڪري ٿو. اسڪول سان رابطي ۾ رهندي نه صرف اوهان پنهنجي ٻار جي تعليم بهتر ڪري سگهو ٿا پر علائقي جي ٻين ٻارن لاءِ پڻ سهولتون پيدا ڪري سگهو ٿا. ٻئي پاسي والدين جي گڏجاڻين يا اسڪول جي پروگرامن ۾ش رڪت ڪرڻ سان اوهان کي ٻين والدين سان گڏجاڻيون ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ اهي رابطا تمام گهڻن مسئلن جو حل ڪڍي ايندا آهن. ان لاءِ اسڪول جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ ٻين والدين سان پڻ رابطي ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪريو.

نالي واري تعليمي صلاحڪار انجيلا نورٽن موجب جيڪي والدين ننڍي هوندي کان ٻارن سان تعليمي معاملن بابت رابطي ۾ رهن ٿا انهن جا ٻار وڏا ٿي به پنهنجي آئينده بابت پنهنجي والدين سان مشورو ۽ انهن جي مشورن تي عمل ڪندا آهن. ٻارن جي تعليمي پروگريس جاچڻ لاءِ والدين کي اسڪول ۽ استاد سان مسلسل رابطي ۾ رهڻ سان گڏ گهر ۾ پڻ اپاءَ وٺڻ گهرجن. موڪل کان پوءِ جڏهن ٻار گهر پهچڻ ٿا ته گهروارن کي ٻار کان اسڪول جي ڪرگذاري پڇڻ گهرجي جيئن ڪين ان ڏينهن اسڪول ۾ ٿيندڙ سرگرمي بابت ڄاڻ ملي سگهي. گهر ۾ هوم ورڪ ڪرڻ لاءِ الڳ جڳهه لازمي هجڻ گهرجي جيڪا پرسڪون ۽ آرمده هجي ۽ والدين جي نظرداري ۾ هجي. اڪثر ٻار هوم ورڪ ڪندي بور ٿي پون ٿا پر هڪ سمجهدار ماءُ يا پيءُ پنهنجي اولاد جي احساسن کي سمجهن ٿا ۽ انهن کي گهرجي ته هوم ورڪ دوران پنهنجي ٻارن سان گڏ ويهن ۽ انهن سان هوم ورڪ سميت لاڳاپيل مضمون بابت ڳالهائڻ گهرجي. والدين جي اها پڻ ذميواري آهي ته هو پنهنجي ٻار کي اسڪول موڪلڻ کان اڳ پڙهن ۽ سکڻ لاءِ تيار ڪري موڪلين ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن والدين پنهنجي ٻارن سان سندن تعليم بابت ڪچهريون ڪن ۽ پنهنجو پاڻ ۾ سکيا ڏيڻ وارا گر آڻين. ڪين پنهنجي ٻار جي ڪتابن جي ڄاڻ هجڻ گهرجي، اُهي ايئن محسوس ڪرائين ته ٻار جي پڙهائي سندن پنهنجي تعليم آهي ۽ گڏوگڏ اسڪول مان سبق ملڻ کانپوءِ اڳين سبق بابت والدين پنهنجي ٻارن کي آگاهه ڪن ته جيئن ٻار اسڪول وڃڻ مهل نه صرف پڙهڻ جي موڊ ۾ هجن پر ڪين خبر به هجي ته اڄ ڇا جي باري ۾ پڙهايو ويندو. پنهنجي ٻارن جي پڙهائيءَ بابت اهڙي توجهه ڏيڻ وارا والدين اسڪول مان واپسيءَ تي پنهنجي ٻار جي نه صرف پڙهائي ۾ مدد ڪري سگهندا پر ڪين ٻار جي پڙهائيءَ بابت مڪمل ڄاڻ به رهندي.

والدين کي ياد رکڻ گهرجي ته سندن ذميواري صرف تربيت فراهم ڪرڻ ناهي ۽ نه وري استاد جو ڪم صرف تعليم فراهم ڪرڻ آهي. جيئن تعليم ۽ تربيت جو ذڪر هميشه گڏوگڏ ٿئي ٿو ايئن استاد ۽ والدين پڻ گڏ هلن ٿا. توڙي جو استاد تي تعليم ڏيڻ جي ذميواري وڌيڪ آهي پر هو تربيت کان به انڪار نٿو ڪري سگهي. اهڙي طرح والدين جي وڏي ذميواري تربيت ڏيڻ آهي پر هو تعليم ڏيڻ کان انڪار نٿا ڪري سگهن. ان لاءِ ڪڏهن استاد تعليم بجاءِ تربيت فراهم ڪندو آهي ته وري ڪڏهن ماءُ پيءُ ٻار کي تعليم ڏيئي رهيا هوندا آهن. ٻار لاءِ پهريون استاد ماءُ هوندي آهي ۽ پهريون اسڪول گهر هوندو آهي ۽ ان ماحول جو مٿس پوري حياتي اثر رهندو آهي. ان لاءِ والدين کي وڌيڪ محتاط رهڻ گهرجي ڇو ته والدين پڻ پڙهائي جي سڀي مرحلي ۾ برابر جا ڀاڱي ڀائيوار هوندا آهن. اسان وٽ ٻارن جي شاگرد هجڻ يا اولاد هجڻ ناتي تمام گهڻي تربيت ڪئي ويندي آهي پر والدين جي تربيت جي تمام گهڻي کوٽ آهي جنهن جي پورائي لاءِ خود والدين کي ئي سرگرم ٿيڻو پوندو.

# سنڌ جي اسڪولن ۾ سائنس جي تعليم

**حبدار علي**

پاڪستان ۾ سنڌ جي تاريخ کي ڏسجي تہ 50، 70، 80 ۽ 90ع وارا ڏهاڪا اهي سونهري دور ليکبا هئا جڏهن پاڪستان ۾ سائنس ڪلچر جو چاهہ هو. سائنس فيئرز سميت اڪيچار پليٽ فارمن تان سائنسي ڪارناما پڌرا ٿيندا رهندا هئا. ان دور ۾ علم سان چاهت جو عالم اهڙو هو جو هر شاگرد پاڻ کي باوقار ۽ تعليم يافتہ ڪرڻ لاءِ دل و جان سان جاکوڙيندو هو. سرڪاري اسڪولن ۾ استاد ٻارن کي پڙهائڻ سان گڏ کين تهذيب ۽ ڊسيپلين جو سبق سيکاريندا هئا. پر پوءِ جڏهن سرڪاري تعليم سياسي رشوت طور ووٽ بينڪ شمار ٿيڻ لڳي تہ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ گوسڙو استادن جو ڪيڊر پيدا ٿي پيو جنهن لاءِ ٻني ٻارو ۽ ماستري مستقل نوڪريءَ جو بندوبست رهيو تہ پر گڏوگڏ اهڙن استادن گهر ويني پگهار وٺڻ کي ترجيح ڏيندي گريڊ پروموشن لاءِ غير معياري نصابي ڪتاب ۽ گائيڊبون لکي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو پر .... پر سوال هيءُ آهي تہ ماضيءَ کي ڏسجي يا اجوڪي ڊجيٽل آن لائن دور کي- هر دور ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن نوجوان شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي ڀَل تي ذاتي عزت ۽ ذات کي مانُ ڏيندي هر دور ۾ سوڀ ماڻي آهي. ساڳي ڪار سنڌي شاگردن شاگردياڻين جي آهي جن جو ٿورو انگ ئي پهرين، ٻئي ۽ ٽين پوزيشن ماڻيندو آهي.

ڊسيپلين، مستقل مزاجي ۽ ٽائيم شيڊول اڄ بہ ڪاميابيءَ جا بنيادي اصول آهن. 90ع جي ڏهاڪي تائين اسين ڪاغذ ۽ قلم جي دور ۾ هئاسين. اڄ اسان 2000ع ۾ اي پيپر، اي پين جي دور ۾ اچي چڪا آهيون جتي قلم ڪمپوزنگ ۽ تجربو گروپ ريسرچ ٿي ويو آهي.

سنڌ حڪومت پاران تعليم جي ميدان ۾ آن لائن ايجوڪيشن لاءِ ورتل ڪوشش سنڌ واسي نوجوانن لاءِ پنهنجي ذهن کي سائنسي لاڙا ڏيڻ لاءِ ڪيترائي موقعا مهيا ڪري ٿي. گوگل، انٽل انٽرنيشنل سائنس فيئر سميت سافٽ ويئر پاران اسٽارٽ اپس لاءِ ورتل ڪوشش اسان جي ڌيان جون محتاج آهن. سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي





پنهنجي وِت ۾ صلاحيتن آڌار اڳتي قدم وڌائڻو آهي. ڪيئن!؟ اچو تہ ڪجھ گهڙيون من ۾ جهاتي پائي ڏسون تہ اسان ڪيترا عقلمند، ڏاها ۽ حاضر جواب آهيون.

زندگيءَ جي ويڙھ هِن دنيا ۾ هر ڪو اڪيلي ويڙھ وڙهي ٿو پر ان لاءِ سهڪاري سنگت پنهنجا ئي ابو امڙ، پرين پيارا هوندا آهن جن جي تجربن جي ڏاڪڻ تي وک رکي اسين اڳتي وڌندا آهيون. اسان کي بہ سهڪاري سنگت تي دنيا جي ڪامياب ماڻهن جا داستان، آتم ڪٿائون ۽ جيون ڪٿائون پڙهڻ گهرجن تہ جيئن خبر پوي تہ انهن ڏکي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇا ڇا ڪيو.

سنڌ جي گريجوئيٽ شاگردن لاءِ ان کان وڌيڪ خوشيءَ جي ڪهڙي ڳالھ هوندي تہ سنڌ حڪومت پاڪستان سرڪار، آمريڪا، چين، برطانيا، روس، جاپان جي سهڪار سان ڊجيٽل ايجوڪيشن کي هٿي ڏيارڻ لاءِ پهرين جماعت کان ٻارهين جماعت تائين آن لائن ڊجيٽل ويب پورٽل متعارف ڪرايو آهي. ”ٽيلي اسڪول تعليم گھر گھر“ نالي قومي نصاب سان هم آهنگ هيءَ ڊجيٽل ويب 6 لائيو چينلن تي سيني مضمونن جي وڊيو ليڪچرز تي ٻڌل آهي جنهن کي اوهين پنهنجي اسمارٽ فون تان ايپ اسٽور يا گوگل پلي اسٽور تان ڊائون لوڊ ڪري اڪائونٽ ناهي پڙهائي شروع ڪري سگهو ٿا. گريڊ وائز پهرين کان پنجين جماعت، ڇهين کان اٺين جماعت، نائين کان ڏهين جماعت تائين شاگرد مفت تعليم گھر ويٺي پرائي سگهن ٿا. جنهن جو افتتاح 21 مارچ تي وزيراعظم محمد شهباز شريف هٿان ٿيو. تعليم واري وفاقي وزارت ۽ پيشيوراڻي تربيت حڪومت پاڪستان پاران سنڌ جا شاگرد ۽ شاگرديائيون لائيو اسٽريمنگ لاءِ آفيشل پيج www.mofept.gov.pk/ تي وزٽ ڪري پروگرام جا تفصيل ڏسي سگهن ٿا. گڏوگڏ سوشل ميڊيا يوٽيوب، ٽوئيٽر، لنڪڊ اِن، فيس بوڪ ۽ انسٽاگرام ايٽ دي ريٽ گورنمينٽ آف پاڪستان تي ڏسي سگهجن ٿا. نہ رڳو ايترو پر بااختيار نوجوان- خوشحال پاڪستان نالي وزيراعظم نوجوان انٽرن شپ پروگرام پڻ شروع ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت نوجوان چوڪرن چوڪرين لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي نکارڻ جا وسيع موقعا موجود آهن. سوال رڳو اهو آهي تہ

اسين انٽرنيٽ جي علمي خزاني منجهان ڪهڙيءَ ريت لاڀ حاصل ڪري سگهون ٿا!

## سائنسي لاجيڪل ذهن ڪيئن پيدا ڪجي!؟

سائنس ۽ منطق جو سڌو سنئون تعلق دماغ ۽ عقل سان آهي، جڏهن ته راز نياز ۽ عقيدتمنديءَ جون ڪهاڻيون دل جي هندوري ۾ جنم وٺن ٿيون جتان سچ ۽ اخلاق جي اوساري ٿئي ٿي، تنهن ڪري عقيدي جي ڳالهه کي دل جي نظر سان ۽ عقل کي دماغ ۽ ذهن جي پردي تي پرکڻو آهي ته رياضياتي پيماني تي طبعي اصول ڪيترو سگهارو آهي. وري روح رهاڻ لاءِ ادب خاص طور فڪشن کي ٻه هنئين ۾ هنڊايو آئن اسٽائن وائلن وڄائڻ جو شوقين هو ۽ سندس دل پسند ناول جيمز جوائس جو يوليسز هو جنهن چيو هو مذهب سائنس سواءِ، سائنس مذهب کان سواءِ ٻئي ٻي نور آهن! عقيدي ۽ عقل جي ميلاپ سان ئي مجاز ۽ حقيقت ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪري سگهجي ٿو. پل ته پاڻ کي ڪلاسيفائڊ رکو پر پنهنجي ذات کي ٻيائيءَ جي ڳهر ۾ نه لوڙهجو. سائنسي ذهن ئي معيشت آهي ۽ معيشت پنهنجي وقار، وجود جي کٽ آهي ته اسان پاڻ کي سنوارڻ جي وندر جا ڪيترا هيراڪ آهيون!؟ اسان جون عادتون هنرن سان ڪيتريون سلهاڙيل آهن!؟

ٽائيم شيڊول- مضمونن جي فهرست سازي – نصابي معلومات جي سوالن جي جوابن جي مشق ۽ انهن سوالن بابت ناسا، ڊسڪوري، نيو سائنٽسٽ، ڊيلي سائنس نالي سائنسي ويب سائٽس مان تازين حقيقن کي پڙهي ساڳئي موضوع کي اڳتي وڌائڻ ۽ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت اوهان جي تازي ڄاڻ نه رڳو امتحان ۾ وڌيڪ مارڪون کڻڻ ۾ مددگار ٿيندي پر اوهين ان اضافي ڄاڻ جي آڌار تي ڪا نئين ايجاد – ڪو نئون تصور جوڙي سگهو ٿا. وڪي پيڊيا سميت تعليمي ويب سائيٽس جي ڪهڪشان کليل آهي پر ڏسڻو اهو آهي ته اوهان ڪهڙي ماڳ تي رسڻ ٿا چاهيو!؟

سائنس فڪشن – سائنس بڪس جي گريڊ وائز اي- بڪس ڪليڪشن اوهان کي رکڻوي آهي ته جيئن وار جي کل لاهيندي حقيقت جي تري تي پهچي سگهجي.

هن دنيا کي اوهين شيڪسپيئر چواڻي اسٽيج ئي ڪٺي مڃو- جتي اسين سڀ اچي پنهنجا پنهنجا ڪردار ڪري هليا ٿا وڃون. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي وندر ۾ ورونهن ڪجهه نئون ڪرڻ لاءِ اُتساهي. سائنسي ذهن منتشر خيال ناهي هوندو هن جي ذهن جي سليٽ تي چٽي تصوير اُڪريل هوندي آهي. هُو منزل جو ماڻهو هوندو آهي، پنهنجي ذات- پنهنجي شخصيت- پاڻ سان سچو – اهڙي وٽ اسان شاگردن شاگردياڻين ۾ ازل کان رهي آهي جو هن طبقاتي سماج ۾ اسان عورت جي خودمختياريءَ جو ٻوٽو ٻاريو ۽ هر ڪنهن سان پيار جي واٽ هلندي ٻاهه جو درياهه اُڪاريو. اِها سگهه اسان جي ٽيڪ جنريشن وٽ آهي ته هو هاڻ لفظ نه ايڪشن گهري ٿو. هن نسل کي عمل کپي ۽ عمل ڪرڻ لاءِ جوش جذبي، چاهت سان گڏ عشق به کپي، تڏهن ئي اِها رمز پلئه پوندي جنهن ۾ انڪار به آهي، اقرار به آهي.

## سائنس ڪلچر ڇا آهي؟

”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو.“ ٻين جي ذاتي زندگين ۾ هرويرو جهاتيون نه پائجن. تنهنجو دين توسان منهنجو دين مون سان- اٽو لٽو اجهو سڀني جي بنيادي ضرورت ته پوءِ ڇو نه گڏجي ونڊي سنڌي جيون گهاريون. اِهو آهي سائنسي ڪلچر جنهن ۾ اختلاف ۽ حمايت کي کليل آزادي هوندي آهي.

# ڪورونا اسان کي ڇا سيکاريو؟

عبدالحفيظ لغاري



آڪٽوبر 2019ع تائين دنيا پنهنجي معمول موجب پئي هلي ۽ سڀ ڪاروهنوار اڳي جيان ئي هئا پر اوچتو ٻهريان سوشل ميڊيا ۽ پوءِ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا وسيلي خبرون اچڻ لڳيون تہ 21 هين صديءَ جي شروع ۾ آيل سارس وائرس جهڙو هڪ خطرناڪ وائرس چين ۾ پکڙيو آهي جيڪو موت مار آهي ۽ وچڙندڙ پڻ، جيڪو هڪ کان ٻئي ماڻهوءَ ۾ پهچندي دير نٿو ڪري ۽ ايئن ئي ٿيو. ڏسندي ئي ڏسندي چئن مهينن اندر سڄي دنيا ۾ اهو وائرس اچي پهتو ۽ ڦهري اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا. ان وبا کي بہ سدائين جيان ڪوڙ ۽ سازش بہ سمجهيو ويو تہ ساڳي وقت ڊبليو ايچ او کان جلدي وئڪسين جي گُهر پڻ ڪئي وئي. دنيا ڏٺو تہ وئڪسين بہ آئي ۽ ماڻهن جي پنهنجي دفاعي نظام انهيءَ موتمار وائرس سان ويڙهہ ڪئي. 2020ع وارو سڄو سال مصيبتن ۾ گذريو. 2021ع ۾ وئڪسين آئي ۽ آهستي آهستي ڪورونا جا اثر گهٽجڻ لڳا. 2022ع تائين دنيا معمول تي اچي وئي ۽ وڏا وڏا روڪيل توڙي ايس او پيز سان مشروط ڪم ٻيهر ساڳي طرح بحال ٿيا. مثال طور تعليمي سرگرميون، عادتون (حج عمرو وغيره) ۽ ٻيون سماجي سرگرميون پڻ. اهو تہ ٿيو ڪورونا جو اچڻ ۽ ان تي ضابطي جو مختصر احوال پر هڪ ٻيو پهلو پڻ سوچڻ لائق ۽ اهم آهي تہ ڪورونا اسان کي ڇا ڇا سيکاريو؟ دنياوي ڪاروهنوار ۾ ڪهڙا عمل تبديل ٿيا جيڪي دنيا ڪورونا جي اثر گهٽجي وڃڻ کان پوءِ بہ جاري رهيا؟

ڌرتي روزِ اول کان وڏي پيچ ڊاهہ جي بدصورتيءَ کان پوءِ ڪجهہ خوبصورتيون بہ ڏٺيون آهن جنهن جو وڏو مثال آهي ڌرتيءَ تي اڄ تائين جي معلوم ٿيل وڏي ۾ وڏي ڪڙندڙ تاري جي ڪِرڻ سان هتان ڊائنوسار جو خاتمو ٿيڻ ۽ ان کانپوءِ ٻي جيوت جي رهڻ جو بندوبست ٿيڻ. ساڳي ريت ڪورونا وائرس جتي دنيا لاءِ ڏچو ثابت ٿيو. لکين ماڻهو مئا، معيشت تباهہ ٿي ۽ بيروزگاري وڌي تہ ساڳي وقت اسان کي

اها وبا گهڻيون شيون سيکاري پڻ وئي جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

- صفائي سترائيءَ لاءِ هئنڊ سينيٽائزر يا هئنڊ واش جو استعمال ڪورونا دوران وڌي ويو ۽ ماڻهن ۾ اها آگاهي آئي ته ان سان نه رڳو ڪورونا پر ٻيا جراثيم پڻ مرن ٿا ۽ هٿ صاف رکڻ هڪ سٺي عادت آهي. اڄڪلهه جيتري ماحولياتي گدلاڻ آهي ان ۾ بنا درست طريقي سان هٿ صاف ڪرڻ جي ڪائڻ پيئڻ يا هڪ ٻئي سان هٿ ملائڻ رسڪ کان خالي ناهي. ڪورونا کان اڳي گهڻا ماڻهو انهيءَ جا عادي نه هئا پر هاڻي ڏٺو ويو آهي ته ماڻهن کي هٿ سينيٽائز ڪرڻ عجيب نٿو لڳي ۽ عوامي جاين تي پڻ هئنڊ واش ۽ هئنڊ سينيٽائزر رکڻ جي مشق اڳي جي نسبت هاڻي وڌيڪ آهي.
- آن لائن ڪاروبار جو رجحان ڪورونا کان اڳ پڻ هو پر خريدار جو انهيءَ تي اعتبار گهٽ هو ۽ ڪيس آن لائن شاپنگ جي طريقيڪار جي به گهٽ خبر هئي پر جيئن جيئن ڪورونا جي ڪري لاڪ ڊائون جو زور وڌيو ته ماڻهن هڪ ٻئي کي ڏسي انهي آن لائن خريداريءَ جي سهولت جو فائدو وٺي ڏٺو ته ڪين نه رڳو اهو سمجهه ۾ آيو ۽ ڀروسو ٿيو پر آن لائن خريداري کي سٺو سمجهي انهيءَ مان مزو پڻ ورتو ۽ دنيا جي مختلف ويب سائيٽس تي انگ اکر اچڻ لڳا ته ڪيئن آن لائن خريداريءَ جي شرح وڌي آهي. جتي خريدار انهيءَ پاسي آيو اُتي اهڙا واپاري پڻ آن لائن وڪري طرف آيا جن ڪورونا کان اڳ ڪڏهن انهيءَ بابت خبر ئي نه ورتي هئي. ڪورونا ڪانپوءِ سندن ڪاروبار اڳي جيان هلندو ئي رهيو پر ساڳي وقت آن لائن وارو ٻيو چئنل پڻ ڪين فائدو ڏيڻ لڳو. پنهنجي ذاتي مشاهدي ۾ ڪجهه واپاري به ڏٺا جن کي آن لائن وڪري جي طريقيڪار اهڙو مزو ڏنو جو هنن دڪانن جا ڪرايا ۽ بل بچائي مال گودامن ۾ رکي صرف آن لائن ڪم جاري رکيو ۽ اڳي کان وڌيڪ ڪمائڻ لڳا.
- ڪورونا دوران وڌ کان وڌ اها ڪوشش رهي ته ماڻهن جي ملڻ يا شيون هڪٻئي کي ڏيڻ بنا ڪم ٿيندا رهن ته ڀلو ٿيندو. انهيءَ جو مشاهدو عمري دوران ويزا ۽ اميگريشن دوران ٿيو. اڳي ويزا پاسپورٽ تي لڳندا هئا ۽ هر مرحلي تي پاسپورٽ وٺي عملو انهيءَ جي جانچ ڪندو هو. آڳوٽا لڳندا هئا پر ڪورونا دوران اي-ويزا آئي جيڪا موبائل اسڪرين ۾






موجود ۾ ان تي لڳل قيو آر ڪوڊ ئي ان جي جانچ ۾ اصل هجڻ جي تصديق لاءِ ڪافي هو. ماڻهو پهتو ته فوٽو نڪتو ۽ يوزا نمبر سان سندس انٽري رڪارڊ تي وئي. هڪ گلاس مشين ريڊر تي آڱريون اسڪين ٿيون جيڪا ان مهل ئي سينيٽائيز ٿي رهي هئي، مطلب ته گهٽ کان گهٽ ٽچ سان سڀ ڪم پورا ٿيندا ويا ٿي. اهو سڀ ڪورونا دوران ئي ڪرڻو پيو پر ان جا فائدا ڏسي ان کي روڪڻ بدران اڄ به جاري رکيو ويو آهي.

- آن لائن سکيا جي سهولت ته ڪافي پراڻي آيل آهي پر ان جو ڀرپور استعمال ڪورونا ۾ ئي ٿيو ۽ هاڻي ڪٿي به ضرورت پوڻ تي آن لائن پڙهائڻ وارو عمل عجيب نٿو لڳي ۽ آن لائن سکيا ڏيڻ ۽ وٺڻ جا عادي ٿي پيا آهيون. مثال طور تازو ترڪيه ۾ آيل زلزلي ۾ جتي لکين ماڻهو بي گهر ٿيا آهن ۽ حڪومت کين يونيورسٽين جي عمارتن ۾ رهائڻ تي مجبور ٿي آهي ته تعليمي عمل متاثر ٿيو نتيجي ۾ ڪيترن ئي هفتن کان آن لائن ڪلاسز جو سلسلو هلي رهيو آهي. اهڙيون آفتون اڳي به آيون پر آن لائن سکيا جي سهولت جو استعمال ايترو عام نه هو جيترو هاڻي آهي. توڙي جو اهو ڪو بهتر يا اثرائتو طريقو ناهي پر وري به ڪجهه نه هجڻ کان بهتر آهي ۽ اصل ڳالهه آهي ماڻهن پاران ان کي قبولڻ جي، جيڪو ڪورونا وبا دوران ئي ممڪن ٿي سگهيو.

ڪجهه وقت کان ملڪي حالتن جي ڪري اڪثر بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ پرڏيهي ماهرن پاران اچڻ کان لاچاري ڏيکاري وڃي ٿي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنس ڪرائڻ ممڪن ناهي رهيو پر ڪورونا دوران اها سرگرمي مڪمل طور آن لائن ٿي، جنهن ڪانپوءِ هاڻي اهو ساڳيو ڪم ڪورونا نه هوندي به اڪثر ٿيندي نظر اچي ٿو ته جڏهن ڪنهن ملڪ جو ڪو اسڪالر هتي اچي پنهنجو مقالو پڙهڻ کان انڪار ڪري ته سندس ڪم بابت ڄاڻڻ کي ضروري سمجهندي ڪيس آن لائن مقالو پڙهڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ۽ ايئن ڪانفرنسن ۾ پرڏيهي ماهرن جي شرڪت ممڪن ٿي وڃي ٿي.

توڙي جو ڪورونا وبا ڪنهن به لحاظ کان ڪا چڱي شيءِ نه هئي پر ان هوندي ان کي منهن ڏيڻ لاءِ دنيا جي ڏاهي ۽ بقا لاءِ وڙهڻ ۾ سڀني کان اڳيري مخلوق (انسان) ڪورونا سان نه رڳو مقابلو ڪيو پر ان سان وڙهڻ دوران جيڪي طريقا ڪم آندا انهن مان هاڻي به فائدو وٺي رهيو آهي، جنهن جا ڪجهه مکيه مثال مٿي ڄاڻايا ويا آهن.

# مادري ٻولي ۽ ڊجيٽل انقلاب جا نتيجا

رياض ابڙو

انگريزي سڄي دنيا جي ملڪن، ثقافتن، تهذيبن، تمدن ۽ ٻولين کي ڪاپاري ڌڪ ضرور رسايو آهي ڇو ته جتي 8 سيڪڙو انگريزي ٻولي ڳالهائڻ وارا سڄي دنيا جي اٺ ارب آباديءَ تي حاوي آهن اُتي تعليمي نظام، حڪومتن جا ڪم ڪار ۽ لکپڙهه هلي ٿي انگريزيءَ ۾ ٿي، ان ڪري انهن جي پنهنجي ٻولين ۾ ڪتابن جي ڇپائي، اخباري مواد، ٽي وي اسڪرپٽ، ريڊيو پروگرام، ٽيلي ڊراما ۽ فلمون، ميگزين، رسالا يا ٻيو مواد رهجي تو وڃي، ايستائين جو اُهي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ پڙهڻ به وساري ٿا ويهن يا انگريزي ٻوليءَ جا لاڙا يا رابطا جيڪي انهن معاشرن، گهرن يا سرڪاري توڙي خانگي ادارن ۾ هلن چلن ٿا، پوءِ اهڙي طريقي انهن سيني شين جي ڇپائي ٿئي ٿي انگريزيءَ ۾ ٿي ته پوءِ اهڙا ڪم جيڪي انهن جي پنهنجين ٻولين ۾ ٿيڻ گهرجن ها اُهي انگريزيءَ ۾ ٿين ٿا. نتيجي ۾ انهن ماڻهن جي پنهنجي ٻولي پوئتي رهجي ٿي وڃي، ان ڪري جيڪي 6500 ٻوليون سموري دنيا ۾ ڳالهايون يا سمجهيون وڃن ٿيون انهن مان گهڻو تعداد انگريزي دانن جو آهي، جنهن جا 1132 ملين ڳالهائڻ وارا موجود آهن.

چيني ٻولي ڳالهائڻ وارا 1117 ملين آهن، هندي 615، اسپينش 534، فرينچ 280، عربي 274، بنگالي 265 ۽ رشين ڳالهائڻ وارا 258 ملين ماڻهو موجود آهن. انهن کان سواءِ اهي ٻوليون جيڪي بين الاقوامي طور تي نه ٿيون سمجهيون وڃن يا جن ٻولين جو نصاب ئي موجود ناهي، انهن ٻولين کي خطرو لاحق آهي ته اُهي سياٽي ختم ٿي وينديون، ان ڪري ته انهن جي ڳالهائڻ وارا جڏهن به خطو يا ملڪ تبديل ڪن ٿا ته اُهي پنهنجي ٻولي وساري ٿا ويهن يا اتان



جي ٻولي يا ٻيون ٻوليون اپنائڻ جي ڪري اُهي پنهنجي مادري ۽ مقامي رابطي واري زبان به وساري ٿا ويهن يا اتان جون ٻوليون سکڻ يا پڙهڻ جي ڪري اُهي اتان جا ٿي وڃن ٿا. ان ڪري ٻولين جي ڳالهائڻ يا زنده رکڻ لاءِ انهن جي لکڻ، پڙهڻ، ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ جا مناسب طريقا ئي ٻولين کي بچائي سگهن ٿا.

دنيا جي ملڪن کي پنهنجين ٻولين جي واڌ ويجهه جي لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي پر بدقسمتيءَ سان پنهنجين ٻولين ۾ اهڙي ڪم نه ٿيڻ جي ڪري اُهي ٻوليون خطري ۾ آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهڙي ڳاڏڙ ساڏڙ ماحول ۾ پنهنجين ٻولين کي ڪيئن ترقي ڏياري وڃي؟ ڇاڪاڻ ته انگريزي ٻولي سڀني ملڪن جي تعليم، ترقي ۽ سرڪاري عملدارين تي اثرانداز آهي. اها ٻولي هر هنڌ استعمال ڪئي وڃي ٿي پر اُتي هڪ ڳالهه ضرور ٿي ماري ته جڻ ان انگريزيءَ جي ڪري سڀ ترقيون ممڪن ٿين ٿيون يا اها ڳالهه به وزن ٿي رکي ته ٻار گڏ مارننگ ڇئي يا مقامي يا مذهبي طريقي سان ڪيڪار ڪري ته انهن جي اهڙي رويي جو ماڻهو اندازو لڳائي ٿا ونن ته هي ٻار وڏو ٿي ڇا ٿيندو يا ان جي روين يا لاڙن مان



پتو پوي ٿو ته ٻار جو لاڙو ڪهڙي طرف آهي. ان ڪري ڳالهائڻ ۽ تهذيبن جو باقي هجڻ ٻولين جي ترويج ۾ وڏو عمل دخل ٿو رکي ته اُهي عام ٻوليون به انهن دنيا جي وڏين ٻولين وانگي وڌن ويجهن يا مٽي اچن.

اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ٻولين جي ڳالهائڻ، سمجهڻ، پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ لکڻ وارا گهٽا ناهن. ان ڪري انهن جي لکارين جو تعداد وري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهي ٿو يا لکي به ٿو. اهو به آهي ته سينٽرل ايشيائي ملڪن کان سواءِ انگريزي اوپر يورپ جي ڪن ملڪن ۾ يا رشيا جي سيني ملڪن يا خطن ۾ نٿي ڳالهائي وڃي يا جرمني جي ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ يا چين جي سڄي پٽيءَ ۾ انگريزي ان مقبوليت سان نٿي ڳالهائي وڃي جنهن نموني دنيا جي ٻين هنڌن تي ڳالهائي وڃي ٿي. ان ڪري دنيا جي ڪجهه غير انگريز ملڪن ۾ به سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت سان مڃي ٿي وڃي يا لڳ ڀڳ 81 ملڪن ۾ انگريزي ٻولي ڳالهائي، پڙهي، سمجهي، لکي يا ٻڌي وڃي ٿي.

اڪيلي ماڻهوءَ جي ڪا ثقافت، ڪا ٻولي، ڪو خطو يا ڪو مذهب ناهي هوندو. اجتماعيت ئي معاشرن جي هجڻ جو ڪارڻ آهي يا سڌريل معاشرن ۾ ٺاهيل اصول، ضابطا، قاعدا ۽ قانون انهن معاشرن جي تهذيب ۽ تمدن، انهن جي پائيداريءَ

جا ذميوار پڻ آهن. ايئن ئي ٻولي، مذهب، ڪلچر، تهذيب ۽ تمدن معاشرن جي سڃاڻپ پڻ آهن. اها به حقيقت آهي ته جيستائين ڪا به ٻولي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارو هڪ به ماڻهو بچندو تيستائين ٻولي زنده آهي يا وري ان ٻوليءَ جي ڳالهائڻ وارو صرف هڪ ماڻهو زنده رهجي وڃي ته ٻوليءَ جي مرڻ جا پورا پورا امڪان هوندا آهن پر ساڳي جاءِ تي معاشري جون ٻيون گهرجون به ته پوريون ڪرڻيون هونديون آهن جيڪي اشد ضروري هجن ٿيون. دنيا جي اوائلي تهذيبن يوناني، مصري، چيني، عربي ۽ هاڻي آمريڪي يا انگريزي تهذيب رائج آهي، پر انگريزي ٻولي ۽ تهذيب جي انڌاڌنڌ پيرويءَ يا اربنائيزيشن جي اثر ۾ ماڻهو پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي تهذيب کي ماڻ نه ٿا ڏين يا انهن معاشرن ۾ تهذيب به اهڙن مذهبي ڏڻن وانگي ٿي وئي آهي جتي سڄيو سال ماڻهو ڪريل انگريز هجن پر مذهبي ڏڻن وارا مهينا ايندي ئي مخصوص پوشاڪون پهري مٿائي ستائي رنگ روغن ڪري وري پنهنجي اصليت جي تجديد ڪرڻ لڳي ويندا آهن باقي سڄو سال انگريز بڻيا رهندا آهن.

معاشرن سان گڏ ٻولين جون ٻيون تقاضائون به پوريون ڪرڻيون پون ٿيون، جن سان ٻولين ۽ تهذيبن کي زنده رکي سگهجي ٿو جنهن ۾ ٻولين جو لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ، پڙهائڻ، ڳالهائڻ يا ان کي هٿي ڏيڻ جي ذريعن ۾ اهو به آهي ته اهي ٻوليون پنهنجي رسم الخط ۾ لکيون به وڃن. جنهن ۾ نصابي ڪتاب، نصابي نظام، ادبي ورثا، روز جون اخبارون، ٽي وي ميڊيا، ريڊيو جا نيٽ ورڪ، پنهنجي ٻولي ۽ اسڪرپٽ ۾ گهربل لٽريچر وغيره وغيره شامل آهن، ڇو ته ٻولين جي بقا ان ۾ به آهي ته اهي سڀ لوازمات پورا ڪيا وڃن. وري تهذيبن جي ڳالهه ڪجي ته جيڪڏهن ماڻهو ڪجهه به نه پائي، ڪجهه به نه ڳالهائي، ڪنهن سان به لهه وچڙ ۾ نه اچي ته پوءِ تهذيبون، ٻوليون، معاشرا پروان ڪيئن چڙهن يا سڃاڻپ ڪيئن ڪجي يا ڪرائجي. معنيٰ ٻولي ڳالهائڻ کان سواءِ، پوشاڪ پهرڻ به تهذيبن جي نشاندهي ڪري ٿو ان سان گڏ لکڻ پڙهڻ مان به ٻوليون سڃاتيون وڃن ٿيون يا مثال طور جيڪڏهن ڪوئي پنهنجي ٻولي نه ڳالهائي ته پوءِ ان ماڻهوءَ جي پنهنجي مادري ٻولي ڇا هوندي يا جيڪڏهن اُهي ماڻهو پاڻ پنهنجي ٻولي نه ڳالهائين ته پوءِ ڪير ڳالهائي.

ٻولين جي ڊجيٽل واڌ ويجهه مان مراد سوشل ميڊيا، پرنٽ ميڊيا، ٽيلي ميڊيا، ٽڪ ٽاڪ، فيس بوڪ يا انٽرنيٽ جا ٻيا ذريعا مثال طور اي ميل، گوگل سرچ وغيره پڻ شامل آهن. انهن سڀني ذريعن کان وڌيڪ ڪتابن جي ڇپائيءَ وارا ادارا يا ٽي وي ميڊيا جيڪا سڄو ڏينهن رابطي جو تيز ترين ذريعو آهي، جيڪو ٻولين جي ترويج ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو ان ڪري ته انهن ٻولين سان وابستا لائبريريون ۽ ٽي وي اسڪرين جيستائين ۽ جنهن رفتار سان ٻولين جي خدمت ۾ اڳتي اڳتي هوندا تيئن ٻولي وڌيڪ سگهاري طريقي سان پئي وڌندي، لکبي ۽ ڳالهائبي، پر انهن سڀني ڊجيٽل ذريعن جو مُک ذريعو وري به سنڌيءَ ۾ لکڻ يا آسانيءَ سان ان کي پڙهڻ به آهي ڇو ته پهرين رومن سنڌيءَ ۾ لکڻ وارو عمل ۽ هاڻي گهڻي ڀاڱي سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ٻولي هر پليٽ فارم تي پاڻ مڃائي سگهي ٿي يا ڊجيٽل ڪتابن جو ڇپجڻ، اخبارن ۽ رسالن جو اهڙي طريقي اچڻ به ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن کي مائل ڪري ۽ اتساهي ٿو ته اهي پنهنجي ٻولي هر



طرح، هر طريقي ۾ هر نموني سان استعمال ڪري ان کي ڊجيٽلائيز دور ۾ گهڻو وڌائي سگهن ٿا. ان جو بهترين مثال سنڌيءَ ۾ ونڊوز يا مائيڪرو سافٽ جي ايپليڪيشن تي سنڌي الفابيٽ جي ڪمپيٽبلٽي بہ آهي جيڪا وڏي ڪاميابي آهي، جنهن جي ذريعي ٻوليءَ کي لکي سگهجي ٿو، محفوظ ڪري سگهجي. ان سهولت جي ڪري ٻولين جي اهميت يا ڦهلاءُ هاڻي وڌندو ٿو وڃي، ڇو تہ ٻولين جو لکت ۾ اچڻ انهن جي بقا جي نشاني آهي. ٻولين ۾ ادب جو سهيڙجڻ بہ ٻوليءَ جي بقا لاءِ اهم آهي. ان ڪري رڳو حاوي ٻولين جي اثرن باوجود ننڍين ننڍين ٻولين جو ڊجيٽلائيز طريقي سان لکجڻ، پڙهجڻ، سمجهڻ ڪان وٺي ڳالهائجڻ بہ هڪ واضح پيغام آهي تہ ٻوليون جيئنديون. ان ڪري رابطي جي ٻوليءَ سان گڏ مادري ٻولين جي ٻين ماڊلز کي بہ اپنائڻ ضروري آهي ڇو تہ جيستائين ٻوليون ادب جي صورت ۾ وڌن ويجهن ٿيون يا معاشري ۾ راڳ رنگ جي صورت ۾ وڌن پيون يا ٻوليءَ جي ترقي جا اهڃاڻ ادب سرجڻ جي صورت ۾ ڏسي سگهجن ٿا، جن ۾ ناول، ڪهاڻيون، ميگزين، رسالا، اخبارون، ريڊيو ٽي وي چينل، فلم بيني وغيره وغيره اهم آهن. جيستائين انهن ٻولين جي زندهہ رهڻ جا ذريعا موجود نٿا رهن تيستائين اُهي ٻوليون زندهہ نہ ٿيون رهي سگهن. ان ڪري ٻولين جي ڳالهائجڻ سان گڏوگڏ انهن ٻولين جي اسڪرپٽ، لکڻ جي صورت ۾ ٻيون تقاضائون پوريون ڪرڻ بہ ٻولي کي جيئارڻ جي برابر آهي، ان ڪري ٻولين جا سڀ ماڊل اپنائڻ گهرجن تہ جيئن ٻوليون جيئاري سگهجن.

"مرسون مرسون، سنڌ نہ ڏيسون..."

# سنڌ جو غيرت مند سپوت شهيد هوش محمد شيدي

پروفيسر لطافت علي جوهر

اُها زندگي جنهن جو ڪو بہ نظريو ۽ مقصد ناهي اُها موت برابر آهي. جيڪي ماڻهو ۽ طبقا اهو سوچين ۽ سمجهن ٿا تہ زندگي خوشگوار ماحول ۽ دلڪش نظارن سان لطف اندوز ٿيڻ جو نالو آهي ۽ موت انهي خوشگوار زندگي جي انتها آهي تہ حقيقت ۾ اُهي فرد ۽ طبقا زندگي ۽ موت جي فلسفي کي چڱي طرح سمجهي نہ سگهيا آهن. زندگيءَ جو اصل مقصد ۽ مفهوم آهي "ٻين ڪاڻ جيئڻ" چو تہ پنهنجي لاءِ زنده رهڻ وارا فنا ٿيو وڃن ۽ ٻين لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪرڻ وارا دلين، ذهنن ۽ تاريخ ۾ هميشہ زنده رهن ٿا.

اڄ کان اٽڪل ڏيڍ صدي اڳ برصغير جي عظيم سپہ سالار ٽيپو سلطان انگريز غاصبن سان مهاڏو اٽڪائيندي چيو هو تہ هي ڌرتي منهنجو ننگ آ ۽ گدڙ جي سئو سالن جي زندگيءَ کان شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي بهتر آهي. يعني بزدلي ۽ خوف واري سوَن سالن جي زندگيءَ کان شينهن جي هڪ ڏينهن واري زندگي شانائتي ۽ افضل آهي.

سرزمين سنڌ تي نظر وجهبي تہ هِن، هر دور ۾ بيشمار سورهين، مرد مجاهدن، حريت پسندن، مانجهي مڙسن ۽ عظيم سروڃن کي جنم ڏنو آهي، جن جي بهادري ۽ شجاعت جا ڪارناما ۽ دليريءَ جا داستان سنڌ جون سرحدون اورانگهي دنيا جي محڪوم ۽ مظلوم قومن لاءِ آزاديءَ جو پيغام ثابت ٿيا آهن. انگريز مڪارن ۽ جابرن سان



مهاڏو اٽڪائيندڙ ميسور جي شينهن ٽيپو سلطان شهيد جي نقش قدم تي هلندي ڌرتي جو عظيم سپوت شهيد هوش محمد شيدي تاريخ جي ورقن ۾ هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. سنڌ ڌرتيءَ جي هن غيرتمند پٽ اڪيلي سر پنهنجي سامهون آيل برطانوي فوج جا ڪيترائي سپاهي ۽ آفيسر ماري مات ڪيا. سندس انهيءَ شجاعت کي برطانوي راڄ سونهري اکرن سان ساراهيو آهي ۽ دنيا بہ قدر جي نگاهہ سان ڏسندي آهي. جرنيل هوش محمد شيدي سنڌ جي حڪمران مير فتح علي خان جي فوج ۾ سپاهي جي حيثيت سان ڀرتي ٿيو. 1802ع ۾ مير فتح علي خان جي وفات کان پوءِ مير صوبيدار خان جو سپاهي ٿيو جنهن سندس دليري کان متاثر ٿي ترقي ڏني.

17 فيبروري 1843ع تي مياڻي جي ميدان ۾ انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ جنگ لڳي جنهن ۾ هوش محمد وڏي بهادريءَ سان وڙهيو هن جنگ ۾ ميرن جي فوج انگريزن هٿان شڪست کاڌي. انگريز مياڻيءَ جي جنگ کٽڻ کانپوءِ بہ سڄي سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري نہ سگهيا، ڪين ڪافي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو چو تہ مياڻيءَ جي جنگ سنڌ جي عوام ۾ ڪافي سجاڳي آڻي ڇڏي هئي.

هوش محمد شيدي هڪ ارڏو ۽ اٽل جوڌو جرنيل هو هن انگريز سامراج جي خوني چنبي مان سنڌ جي مسڪين مارو ئڙن کي آزاد ڪرائڻ جو ڪو پهہ ڪري ڇڏيو هو. هن پنهنجي پوري




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ناپا آڊيٽوريم ۾ نيشنل اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس جي اهتمام هيٺ
ضياءُ محي الدين فيسٽيول کي خطاب ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبليءَ جي آڊيٽوريم ۾
1973ع جي آئين بابت ڪوٺايل سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير جو وزير اعظم سردار تنوير الياس
گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه شهيد پوليس ڪانسٽيبل جي آخري رسمن ۾ شريڪ آهي.



وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ پنهنجي قانوني صلاحڪار مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت
۽ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ سان گڏ ڪراچي پوليس آفيس جو دورو ڪري رهيو آهي.



سنڌ و وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ غير ملڪي پرڏيهي نمائندن سان ڳالهائي رهيو آهي،
اطلاعات وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پڻ موجود آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾ ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جي
ڪنٽري ڊائريڪٽر مسٽر يونگ يي جي قيادت ۾ آيل وفد سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سعودي عرب جي سفير نواف سعيد اَي المالڪي سان وزيراعليٰ هائوس ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندي.

حڪمت عمليءَ جنگي مهارت ڪي ڀيھر منظم ڪيو ۽ مير شير محمد خان جي جنگي اعلان تي انگريزن خلاف جنگ جوتي، جيڪا 24 مارچ 1843ع ۾ دٻيءَ ۾ لڳي. انهيءَ جنگ ۾ هوش محمد شيدي وڏي بهادريءَ سان وڙهيو اهو ڏينهن سنڌ جي تاريخ جو قيامت خيز ڏينهن هو جڏهن سنڌڙيءَ جي سپوتن موت ۽ زندگيءَ جي جنگ لڙي ڌرتيءَ کي پنهنجي ريتي رت سان رڱيو هو.

جرنيل هوش محمد شيدي ميدانِ جنگ ۾ بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن پنهنجي سامهون آيل برٽش آرميءَ جا ڪيترائي سپاهي ماري وڌا. جنگ دوران انگريزن جي هڪ چاڙتي ميرن جي جنگي سامان ۽ بارود کي باهه ڏيئي ڇڏي، اها دوکي بازي ڏسي جرنيل هوش محمد اندازو ڪري ورتو هو ته هاڻ جنگ ۾ ڪاميابي ممڪن ناهي. سنڌ جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ هن مرد مجاهد مير شير محمد خان کي صلاح ڏني ته هُو جنگ مان نڪري وڃي ۽ مناسب وقت تي جنگ جون ڀيهر تياريون ڪري پر مير شير محمد ميدانِ جنگ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. پر پوءِ پنهنجي وفادار جرنيل جي بيحد اصرار تي مجبور ٿي پنهنجا مخلص ۽ وفادار ساٿي ۽ فوج هوش محمد شيدي جي حوالي ڪري ميدان مان نڪري ويو.

انگريزن ميرن جو بارود ساڙائي ڇڏيو ته توپچين شڪايت ڪئي ته بارود نه هجڻ ڪري هو توپ زني جاري رکي نه سگهندا، جنهن تي هوش محمد شيدي کين بارود بدران ٺڪر ۽ پٿر هلائڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيو ته ”يلي دشمنن کي خبر پوي ته اسان جي جيئري سنڌ تي قبضو ڪري نه سگهندا.“ پوءِ پاڻ انگريزن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو ۽ ڪافي زخمي ٿي پيو. جيئن جيئن گهاوَ وڌيس ٿي تيئن تيئن گجگوڙ ڪندو اڳتي وڌندو دشمن جي سپاهين کي چيريندو ڦاڙيندو ٿي ويو آخرڪار زخمن کان چور ٿي ڪِري پيو. انهيءَ 24 مارچ جي شام جو انگريزن جنگ فتح ڪرڻ جو بگل وڄائڻ شروع ڪيو.

جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ مست انگريز گورنر سر چارلس نيپئر ميدانِ جنگ جو جائزو وٺڻ لڳو. هن ڏٺو ته ميدانِ جنگ ۾ چئني پاسي لاشن جا انبار انساني گوشت جا ٽڪرا ۽ هٿيار پکڙيل هئا. ٿورو اڳتي وڌيو ته هڪ لاش رڪوع جي حالت ۾ ڏسي چارلس نيپئر حيران ٿيندي پڇيو ته هي ڪهڙي جوڌي جو لاش آهي؟ جيڪو مرڻ کانپوءِ به پنهنجي هٿن ۾ تلوارون ۽ ڀالا مضبوطيءَ سان پڪڙيو ويٺو آهي، جنهن تي ميجر جيڪب وراڻيو ته هي هوش محمد شيدي آهي. مون هر محاذ تي هن سان ڪيترين ئي لڙايون لڙيون پر هن جهڙو دلير ۽ بي ڊپو سرڪش مجاهد ڪونه ڏٺو. هن غيرت مند سنڌي ڌرتيءَ تي ساهه ڏنو پر سر نه جهڪايو ايتري قدر جو موت جي ننڊ سمهڻ جي باوجود به سندس ٻئي هٿ هٿيارن سان مسلح آهن.

شهيد هوش محمد شيديءَ جي انهيءَ بهادري ۽ ڌرتيءَ تان جانثاري جي عظيم جذبي کان متاثر ٿي سر چارلس نيپئر کيس 21 توپن جي سلامي ڏيئي سندس ميت کي پوري فوجي اعزاز سان، ادب ۽ احترام وچان حيدرآباد جي



پڪي قلعي ۾ دفنايو ۽ سندس تربت تي بهادري جو وڏو ايوارڊ يعني توپ جو نشان نصب ڪرايو.

جرنيل هوش محمد شيدي اڄ اسان ۾ موجود نه آهي پر سنڌ جي تاريخ ۾ سندس نالو ۽ قومي غيرت، بهادري ۽ دليريءَ جا ڪارناما هميشه زنده رهندا. واقعي ڪجهه فرد عهد ساز ۽ تاريخ ساز ٿين ٿا جن جي قربانين ۽ ڪارنامن تي قومون ناز ڪنديون آهن.

شهيد جرنيل هوش محمد شيدي اڄ اسان وٽ موجود نه آهي پر سنڌ واسين لاءِ سندس ڏسيل واٽ ۽ پيغام اڄ به لکين سنڌين جي دلين کان سواءِ دنيا جي حريت پسندن ۽ آزاديءَ جي متوالين قومن لاءِ روشني مثل آهي ته وطن لاءِ جان ڏيڻ عبادت آهي، سنڌ ۾ اڄ به سندس نعرو زنده آهي ته ”مرسون مرسون، سنڌ نه ڏيسون.“

# ڊاڪٽر هرچند راءِ:

## ثقافتي ورثن جو رکوال، انسان دوست ڪردار

**پارو مل امراڻي**

هو انهن انگ ڏڙنگ انسانن مان هو، جن پنهنجي پگهر جي پورهئي غير معمولي ذهانت ۽ رواداريءَ سان ماڻهن جون دليون کٽي ورتيون هيون. جڏهن ٿر ۾ ثقافتي رنگ روپ ۽ سائنسي سوچ جي سنگم سان انساني سونهن جاڳرتا جي جلوي ۾ جرڪندي، ملير جي مٽيءَ تي عام ماڻهو معاشي طور مضبوط ٿي جوڀن رُت ۾ گل جيان ٽڙندو، تڏهن هن شخص کي ضرور ياد ڪيو ويندو.

ٿر ۾ انساني سگهه، حوصلي، بي پناهه پختي ارادي جي علامت رهندڙ ڊاڪٽر هرچندراءِ هڪ ئي وقت مسيحا، سماجي اڳواڻ، سياستدان ۽ محقق هجڻ سان گڏ ثقافتي رنگن روپن جو رکوال هو. هن جي گهڻ رخي شخصيت هڪ اداري، هڪ تحريڪ، هڪ جدوجهد جو نالو آهي. هن شخص نه صرف ڇاڇري کان عمرڪوٽ ۽ عمرڪوٽ کان مٺي ڏانهن پنڌ ڪيو هو پر سانگهڙ کان ننگرپارڪر تائين پوري خطي جون واهڻ وستيون، ڍنڍون، ڍورا، مڙها ۽ ڏهر پنهنجي پيرن هيٺ لتاڙيا هئا. هن زندگي ۾ ڏک ڏولاوا ڏسي بيمار انسانن جو علاج ڪيو هو. سخت پورهيو ڪري هيٺن کي حوصلو ڏنو هو. رڃن ۾ رابيل پوکي وطن جا ويڙها وسايا هئا. هن مارو ماڻهن جي ويڙهن ۽ جهوپڙن کي قلعن، ڪوٽن ۽ محلن کان مٿانهون پيش ڪيو هو. هن جي اندر جي تمنا هئي ته مارو ماڻهو عزت ۽ آبروءَ سان ثقافتي رنگ روپ ميڙي برن ۾ بازارون قائم ڪن. هن تهذيب ۽ تاريخ جي ٽٽل سلسلن کي جوڙڻ جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ ميوزم جو بنياد رکيو. هن سياست ۾ عام ماڻهو جي داخلا لاءِ ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽڻ لاءِ گهاڙو گهڙيو. هن عام ماڻهو جي زبان تان پهرو لاهڻ لاءِ پتوڙيو. قلم جي آزادي لاءِ جستجو ڪئي.

هن تعليم جي تير سان ظالم وڏيرن جي وجود کي پروڻ ڪرڻ لاءِ مسڪين شاگردن جي پڙهائيءَ ۾ هڙان وڙان مدد ڪئي. هن وٽ راشد مورائيءَ جي نظم "اڇو نئون سماج ڪو، نئون جهان جوڙجي!" جهڙو نعرو هو. ٿر جي پٽن ۾ هن جو روح ڪڏهن اداس نه ٿيو. هن جي اکين ۾ سدائين پختن ارادن جون ريکائون نمايان هونديون هيون.



ڊاڪٽر هرچندراءِ جا وڏا گڏڙي ۾ ٻه رهيا. ڊاڪٽر صاحب جو ڏاڏو ڏنجي مل پنهنجي دور ۾ راڄ ڀاڳ جو وڏو رڪوالو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ جو جنم تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ ڪيتا ۾ سندس مامي هرناٿ جي گهر 15 سيپٽمبر 1915ع ڌاري ٿيو. ڊاڪٽر هرچند جو والد صاحب سائين گرڌاري لال پنهنجي دور جو مهان استاد هو. هن پنهنجي پٽ کي پرائمري جي تعليم نيو ڇور مان مڪمل ڪرائڻ کان پوءِ فائينل پاس ڪرائي استاد طور ڏسڻ ٿي چاهيو پر عمرڪوٽ ۾ رهندڙ هالاڻي جي رهاڪو ڊاڪٽر جندارام عيدناڻي سائين گرڌاري لال جي سوچ ۾ ڦيرو آندو. سائين گرڌاري لال کي آماده ڪيو ته، ”هو پنهنجي پٽن کي ڊاڪٽري پڙهائي جيئن هتان جي غريب مريضن جي مدد ٿي سگهي.“ ڊاڪٽر جندارام جي چوڻ تي سائين گرڌاري لال هرچند راءِ کي ”سنسڪرت وديا شالا“ ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخل ڪرايو. 1934ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ 1940ع ۾ هن بمبئي جي فزيشن اينڊ سرجن ڪاليج مان ايل سي پي ۽ ايس جي ڊگري حاصل ڪري هن خزان جي موسم ۾ بطور ميڊيڪل آفيسر ”اينٽي مليريا“ پنهنجون خدمتون شروع ڪيون. فيبروري 1941ع کان عمرڪوٽ ۾ پرائيويٽ مشق لاءِ ٻه وقت مخصوص ڪيو. انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ڀاءُ ڊاڪٽر ڪيٽ به ايل سي پي ڪري اسلام ڪوٽ ۾ پرائيويٽ پريڪٽس شروع ڪئي هئي.

ڊاڪٽر هرچند راءِ جو مسيحائي پيشي ۾ ڊاڪٽر جندارام ”آئيڊيل“ هوندو هو. سائين گرڌاري لال جڏهن عمرڪوٽ ۾ هيڊماسٽر هو. تڏهن ڊاڪٽر جندارام کي مريض ڏيکارڻ لاءِ ماڻهو سائين گرڌاري وٽ ايندا هئا يا بزرگ جڳو مل کي چوندا هئا. ڊاڪٽر مريض ڏسي دوائون لکي ڏيندو هو. مريض جا عزيز ڊاڪٽر کي چوندا هئا ته سائين شام جو ڀيهر مريض ڏيکارڻ لاءِ وٺڻ اچون، ورنديءَ ۾ چوندو هو ته، نه ضرورت ڪونهي، پر پاڻ پنهنجي ليکي شام جو پهچي ويندو هو. مريض نهاريندو هو. مريض جو عزيز في جي آڇ ڪندو هو ته جواب ڏيئي چوندو هو ته توهان مون کي وٺڻ ٿورو ئي آيا هئا. آئون سائين گرڌاري لال هيڊماسٽر وٽ ويس پئي، سوچيم مريض کي نهاريندو وڃان.

ڊاڪٽر هرچند راءِ ڊاڪٽر جندارام جيان مريض کي تپاسي ڪڏهن در تي بيهي في نه گهري. نه ڪڏهن علاج پوري ٿيڻ کان پوءِ بل مريض کي ڏنو. بل ڏيڻ کي به گهرڻ جو هڪ نمونو سمجهندو هو.

ميرپورخاص جو مشهور مسيحا ڊاڪٽر ڊرنگو ڊاڪٽر هرچند راءِ جو بمبئي ڪاليج ۾ ڪلاسي هو. ويجهي دوست هئڻ ناتي ٻنهي هڪ ٻي سان نڀايو. ڊاڪٽر ڊرنگوءِ ڊاڪٽر هرچند راءِ گڏجي ملڪ جي آزادي وقت لڏپلاڻ ڪري ايندڙ قافلن ۾ بيمار ۽ زخمي ماڻهن جو ڪوڪراپار، ميرپورخاص سميت مختلف هنڌن تي ڪئمپون قائم ڪري علاج ڪيو.

ڊسمبر 1948ع ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ تعلقي اسپتال عمرڪوٽ ۾ ميڊيڪل آفيسر طور جوائن ڪيو. مختلف وقتن تي سانگهڙ، سامارو، سڪرنڊ ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ نوڪري ڪئي. سرڪاري نوڪريءَ دوران ڊاڪٽر صاحب صبح اسپتال ۾ اچي ويهندو هو. رات دير تائين مريض پيو ڏسندو هو. ميڊيڪو ليگل ڪيسن جا ڏڪيل ڏسي ڏک ڦٽ نوٽ ڪري اسپتال ۾ داخل ڪرائي علاج ڪرائيندو هو. عمرڪوٽ ۾ پوسٽ مارٽم جون رپورٽون ٺاهيندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن ڇاڇري مان تار ايندي هئي ته لاش اڳتي ڪٽڻ لائق نه آهي، هتي اچي پوسٽ مارٽم ڪري ڏيو. پوءِ رات جو اٺ تي چڙهي روانو ٿيندو هو. اتي پهچي پوسٽ مارٽم ڪري اسپتال ۾ آيل مريضن کي تپاسي علاج ڏيئي رات جو ٿوري دير ننڊ جو جهوٽو ڪائي صبح سج ايرڻ کان اڳ ۾ نڪرندو هو. علاج دوران مريض کي جيستائين سڪون نه ايندو هو. تيستائين هُن وٽ ويٺو هوندو

هو.

ناليواري ليکڪ ارباب نيڪ محمد پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي تہ ”شهيد بختاور جو پوسٽ مارٽم ڊاڪٽر هرچند راءِ ڪيو هو.“ رپورٽ ڦيرڻ لاءِ هن تي وڏو دٻاءُ وڌو ويو پر اڳيان گرڌاري لال جو ڄايل ڊاڪٽر هرچند راءِ هو. اپريل 1959ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ڊيوٽيءَ دوران هن سرڪاري نوڪري تان استعيفيٰ ڏني. ٽنڊي محمد خان جي ميمڻ سيٺ مرحوم عبدالخالق اتي ئي پرائيويٽ اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ زور پريو. هُن اسپتال لاءِ جاءِ ڏيڻ جي بہ آڇ ڪئي. پر هن ڪونہ مڃيو. ڊاڪٽر چيو تہ، ”مون تي پهريون حق منهنجي عزيزن جو آهي، پوءِ پاڙي وارن، پوءِ ڳوٺ وارن جو پوءِ ٿر وارن جو آهي“ هن پيهر عمرڪوٽ ۾ سينٽر ڪوليو. پنهنجي اسپتال جو نالو ”ٿر ڪيور ڪلينڪ“ رکيو. ساڳي سال ۾ نومبر 1959ع تي ڪنري ۾ بہ اسپتال قائم ڪئي. ڪجهہ وقت اتي ڏيڻ شروع ڪيو. ڪنري واري اسپتال 1962ع تائين رهي.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش سان 1966ع ڌاري عمرڪوٽ ۾ ٽي بي سينٽر قائم ٿيو. سينٽر جي قائم ٿيڻ جي ڏينهن کان وٺي پنهنجي اڌ ڏينهن جي ڪمائي ٽي بي سينٽر کي ادا ڪندو رهيو. ٽي بي ايسوسيئيشن، فئميلي پلاننگ ايسوسيئيشن ۽ ڪلچرل ڪاميٽي جو عهديدار رهيو. هلال احمر ضلعي عمرڪوٽ جو ڪيس تاحيات ميمبر بڻايو ويو. روٽري ڪلب لاءِ بہ هن پنهنجون خدمتون آڇيون. مختلف هنڌن تي ڪئمپن ۾ ڊاڪٽر صاحب اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو. ٿر جي سماجي ورڪر نندن لال نندن جي سماجي ڪمن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب خاص دلچسپي وٺي نندلال نندن چئريٽيبل فائونڊيشن قائم ڪئي. ڏڪار جي وقت ۾ هن اداري جي پليٽ فارم تان مخير ساٿين کي ميڙي غريب ماڻهن جي مدد ڪئي. ڊاڪٽر صاحب گپت دان (لڪيل خيرات) جو بہ گهڻو قائل هو. ڪيترن ئي خاندانن جي انهيءَ جذبي هيٺ پرگهور لڌي. ان سهڪار کي ڪڏهن پڌرو ٿيڻ نہ ڏنو.

1968ع ۽ 1969ع جي زماني ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو صاحب عمرڪوٽ آيو. تڏهن ڀٽي صاحب کي قلعي کان جلسي گاهہ تائين ڊاڪٽر هرچند راءِ جي گاڏيءَ ۾ آندو ويو هو. ڀٽي صاحب ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ان گاڏي جي ڊرائيور جمال مڪراني کي ڏهہ ايڪڙ زمين تحفي طور ڏني هئي. ڊاڪٽر صاحب جو ڪامريڊ روچيرام وڪيل سان تمام گهاٽو سنٻنڌ هو. 1959ع ۾ بنيادي جمهوريت جي چونڊن ۾ بيٺو تہ ڊاڪٽر صاحب روچيرام کي ووٽ ڏيڻ لاءِ منيءَ ۾ رهندڙ واسطيدارن کي خط لکيا. 1965ع ۾ هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڊاڪٽر صاحب کي جيل ياترا بہ ملي. روچيرام وڪيل پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو آهي تہ، ”ڊاڪٽر صاحب جيل ۾ هو. تہ پويان سندس ڀنيءَ تي سيد صالح محمد شاهہ ڦڏو ڪيو. ڪيس ڪورٽ ۾ هو. راجا غني سرزمين تي مدد ۾ هو ۽ آئون هن سان گڏ سول جج جي ڪورٽ ۾ هوس.

1970ع جي چونڊن ۾ راڻي چندر سنگهہ جي سامهون ڊاڪٽر هرچند راءِ صوبائي اسيمبلي جي ٽڪ تي چونڊ لڙيو. وڪيل مراد علي ڊاڪٽر هرچند راءِ جي حق ۾ هٽ ڪنيو. ان چونڊ ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي بہ حصو ورتو هو. وڏو دنگل متو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ورڪن ۾ مامو جمن دربدر بہ سرگرم هوندو هو. جلسي جي ڪمپئرنگ وغيره مامي جمن جي حوالي هئي. جنهن ڳوٺ ۾ جلسو رکيل هوندو هو. ان ڳوٺ ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ مامي جمن وارا اطلاع ڏيندا هئا. ماڻهو ڊاڪٽر هرچند جو نالو ٻڌي مريض وٺي اچي گڏ ٿيندا هئا. ڊاڪٽر سياسي تقرير مختصر ڪري مريض نهاريندو هو. نيٺ مامي جمن ڊاڪٽر صاحب کي چيو تہ، توهان سياسي سرگرمي کي وقت گهٽ ڏيئي رهيا آهيو. ماڻهو توهان کي وري مريضن ۾ قابو ڪري ٿا ڇڏين. ائين پاڻ هارائي ويندا سين. ڊاڪٽر صاحب موٽ ۾ پنهنجي روايتي انداز سان مرڪندي جمن کي ورندي ڏني تہ، ”جمن آئون بہ سمجهان پيو. هارائي ويندس پر آئون

اها روايت وجھڻ ٿو چاهيان تہ وڏي ماڻھو جي سامھون غريب ماڻھو چونڊ لڙي سگھي ٿو. جن غريب جاتين جي لاءِ اوچا لفظ ادا ڪيا پيا وڃن، انھن جي ووٽ جو قدر ٿئي. پنھنجي انھي جستجو سان جاگيردارن ۽ وڏيرن کي انھن عام ماڻھن وٽ ووٽ لاءِ منٿون ڪرڻيون پونديون.“

1970ع ۾ هار باوجود هن وٽ وڏو حوصلو هو. ڄام ساقيءَ سان گڏجي ڇاڇري ۾ عام ماڻھن جا ٿورا مڃڻ لاءِ هن ريلي ڪئي.

1985ع جي غير جماعتي چونڊن ۾ پڏيلي جي سوڍي جيتمل سنگھ قومي اسيمبلي جي سيٽ تي فارم ڀرايو تہ ڊاڪٽر هرچند راءِ بہ صوبائي سيٽ تي حصو ورتو. 1985ع ۾ ڏار ووٽ جو سرشتو هجڻ ڪري اقليتي ميمبر لاءِ پورو صوبو حلقو هوندو هو. آسانيءَ سان هيرا ڦيري جا موقعا موجود هئا. ڊاڪٽر صاحب ان موقعي تي ڪافي ووٽ کنيا پر ”مايا جي ڇايا“ جي بنياد تي ڊاڪٽر صاحب کي هارايو ويو. ڊاڪٽر صاحب جي ويجھن دوستن ڊاڪٽر صاحب تي ”ڏيتي ليتي جي زماني سازي“ ڪرڻ لاءِ زور ڀريو پر هن اڏول انسان وٽ ”نہ تہ نہ هو. مکي نهال چند ۽ مير حيات ڊاڪٽر صاحب جي ڪاميابي لاءِ پنھنجي طرفان وڏيون ڪوششون ورتيون پر سينين ”ڏنو پٽ ڇتي جو“ جي آڌار وارو وڄائي ورتو.



1993ع ۾ ڊاڪٽر هرچندراءِ جي فرزند مهندر ديو پ پ جي ٽڪيٽ تي صوبائي سيٽ تي چونڊن ۾ حصو ورتو. مهندر بہ سخت مقابلو ڪيو. پھرين ڏينھن شروعاتي چونڊ نتيجن ۾ مهندر ديو کي ڪامياب قرار ڏنو ويو. پر پوءِ هيرا ڦيري جي ”هنرمندي“ ۾ ڪيرايو ويو. مهندر ديو ٽربيونل ۾ ويو. بہ سال ڪيس هليو. پر ڪيس جو فيصلو اچڻ وارن ڏينھن ۾ اسيمبليون معطل ٿي ويون.

عمرڪوٽ شهر جي ووٽن ۾ ڊاڪٽر هرچندراءِ ”ڪنگ ميڪر“ جي حيثيت رکندو هو. سيٺ ٽيڪم سان ڊاڪٽر هرچند راءِ جو وڏو حمايتي هوندو هو. ڊاڪٽر هر چندراءِ 1966ع، 1979ع ۽ 1983ع ۾ ٽائون ڪاميٽي عمرڪوٽ جو ميمبر ٿيو. 1983ع ۾ ٽائون ڪاميٽي عمرڪوٽ جو چيئرمين چونڊيو ويو. ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ٽائون جي چيئرمين شپ دوران ڪيترائي ڪم ٿيا. جن ۾ صوفي شاعر روحل فقير جي نالي سان منسوب روحل بس اسٽينڊ عمرڪوٽ، پبلڪ پارڪ ۽ شهر جي مختلف گهٽين جا رستا شامل آهن.

1973ع ۾ وڏيرن ۽ جاگيردارن جي مخالفت ڪرڻ ڪري ڊي سي ٿرپارڪر سيد نور احمد شاهہ تي دٻاءُ پيو تہ ”پبلڪ سيفٽي يا ٻي ڪنھن نموني جي ڪيس ۾ ڊاڪٽر هرچند ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪيو وڃي.“ ڊي سي صاحب انڪوائري ڪري لکيو تہ ”هي ماڻھو صاف سٿرا عزت وارا آهن. آئون انھن کي گرفتار نٿو ڪري سگھان. جيڪڏهن انھن کي گرفتار ڪرڻ ضروري آهي تہ مون کي بدلي ڪرائي ٻي ڊي سيءَ کان اهو ڪم ورتو

وڃي.” ائين ڊاڪٽر ۽ سنڌس ساٿين کي ٻڌڻ وارو اهو معاملو ٽري ويو.

1974ع ۾ سنڌ حڪومت پاران ”سنڌ صدين کان“ جي عنوان سان پروگرام رٿيو ويو. ڊي سي ٿرپارڪر ۽ لوڪل بورڊ ٿرپارڪر جي صدر هڪ مرڪزي ڪاميٽي جوڙڻ سان گڏ تعلقن جون سب ڪاميٽيون ٺاهيون. عمرڪوٽ جي ڪاميٽي ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ کي ميمبر طور کنيو ويو. سب ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ خاموش ويٺو رهيو. آخر ۾ ڪنهن ميمبر چيو ته ڊاڪٽر صاحب توهان ڳالهايو نه ٿا، پنهنجي راءِ ڏيو. ڊاڪٽر ٺهه پهه وراڻيائين ته ”ڳالهين لاءِ توهان موجود آهيو، مون کي ڇڏيو ته آئون ڪم ڪري ڏيکاريان.“ پوءِ ثقافتي شين کي ميڙڻ جي ڪم سان لڳي ويو. مختلف قسمن جا زيور، هنا پاڪڙا، ارٽ، سڪا، پرت جا نمونا، رليون، ويس وڳا، برتن وغيره ڪٺا ڪيائين. جڏهن ميرپورخاص ۾ پروگرام ٿيو ته ڊاڪٽر صاحب اتي ثقافتي شين جو شاندار اسٽال لڳايو. ڊاڪٽر صاحب جو اسٽال تمام گهڻو توجهه جو مرڪز رهيو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ان وقت جي ثقافتي وزير پيار علي الانا تمام گهڻو ساراهيو.

ساڳي سال ۾ اهڙو ثقافتي ڏهاڙو صوبائي سطح تي ڪراچيءَ ۾ ملهايو ويو. ضلع ٿرپارڪر مان ڊاڪٽر هرچندراءِ کي ثقافتي اسٽال لڳائڻ لاءِ چيو ويو. انهيءَ اسٽال ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ ميرپورخاص واري اسٽال کان وڌيڪ سامان رکيو. هنرمندن جون تيار ڪيل شيون ۽ انهن کي گهربل سامان ۽ ثقافتي شيءِ جڙڻ جو سارو عمل بيان ڪري رکيو. ان وقت جي وفاقي وزير مولانا ڪوثر نيازي به نمائش جو دورو ڪري ڊاڪٽر صاحب کي جس ڏنو هو.

ڊاڪٽر هرچند راءِ ذاتي طور تي ڪوششون وٺي مختلف وقتن تي ثقافتي ميڙ به ڪوٺايا. ٿر جي تاريخ تهذيب، ٻولي ۽ ثقافت جو انسائيڪلو پيڊيا هو. 1986ع ۾ ان وقت جي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي جي خاص دلچسپي تي هن ميرپورخاص جي پوليس لائين جي گرائونڊ تي هڪ ماڊل ٿري گهر ٺهرايو. جنهن ۾ ٿر جي روزمره جي زندگي ۾ ڪم ايندڙ شيون رکيون ويون. وزيراعظم محمد خان جوڻيجي دنيا جي مختلف ملڪن جي سفيرن کي ماڊل ٿري گهر جو دورو ڪرايو. ڊاڪٽر هرچند راءِ سنڌالاجي جهڙي اداري جي خريدي ڪاميٽي جو ميمبر رهيو. ٿر مان ثقافتي شيون خريد ڪرڻ ۾ هن وڏو سهڪار ڪيو. اهڙي طرح سنڌ ميوزم ۽ شمس العلماءَ عمر بن دائود پوٽا لائبريري جي سار سنڀال ڪاميٽي جو به ڊاڪٽر صاحب کي ميمبر بڻايو ويو. جتي به هن پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي، اردو، انگريزي، هندي ۽ سنسڪرت ٻولين جو ڄاڻو هو. ڍاٽڪي هن جي روح جو حصو هئي. هن ڍاٽڪي ٻولي ۽ ثقافتي شين نالن جي ڊڪشنري به تيار ڪئي پر اها اڻ ڇپي رهجي ويئي. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي به لکي. ڊاڪٽر صاحب جا خط به تاريخ جو اهم حصو آهن. مختلف ڪتابن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي اڀياس به لکيا. پر اهي سڀ شيون اڻ ڇپيون آهن.

ڊاڪٽر هرچند راءِ کي زندگي ۾ سندس خدمتن جي مڃتا ۾ صدارتي ايوارڊ سميت مختلف ايوارڊ مليا. جن ۾ ايگريڪلچر اينڊ انڊسٽريل ايگزيبيشن (1985ع) ٿرپارڪر ميلو ايوارڊ (1985ع) قائداعظم خدمت خلق ايوارڊ (1994ع) نشان لطيف ايوارڊ، ڀانهن ڀيلي ايوارڊ (1998ع) انٽرنيشنل والينٽري ڊي ايوارڊ (7-2006-8) سامي ايوارڊ (1994ع) پي ايس اي گولڊ ميڊل، ايجوڪيشن اينڊ ڪلچرل افيئر ايوارڊ (1998ع) روٽري ڪلب سگنيفڪشن اچيومينٽ ايوارڊ شامل آهن. صدارتي ايوارڊ 2007ع ۾ مليو.

ٿر جي ڳوٺ گوڏيار ۾ جوڏوجي مڪڙ کي ڊاڪٽر هرچند جي ماسي پرڻايل هئي. ماسي جي وفات تي ڊاڪٽر صاحب جو والد صاحب سائين گرڌاري ۽ امڙ تعزيت جي لاءِ جوڏو جي مڪڙ جي گهر ويا. سائين گرڌاري جوا جا ڪو

اولاد نہ هو. اتي واپسيءَ ۾ سائين گرڌاري لال وندر لاءِ جوڌو جي کان پٽ گهريو. جوڌي جي پنهنجو وڏو پٽ ڪيشو لال سائين گرڌاري لال جي حوالي ڪيو. گرڌاري لال ڪيشو لال کي پڙهايو. نوڪري وٺي ڏني، شادي ڪرائي. ڊاڪٽر هرچند راءِ ۽ سندس ڀائرن ڪيشو لال کي سدائين پنهنجو وڏو ڀاءُ سمجهيو. سائين ڪيشو لال منڙيو ڀٽي ۽ ڀرپاسي جي ٿپن ۾ تعليم عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

1920ع جي زماني ۾ عمرڪوٽ ۾ هڪ پيٽ جي بيماري منهن ڪڍيو جنهن کي مقامي ٻولي ۾ ٻرهل سڏيو ويندو هو. ان بيماري سبب عمرڪوٽ مان ماڻهن جي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ ٿي. سائين گرڌاري لال بہ عمرڪوٽ مان لڏي نيوچور ۾ رهائش اختيار ڪئي. ڪجهہ سالن کان پوءِ وري واپس عمرڪوٽ آيا. نيوچور وارو گهر گهڻي وقت تائين سلامت رهيو. ان گهر جي ڀر سان اسڪول هوندو هو. جنهن ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ پڙهيو هو. ان اسڪول کي جڏهن وڏيڪ پلاٽ جي ضرورت محسوس ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پراڻي گهر جو پلاٽ اسڪول کي ڊونيٽ ڪيو.

سائين گرڌاري لال نہ صرف مثالي استاد هو پر با اصول بيٽ آفيسر پڻ ٿيو. اسڪول جي وزٽ توڙي امتحانن ۾ ڪڏهن استاد ۽ ٻوناٽي تي وزن نہ وڌو. پنهنجي ڪاڏي پيتي جو سامان گهوڙي تي گڏ هوندو هو. گهوڙي کي بہ ڪک ڪانا توڙي داڻو پاڻي پنهنجن پئسن جو خريد ڪري ڏيندو هو.

ڊاڪٽر صاحب جڏهن سرڪاري نوڪري شروع ڪئي، تڏهن سندس والد صاحب گرڌاري لال گرهستي جيون ڇڏي سنياس ڌارڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي پيڻ لڪشمي ٻائي جي ڇڇ آيل هجي، ٻائي لڪشمي جي پارٽيت جي ٻي ڏينهن رهاڻ ۾ سائين گرڌاري اٿي ويهي چيو تہ آئون اوهان سڀني کي پرٽام ڪري پنهنجي زندگي بابت هڪ اهم اعلان ڪرڻ چاهيان ٿو. هاڻي منهنجا گرهست (گهرو) فرض پورا ٿي چڪا آهن. هرچند راءِ روزگار سان لڳي ويو آهي. پنهنجن ڀائرن کي اڳتي پڙهائڻ توڙي ڀيڻن کي ساهرن مان ڪونڻ ۽ موڪلڻ جي سگهہ رکي ٿو. گهر جي سرپرستي اڄ ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر هرچندراءِ جي حوالي آهي. آئون سنياس ڌارڻ ڪريان ٿو. ڊاڪٽر هرچند راءِ پنهنجي والد صاحب جو اهڙو اعلان ٻڌي پهرين تہ ڏاڍو پريشان ٿي ويو. پر پوءِ دل جهلي اٿي ويهي هٿ جوڙي والد صاحب جون ڏنل ذميواريون قبول ڪيائين.سائين گرڌاري لال سنياس جي زندگيءَ ۾ پرلوڪ پڌارڻ جو اطلاع ڏيندي امراڻي جي معزز شخصيت سوڍي آئيڏان سنگهہ چيو تہ "ڊاڪٽر صاحب منهنجو روحاني پتا پرلوڪ پڌاري ويو. "اهو چوڻ سان سوڍي جون اکيون ٻڌي جي بادل جيان برسي پيون.

ڊاڪٽر هرچند راءِ جي سيني ۾ دلير دل ڌڙڪندي هئي. هن جي ٻانهن ۾ رڻ کيتر جي سپاهين جهڙو ٻل هو. 98 سالن جي عمر بہ هن کي هيٺو نہ ڪري سگهي. هن آخري گهڙي تائين پاڻ کي ڪڏهن نٻل، ويچارو ۽ ويڳاڻو محسوس نہ ڪيو. هن کي ڏسي سائين راشد مورائي جون سٽون ياد اينديون هيون:

ڪي ڪي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي ذهني طور لڳن ٿا پوڙها
ڪي جهور جهان ۾ آهن، جن جا جذبا جوان لڳن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب کي مارئي جي ڪردار سان پنهنجائپ ۽ اڪير هئي تہ عمر جي انصاف جو قدر هو. عمر بادشاهہ هجڻ باوجود مارئي تي ڏاڍ نہ ڪيا. مارئي جو ست سلامت رهيو. هن علي احمد بروهي کي گهرائي عمرڪوٽ ۾ هڪ پروگرام ڪرايو جنهن جو موضوع هو "مارئي پئي ملڪن ۾ ڳائجي، عمر چو نہ!"

ڊاڪٽر صاحب منهن تي سچ چئي ڏيندو هو. ڊاڪٽر صاحب جا سچاگفتا ڳوٺن ۾ مشهور آهن. هڪ دفعي سياسي اختلافن تان ڊاڪٽر صاحب کي موتمار ڌمڪيون مليون تہ ڊاڪٽر صاحب مرڪي ڌمڪي ڏيندڙ کي چيو تہ اڳ ۾ آئون ڪمري ۾

سمهندو آهيان. هاڻي ٻاهر گهٽيءَ جي ٿلهي تي سمهندس. ڊاڪٽر صاحب جو هڪ دوست 70 جي ڏهاڪي ۾ لک جي لڳ ڀڳ پئسا اڌارا وٺي ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اڌارا پئسا وٺي ويندڙ دوست جي دل ڦري، پئسا ڦٻائڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڏانهن وڃڻ ڇڏي ڏنو. ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ هن پنهنجي دوست کي ملڻ لاءِ نياپو ڪيو ته چاهيندي به دوست کي نياپي تي اچڻو پئجي ويو. پئسا به گڏ آندائين. ڊاڪٽر صاحب پئسا وٺڻ بدران دوست کي چيو ته تو انهن پئسن جي ڪري مون سان ملڻ جو تعلق ختم ڪري ڇڏيو. آئون انهن پئسن کي ڇا ڪريان! ؟ اهي پئسا جن جي ڪري دوست جو من ڦري وڃي پوءِ پئسن جي دستي ربيو ربيو تي ويئي پر هن اڏول انسان انهن پئسن کي هٿ نه لاتو.

سڀ ۾ پرين پسڻ واري ڊاڪٽر هرچنداراءِ جو عقيدو ويدانتي پنٿ سان هو. هو پنهنجي ڌرمي عقيدي موجب صبح جو اٿي ويدن جا منتر پڙهندو هو پوءِ يگيه ۾ هون ڪندو هو. ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي پهرين ڪچهري الياس ترڪيءَ سان گڏ ٿي هئي ڪافي موضوع ڪليا هئا. پر اي بي آريسر ۾ مون ڊاڪٽر صاحب سان هڪ دفعي دنيا جي مختلف ڌرمن تي ڀرپور ڪچهري ڪئي. هُو ڌرمي فلاسافر جيان هر سوال جو جواب ڏيئي رهيو هو. مون کي ائين لڳو ته آريائي دور جو رشي نئين روپ ۾ صحرا جي پٽ تي اچي پهتو آهي. آڳاٽن رشين جيان سنڌ هن جي روح ۾ سمايل هئي. سنڌ هن جي رڳن ۾ رت جو روپ هئي. هن ڪڏهن سنڌ ماتا کان منهن نه موڙيو.

ماتا تو کان منهنڙو موڙي، ڪيئن رهندس آنءُ
سنڌڙي مان ته سچاپان ئي تنهنجيءَ نسبت ساڻ!

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي والد صاحب جيان عمر جي آخري حصي ۾ سنياس وٺڻ تي چاهيو پر شهر جي چاهيندڙن ائين ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. پر پوءِ به هن پنهنجي گهر کي رين بسيرا، جي جاءِ وانگر ڏنو:

ماٽي چن چن ڪي محل بٹايا، مورک ڪهي گهر ميرا
ناهي گهر ميرا، ناهي گهر تيرا، ديا جهنگل ۾ هي ڊيرا

پيرسائين پاڳاري شاهه مردان شاهه راشدي صاحب سان ڊاڪٽر هرچند راءِ جي دلي عقيدت هئي. 1989ع ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ کي جڏهن ڌاڙيلن اغوا ڪيو تڏهن پيرسائين پاڳاري صاحب ڊاڪٽر جي بازيابيءَ لاءِ خاص طور دلچسپي ورتي هئي. ڊاڪٽر صاحب جي بازيابيءَ لاءِ ٿرپارڪر جي ان وقت جي ڊي سي نثار احمد صديقي صاحب جون انتظامي سطح تي ورتل ڪوششون ساراهه لائق آهن. عوامي دٻاءُ پڻ وڌو اٿيو هو.

تعلقي عمرڪوٽ جي هر سياسي سماجي خاندان سان ڊاڪٽر هرچند راءِ جو پنهنجائپ جو تعلق رهيو. سڀ ڊاڪٽر هر چندراءِ جو مان رکندا هئا. عمرڪوٽ شهر جا ماڻهو کيس "ٻاءُ" سڏيندا هئا. راڻي چندر سنگهه سان سياسي لاڳاپن جي لاهن چاڙهن باوجود سماجي طور تي ڊاڪٽر صاحب جو گهاٽو تعلق جڙيل رهيو. ٻنهي خاندانن پاڻ ۾ "ڌرميلي" جو دستور پوري ريت نڀايو. راڻي چندر سنگهه جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ راڻي همير سنگهه سدائين ڊاڪٽر صاحب جي مان مريادا رکي. ڪنور ڪرڻ سنگهه ڊاڪٽر صاحب جي وڇوڙي تي آخري سفر ۾ "پيرين اڀراڻو" شامل ٿي پيڙهين جي تعلق کي اجاري اچو ڪيو.

ڪاروڙي ۾ ڪيجراڙي جي ساداتن، ۾ ناري جي نواب پلي پائرن ۾ ٽالپرن جي ڊاڪٽر صاحب سان پريم پاونا مثالي رهي. نواب يوسف ٽالپر وقت به وقتن ڊاڪٽر صاحب سان رهاڻيون رچائيندو رهيو. مٺيءَ جي ملاڻي خاندان ۾ پروفيسر شيام داس جوشي سان ڊاڪٽر هر چند راءِ جيءَ جو رشتو جوڙي رکيو هو. جڏهن به ڊاڪٽر صاحب جو مٺي اچڻ ٿيندو هو ته شيام داس سان ضرور ملندو هو. ڊاڪٽر صاحب جنهن به ڪردار ۾ اعليٰ انساني ڪردار ڏسندو يا ٻڌندو هو، هن کي اتساهيندو هو. مٺي جي منفرد ڪردار حاجي محمد دل جو پروفائيل اخبار ۾ پڙهڻ سان ڊاڪٽر صاحب مٺي ملڻ آيو هو.

ڪراچي جو اڳوڻو ستي ناظم مولانا نعمت الله صاحب ڪراچي ڪان جڏهن عمرڪوٽ ايندو هو ته ڊاڪٽر صاحب سان ضرور ملندو هو. سپر اسٽار بيسٽ مين سعيد انور عمرڪوٽ آيو ته فروٽ ۾ منائي جو تحفو کڻي ڊاڪٽر صاحب هُن سان ملڻ ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب سان وڏي نيازي مندي هوندي هئي. جمالي صاحب ۽ ڊاڪٽر صاحب جون پاڻ ۾ ڪچهريون پڏڻ جهڙيون هونديون هيون. ڊاڪٽر صاحب جي پر لوڪ پڌارڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب جي پهرين ورسي جي صدارت مولانا جمالي صاحب ڪئي. ان موقعي تي مولانا صاحب آفاقي دعا گهري هئي.

ڊاڪٽر هرچند راءِ لاءِ مشهور آهي ته هُو مزاج ۾ سخت هوندو هو. مريضن کي ڏنل دڙڪن ۽ لطيفن جو وڏو داستان آهي. پر ويجهڙائپ ۾ رهندڙ ساٿين جو چوڻ آهي ته هُو من جو ملائم پڻ هو. سماجي روين جي ڪڙاڻ کي هن ڏاڍو برداشت ڪيو. درد مند دل جي قرار جي واسطي بي قرار رهندو هو. هن خزان نصيب زندگي لاءِ بهار ڳوليو هو. هن پنهنجي هستي مات ڪري ٻين کي مسرور بڻايو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ ڪيترن ئي شاگردن کي پڙهائي ۾ معاشي مدد ڪرڻ سان گڏ حوصلو ڏنو. ڪيترن ئي نوجوانن کي روزگار وٺي ڏنو. ڪيترن ئي نوجوانن جي تربيت ڪئي.

سنڌ جي نامور اديب سائين وليرام ولڀ ڊاڪٽر هر چند راءِ کي "پيشم پتامهه" سڏيو آهي. وليرام ولڀ کي جڏهن صدارتي ايوارڊ مليو ته ڊاڪٽر صاحب نه صرف هلي وڃي کيس مبارڪباد ڏني پر وليرام جي مان ۾ عمرڪوٽ ۾ هڪ پروگرام پڻ رکيو.

ڊاڪٽر صاحب سوٿهڙ قبيلي ۾ جادم ونس جي راجا تنوپاتي جي اولاد مڪر عرف مڪڙ/ماڪڙ جي نک سان تعلق رکندڙ هو. پر هن"جانگڙ براهمڻ"جي متي کي به گهٽو پڙهيو هو. ننڍي کنڊ جي هن هنرمند جاتيءُ جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ ڊاڪٽر هر چند راءِ هر طرح واهر ۽ وسيلو ٿي بيٺو. هن علائقي سان گڏ پنهنجي ڪميونٽي ۾ به سياسي سگهه پيدا ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا.

ڊاڪٽر صاحب منهنجو مربي ۽ محسن هو. جڏهن به ڊاڪٽر صاحب سان منهنجو ملڻ ٿيندو ته مون کي ڳل ڳراٽڙي پائي پنهنجن ٻاجهارن هٿن سان آسيس ڏيندو هو. چيلهار مان ڪو مريض ويندو هو يا ڪوئي عزيز ڊاڪٽر منهنجو ضرور پڇندو هو. ڊاڪٽر صاحب مختلف وقتن تي مون ڏانهن خط به لکندو هو. سچ اهو آهي ته ڊاڪٽر صاحب جهڙو نيڪ شخص ٻين ۾ نيڪين جو ڳولهائو هو.

ڊاڪٽر صاحب منهنجي هڪ لوڪ ادب واري ڪتاب,گيت سانوڻ من ڀانوڻ جا" جو تفصيلي تنقيدي اڀياس لکيو.

عمر جي آخري ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب مون تي اهو ڪم رکيو هو ته ٿر ۾ ڳائجندڙ همرچي جا قسم گڏ ڪري موڪل, ڊاڪٽر صاحب کي 98 سال جي عمر ۾ به همرچي جي تانگهه هئي.

مون ڊاڪٽر صاحب لاءِ همرچي جا مختلف رنگ ميڙيا پر روايت سستيءَ سبب موڪلي نه سگهيس. ۽ ڊاڪٽر صاحب 4 مارچ 2013ع تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو. آخري سفر ۾ ٿر ۽ عمرڪوٽ جا هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا پر آئون رولاڪ شخص شامل نه ٿي سگهيس.

چو طرف سُڃ خزان ٿي، نيڻن نهار تائين.
افسوس هُو نه آيو راشد مزار تائين

منهنجي اکين ۾ اڄ به ڊاڪٽر هر چند راءِ جو متحرڪ روپ آهي. تصور ۾ اڄ به هُڙڪ هرچند راءِ آهي. جيڪو هُڙڪ هلڻ جو سڏ ڏيئي رهيو آهي.

هڙڪ هلو، ڏيما هلو
پنڌ پري هو ڪير ڪري هو،
وات اواڻي، ڏيل ڏري هو،
پو به پرينءَ جو پنڌ پلو،
هڙڪ هلو، ڏيما هلو.
(شيخ اياز)

## Smart Study Secrets

# سُجاڳ اپياس جا ڳُجهہ

**سليم انور عباسي**

وقت جنهن حساب سان اينالاگ کان ڊجيٽل ۾ تبديل ٿيو ان نہ رڳو تعليم ۾ ڪاروبار پر زندگيءَ جي سڄي وهنوار ۾ لائيف اسٽائيل کي تبديل ڪري ڇڏيو. هينئر اسين اي ڊجيٽل ايجوڪيشن ۾ مارڪيٽنگ جي دنيا ۾ جي رهيا آهيون جتي آن لائن مارڪيٽنگ ٿي سڀ کان سولي وندر آهي.

اڄوڪي انٽرنيٽ جي دنيا ۾ ڪنهن بہ سنڌيءَ لاءِ سنڌي، انگريزي ۽ اردو سميت دنيا جي سيني ٻولين کي سکڻ ۽ پروجهڻ جي واٽ کلي پئي آهي. رڳو اسان تي آهي تہ اسين ڪهڙي پسند (Choice) رکون ٿا.

ٽيڪ جنريشن جي آٽوميشن ۽ روبوٽڪ مصنوعي دنيا واري هن ٽيڪ ورلڊ ۾ ڪنهن بہ شاگرد لاءِ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي ڪهڙي بہ علم کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ پروجهڻ پهريان کان سهولت پريو ٿي پيو آهي. اڄوڪي دنيا جي اسمارٽ اسٽوڊنٽس لاءِ بہ ڪجهہ خاص اسٽڊي سيڪريٽس موجود آهن جنهن تي عمل ڪندي سنڌن لاءِ ڪنهن بہ امتحان ۾ ويهي اسمارٽ لائيف اسٽائيل سان ڪم جي ڳالهہ تي ڌيان ڏيندي رڳو اهڙي معلومات تي ڌيان ڌرڻو هوندو آهي جيڪي امتحان ۾ لازمي آهن. سنڌس روز جي وهنوار جو ٽائيم شيڊول اُڪلاءَ تي ٻڌل هوندو آهي، ڪم کي اينگهائڻ بجاءِ وقت سر ڪرڻ کي ترجيح ڏيندي پنهنجي ذهن تي بار ناهن وجهندا.

اوهين پرائمري تعليم کان ويندي اعليٰ تعليم تائين جيڪا بہ ڊگري حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا پوءِ اها ميٽرڪ، انٽر، بي اي، ايم اي جي هجي يا اي ليول، او ليول، GMAT, SAT، ڊسٽو اِهو آهي تہ ڪهڙي موضوع سان توهان کي پيار آهي. جي توهان جو ذهن سائنٽفڪ ۽ لاجيڪل آهي تہ اڄوڪي دور ۾ ڪمپيوٽر سائنس خاص طور ڊيٽا سائنس بابت بنيادي ڄاڻ انتهائي لازمي ٿيو پوي تہ اڄوڪي جذبن سان ٻڌل مصنوعي ذهانت رکندڙ ڊجيٽل ورلڊ ۾ اسين سافٽ ويئر ۾ هارڊ ويئر جي دنيا کان واقفيت حاصل ڪيون.

ڪرٽوءِ پرٽو توهان کي آهي.

پڙهو ۽ سوچيو اوهين ٿا _ لفظ رڳو سان وچ ۾ رابطي جي پُل آهن. جيڪڏهن اپياس ۾ پڙهت کي بصيرت افروز مطالعي سان عادت ڪري ڇڏجي تہ ان کان وڌي وندر ڪا بہ ڪونهي، اوهين اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا ورڪنگ لائيف ۾ آهيو_



جتي بہ آهيو اسڪل ڊولپمينٽ پروگرام اوهان جو ذاتي هوندو آهي، اسان منجهان شاگردن ۾ شاگرديائين جي گهٽائي نصابي ڪتابن کان ونءُ ويندي آهي. ڪورس ٻُڪس پڙهندي اصل ۾ رو چڙيو وڃي. اڃا پڙهائيءَ جو نالو ورتو ناهي اوپاسيون ڏنيون ناهن.

جي اوهين وجود جي اهميت ڄاڻي پاڻ کي عزت ڏيو ٿا تہ يوٽيوب سيلف ٽيوٽر جي هڪ وڏي دنيا کلي پئي آهي جتان ڪمپوزنگ کان ويندي پيج ڊيزائن تائين هر هنر سنڌي، اردو، انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪليو پيو آ _ جي اوهان پاڻ کي مانُ ڏنو تہ

يقين ڄاڻيو سوڀ اوهان جي آهي. تہ پوءِ اچو تہ تعليمي ميدان ۾ ذهين شاگردن ۽ شاگردياڻين جي لائيف اسٽائيل ۾ جهاتي پايون تہ سندن ڪهڙا رويا آهن جن ڪري ڪين ڪاميابي پلئہ پوندي آهي.

سوچيو "آءٌ باصلاحيت آهيان"

چوندا آهن تہ هر انسان پنهنجي ئي سوچ جو عڪس ۽ پاڇولو آهي. جهڙو اسين سوچيون ٿا، سوئي پلئہ پوي ٿو. ساڳيو اصول اپياس تي آهي ان لاءِ اپياس جي شاهي دروازي ۾ روڪ رکندي پهريون اصول من ۾ هنڊايو تہ آئون جينئس آهيان. اوهان کي دنيا ڄاڻن جي دنيا ۾ قدآور ماڻهو لوڪ پريت گهٽ ملندا. اوهانکي پنهنجي ذات، پنهنجي سگهہ، پنهنجي ٻل تي اعتماد هئڻ گهرجي! پاڻ تي اعتماد ڏاري ڏيان سان لفظ پڙهندي گم ٿي ويندا تہ اِهي ساڪت سانت سلهاڙيل لفظ بہ نچڻ ڪڏڻ لڳندا.

جينئس ڇا ڪندا آهن؟

ڏاها (Genious) هر نئين خيال لاءِ پنهنجي ذهن جي ڊاڳن کي کليل رکندا آهن. هُو بحث مباحثي کان پري سُٽ کي گهنجڙڻ ناهن ڏيندا. هُو منفرد نرالي سوچ جا مالڪ هوندا آهن. سندن من ۾ ڪينو ڪدورت ناهي هوندي! ڏيهان ڏيهہ جو احترام ڪندڙ اسين سنڌ واسي ڏاها رهيا آهيون. اِها سگهہ اها جوت من ۾ تہ ڏيئي وانگر اوهان کي ٻارڻي پوندي. اوهين ڇو ميڙاڪن جي واڪن ۽ نعرن ۾ وجود کي ٻڏاريو. اوهين ڇو تہ ڪجهہ اهڙو ڪريو جنهن پٽاندڙ پنهنجو بين جو پيٽ پلجي. ڏاها ڪڏهن بہ وڏي هام ناهن هڻندا.

پنهنجي پيرن تي بيهو

هن نصيحت تي امڙ چواڻي ياد آيم: "ماجد! صحيح پئي چيو! پنهنجو دماغ نتن- هُش تي خوش! اُٺ هوش جي دوا ڪرا!" جڏهن اوهين پنهنجي پيرن تي بيهو ٿا تہ اوهان کي دماغ ۾ وڌيڪ رت پهچي ٿي. پوءِ بستر منجهہ پاسا ورائڻ مان ڇا هٿ حاصل!؟

پاڻي وڌ کان وڌ پيئو

اوهان جي دماغ جو 70 سيڪڙو پاڻي آهي ۽ گهڻي ڀاڱي ماڻهو دماغ لاءِ ڪافي مقدار ۾ پاڻي نٿا پيئن. ڀيو نہ تہ صبح جو پاڻيءَ جو ڀريل هڪ گلاس ئي ڏوگهي وٺو. سڄي ڏينهن جي گرمائش ۽ ٻاڦ کان جند آجي رهندي. پنهنجي جسم جي وزن موجب توهان کي روز گهٽ ۾ گهٽ 25 گلاس پاڻي پيئڻ گهرجي. گرمي ۾ ان جو استعمال وڌ کان وڌ رکو تہ جيئن جسم پاڻيءَ جي کوٽ کان بچيل رهي ۽ دونهاتي نہ. جسم جي اڏاوت پاڻيءَ سان ٿي، پاڻيءَ جي کوٽ دماغ کي سٽ ۽ ڪاهل ٿي ڪري. ڪافي ۽ چانهہ کي ڇڏي جي صبح جو جوس يا کير جو هڪ گلاس ئي پي نڪرو تہ سڄو ڏينهن مرڪ پريو رهندو.

اپياس جي حڪمت عملي/ منصوبو ناهيو

اپياس جي حڪمت عملي جوڙڻ يا منصوبو ناهڻ ثانوي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو سڀ کان وڏو طريقيڪار آهي. پنهنجا هدف مقرر ڪيو ان لاءِ اوهين ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو!؟ ڪاغذ تي رڳو خواهشون رهن ٿيون، جنهن جا روپ هزارين- جي اوهين شاگرد آهيو تہ پوءِ اسمارٽ فون نوٽ بڪ تي اهي مضمون لکو جن جي تعليم لاءِ اوهين هن ڪلاس ۾ داخل ٿيا اهيو- هر ڪلاس ۾ پنهنجا گريڊ لکو! پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجي خواهش (Wish) هڪ ڪارڊ تي لکي هڻي ڇڏيو. ٿي سگهي ٿو تہ باٿ روم، آئيني، لاڪر چين تي لڳايو. دل ڪري تہ فيس بوڪ، ٽوئيٽر، انسٽاگرام، پنٽريسٽ تي بہ پوسٽ ڪيو. اوهين جيڪو ٿيڻ چاهيو ٿا/ٿيون اُهو سڀ اوهان جي مقصد تي ٻڌل آ تہ ٻيلي! مون کي تہ ڊاڪٽر ٿيڻو آ- ان ريت ٽارگيٽڊ اروينٽڊ ريڊنگ ذريعي گهٽ وقت ۾ گهڻو ڪجهہ پرائي سگهجي ٿو. اٿندي ويهندي اهڙين شين کي ڏسندي اوهين پنهنجي منزل کان نہ ٽڙندا. طئي ڪيل گراف موجب اپياس وسيلي تڪڙا نتيجا ماڻي سگهجن ٿا.

پنهنجي اکين ۾ اپياس جي تصوير ناهيو

اکيون بند ڪيو ۽ تصور کي آزاد ڇڏيندي پنهنجي مضمونن جي هڪ تصوير دماغ ۾ آڻيو. اها دلچسپ حقيقت آهي تہ دماغ تصوير ناهيندو آهي، جيڪو لفظ سان ڪم ناهي ڪندو. هُو تصوير ۾ تصور تبديل ڪندو ۽ ڪين حقيقت جي روپ ۾ آڻيندو آهي. توهان جو ذهن لفظن کي جامد، ساڪت روپ ۾ ڏسڻ بجاءِ تصويرن جي صورت ۾ ڏسندو آهي. هن لاءِ لفظ "شينهن" ڪا بہ معنيٰ نٿو رکي بلڪہ هُو شينهن جي تصوير ڏسي ذهن ۾ جذب ڪندو آهي. لفظ علامت تہ ٿي سگهن ٿا پر تصويرن جي جاءِ والاري نٿا سگهن. تصوير جو نقش پڪو هوندو آهي.

اپياس دوران هِل جُل ڪيو

رڳو ڪاغذ نهوڙي اکيون لفظن ۾ ٽنبي پڙهڻ ئي طريقو ناهي پر پڙهڻ وچ ۾ وقفو ڪندي اسٽڊي چيئر تان اُٿي بيهي هٿ اُڀا ڪري ساڄي هٿ سان کٻي پيپر کي ڇهڻ ۽ کاٻي هٿ سان ساڄي پيپر کي ڇهڻ جي 15_20 پيرا ورزش پڙهڻ دوران ننڊ جي خمار کان آجو ڪري ذهن کي تازو توانو ڪري ٿي. ان ڪري اسمارٽ اسٽڊي هِل جُل ڪجهہ نيئنگ ٽپا چاهي ٿي.

# ڪاڇي جو سير

(ڪاڇو ڇنو، ڪڇ سمون، پٽي جيسلمير_ قسط–1)

ننگر چنا

گهڻا سال ٿيا جو مان غيبي ديري ويو هئس. هاڻ تہ دماغ ۾ ان جي جهيڻي سار ئي موجود هئي. ڪيترن ئي ڏينهن کان جمن چنجڻي، اظهر منگيءَ ۽ بخش علي مغيريءَ جو خيال هو تہ غيبي ديري جو قديم مقام ڏسڻ هلجي. 8 مارچ تي هدايت لوهار، جمن چنجڻي، اظهر منگي، بخش علي مغيري ۽ مان نڪري پياسين. مراديءَ کان اڳيان وچي اڪبر ڪاڻئي کي بہ کنيو. ٻہ ٻہ ڄڻا موٽرسائيڪلن تي روانا ٿياسين. يارهين وڳي نڪتاسين. وارهہ شهر جي ڪُنڊَ مان ٿيندا ڪنڊو روڊ تي وڃي چڙهياسين. بخش عليءَ سان غلام علي ڪنڀر رابطي ۾ هو. ان جو چوڻ هو تہ آريجن جي ڳوٺ کان اڳيان ميد موري ايندي، اتان توهان سڌا اڳتي هليا اچجو. اسان اتان سڌو اڳتي وچڻ بدران ڪنڊو هليا وياسين. ڪي پندرهن سال اڳ ڪنڊو ويو هوندس. هاڻ تہ 2022ع جي ٻوڏ کان پوءِ ڪنڊو ڪنڊر لڳو پيو هو. پندرهن سال اڳ جيڪو ننڍڙو شهر هئو سو هاڻ اداس ۽ ننڍڙڪو ڳوٺ لڳو. ڳوٺ تائين روڊ سو پڪو هو باقي سڄي سنڌ جيئن جديد سهوليتن کان وانجهيل هو. ڳوٺ جي ٻاهران سنڌ جي سمورن شهرن ۽ وڏو ڳوٺن جيئن هڪ پوتار جي نالي تي گيٽ (در) نهيل هو. ڳوٺ جي ٻاهران ئي دڳ وٺي اڳتي نڪري آياسين. پڇڻ تي چيائون تہ دڳ وٺيون هليا وڃجو اڳتي صابُو ٻرڙي جي ڳوٺ وٽان غيبي ديري جو دڳ نڪري ٿو. ڪچو پڳل، ڪڏا ڪُوٻا ٿيل دڳ وٺيون اچي وڏي سم شاخ تي چڙهياسين ۽ بند جي پرين پَرِ صابو ٻرڙي جي آمريڪي



امداد سان ٺهيل هاءِ اسڪول جي ٻماڙهي بلڊنگ ڪِرُ ڪنيون بيٺي هئي. اهو ڳوٺ ڪاڇي جي حدن ۾ آهي.

اڳتي وڌياسين ته قنبر- غيبي ديرو روڊ واري پل آئي. اتان اولهه ڏي لڙي غيبي ديري وارو دڳ ورتوسين. روڊ جي ٻنهي پاسن کان پاڻي هو پر اتر پاسي پاڻي گهڻو هوءِ ڊنڊ جو ڏيک ڏئي رهيو هو جڏهن ته ڏکڻ پاسي ڪي پل جي هيٺان بند ٻڌو ويو هو ءِ ان ۾ ڪا پنج ڇهه فُٽ وٿي ڇڏي وئي هئي، جنهن مان پاڻي ڏکڻ ڏي وهي رهيو هو. انهيءَ ڪاڇي ۾ پڪي جي حد واري پل کان وٺي غيبي ديري تائين ٻه ٽريڪٽر ٽراليون ۾ ڪي ڇهه ڪن ڊاٽسنون بيٺيون هيون. جيڪي دَرِ (سنهي مڇي) سان ڀرجي رهيون هيون. انهيءَ دَرِ ۾ پوپرا ۽ پوپريون گهڻيون هيون. سِٽي نه هئي پر وڏي مڇي ۾ وري جرڪا ڪوڙ هئا. اصل ۾ سنهي چار سان دَرِ ڪي ميڙيو پئي ويو. اها دَرِ ٻن ٽريڪٽرن ۽ ڇهن ڊاٽسنن ۾ پري پئي وئي. ايڏي وڏي پيماني تي مڇيءَ جي نسل ڪُشي رڳو انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪڪڙن جي فيڊ لاءِ ڪپائي پئسا ڪمائي سگهجن. غيبي ديري کان هيٺ ويندي فريد آباد ۽ منڇر تائين انهيءَ پاڻيءَ تي آبي جيوت، پکي پکڻ، جانور، ماڻهو وڻ ٽڻ، وليون ٻُوٽا، سوين ڳوٺ گذران ڪن ٿا. پر هتان جي حاڪمن جي مرضي جڏهن چاهن پاڻي ڇڏين، جيترو چاهين، ڇڏين.

غيبي ديري جي اتر ۾ هزارين ايڪڙن تي پکڙيل اها ڊنڊ آهي جنهن ۾ هڪ ٻن جاين تي مياڻيون ڏسڻ ۾ آيون. گهر جا هئا بس مَنَهَن ٺهيل هئا. جن کي پاسن کان ٻِڙن ۽ جُوئر جا ڳنا ڏنل هئا، مٿان ٻهر جي ڪامَ ۽ انهيءَ تي رڪيل ڪانيون، جن مٿان وري ساڳي ڏِيرِ، ٻِنِ وڌل هئي. هڪ مياڻي وڏي هئي جنهن جي دڳ واري پٽڻ تي چار ڪن ٻيڙيون بيٺيون هيون. مياڻي جي آس پاس ڳائو مال جام چري رهيو هو.

اسان اڳي غيبي ديري واري لنڪ روڊ تي چيري واري هوٽل تي بريڪ هنئي. هدايت چيو ته چانهه پيئجي پوءِ اڳتي هلجي. تي ڇوڪرا موجود هئا. هڪ ماني کائي رهيو هو جنهن سلام جي وَرندي ڏيڻ کان پوءِ اسان سيني کي ماني کائڻ جي صلاح هنئي. هُن جي اڳيان هائبرڊ چانورن جي اٽي جي ماني ۽ پٽاٽن جو ٻوڙ پيو هو. ڳيرو چوٽ مانيءَ جوءِ ڪجهه پٽاٽا بچائي اٿيو. نالي ذات پڇڻ تي سُڌَ پئي ته اياز حسين ذات جو خاصخيلي آهي، جنهن تي مون چيس ته توهان خاصخيلين ۾ ته ڪا وڏي برڪت آهي، سنڌ بلوچستان جي ميدانن ۾ ڪا اهڙي ڪُنڊ ناهي جتي توهان نه هجو. لس ٻيلي کان وٺي ننگر پارڪر تائين ۽ سبي ڊادر کان وٺي ڏهرڪي، اٻاوڙي ۽ ڪشمور تائين. پراڻي سنڌ جي سيني حدن اندر هي قبيلو ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺن ۾ هر هنڌ موجود آهي.

غيبي ديرو اسان جي سامهون هو. هي ڳوٺ سنڌ جي قديم ڳوٺن مان هڪ آهي. چانڊين جي جاگير جو مرڪز. ڪجهه وڏيون ماڙيون، هڪ ٽِ قبائين اڃي مسيت، بيا ڪجهه گهر ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. دهشت جي علامت غيبي ديرو. چانڊين جي نواب سَر غيبي خان جو ڳوٺ. جيڪو هجڻ ته سنڌ جي جديد ۽ ماڊل شهرن مان هڪ گهرجي ها. پر اهو اڄ تائين رڳو ڳوٺ ئي رهيو. مون اياز خاصخيليءَ کان پڇيو. ”ڳوٺ ۾ اسڪول آهي، اسپتال آهي؟“ چيائين، ”ها، انين تائين اسڪول آهي ۽ هڪ ننڍڙي اسپتال آهي.“ جتي اتر ڪاڇي جي هن وڏي ايراضيءَ لاءِ ڪاليج هجڻ گهرجي ها، اتي اڄ تائين صرف مڊل اسڪول آهي. جتي جديد گهرجن مطابق سهوليتن سان ڀرپور وڏي اسپتال هجي ها. اتي ڊسپينسري آهي. ڪاڇي جي هن پٽيءَ ۾ گيس فيلڊ آهي، معدنيات آهي، ريتي بجري جو ڪاروبار ٿئي ٿو. اتي انهن ئي ڪمپنين جي پاران غيبي ديري ۾ ڪو هنري ڪاليج هجڻ گهرجي ها. آس پاس جا ڳوٺ پڪا هجن ها. ڪجهه ٻه ته ڪونهي. روڊ ٻه ڇگڙو تڏهن ٺهيو آهي، جڏهن کان گيس جا خزانا مليا آهن.

ڇوڪري پاڻي پياريو ته ٻاڙو هو. اسان سمجهيو ته ڊنڊ جو پاڻي آهي، پر پڇڻ تي سُڌَ پئي ته اهو پاڻي ٽينڪر ڏئي ويندو آهي: جيڪو هُو پئسن تي وٺندا آهن. اڪبر کائيو ماني لسي گهران ڪٺي آيو هو. اها ڪولي کائڻ ويناسين. انهيءَ سان گڏ اياز خاصخيلي جو بچايل چوٽ ۽ پٽاٽن ذري به ڪٺي پنهنجي اڳيان ڪئي سين. هڪ گلاسَ باقي ڪوپن ۾ لسي اوتي ماني ڪاڌي سين ۽ مٿان ڳيرُوءَ جي ٺاهيل سُنڙي چانهه پيتي سين ته ٿَڪُ لهي پيو. اتان دوستن اٿي جهوپڙيءَ جي پويان بيٺل ٻيڙيءَ (ڊونڊي) تي ويهي فوٽا ڪيرايا.

غيبي ديري جي موڙ وٽان چانهه پي اٿياسين. سڙڪ سامهون ٽڪرن ڏي پئي وئي. سڙڪ جي حالت چڱي هئي. منهنجي ذهن ۾ پٽائي جو ڪردار ”پُنرو ٻداماڻي“ ڊوڙي رهيو هو. هيءُ ڪاڇو جيڪو اڄ مينهن نه پوي ته پڙپانگ هوندو آهي، جتي مٿي اهڙا هنڌ نه آهن جتي برڪا جو جَلُ وسڻ وارن ڏينهن ۾ گڏ ٿيندو آهي ۽ پوءِ سال جا ٻارهن مهينا مالُ، ماڻهو پکي

پکڻ سڀ خدا جي دربار ۾ هڪجهڙا ٿي ويندا آهن. محمود ۽ اياز وانگر رڳو نماز جي صف ۾ برابر نه پر جيون جي سڀ ڪان وڏي وٿ، زنده رهڻ جي اهم واهڻ (وسيلي) پاڻيءَ ۾ هڪ ٻئي جا برابر پائيوار ٿي ويندا آهن. انهن تلائن مان اهي ٻيٺل، سينواريل پاڻي گڏجي پيئندا آهن.

ٿئيون جيڪي هن علائقي ڪي پاڻي پهچائڻ جو وڏو قدرتي ذريعو آهن. انهن مان سيتا، مزاراڻي ۽ ڪينجي وڏيون آهن. پر سڌ ناهي ته ڪاڇيلن جي جيون جو سندن ڀاڳ جو اهم حصو الائي ڪنهن جي قبضي ۾ آهي، جو انهن جو ڪائي جهڙو اُجرو جَلُ ماڻهن، مرڳهن، ڳئن ۽ ٻڪرين رڍن تائين پهچي ئي نه ٿو.

ڪنهن زماني ۾ سنڌ درياهه ڪاڇي مان وهندو هو. منظور مارفاڻي چوي ٿو ته نِڪر جا اهي ٻيڙا ڪاڇي مان مليا آهن جيڪي مهاڻا رَڇن ڪي ٻَڌندا آهن. جن جي ڪري رَڇ هيٺ تري سان ملي بيهندا آهن. اهڙا ٻيڙا ٻڌائين ٿا ته سنڌو درياءَ هتان وهندو هو. هُونءَ ته سنڌو درياهه گذريل ٻن هزار سالن ۾ ڪيئي وهڪرا مٽايا آهن. انهيءَ ڪاڇي ۾ ڪنهن زماني ۾ وڏي انساني آبادي هئي، جنهن جا نشان بدر ابڙي ڪي ته سُجهن ٿا. هُو چوي ٿو ته انسان ڪيرٿر جي هنن ٽَڪرن ۾ گذريل ڏهن هزارن سالن ڪان رهندو پيو اچي.

سو اهو ڪاڇو جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڳچي ڀاڳر ۽ سڀي ڪان ونئي جهانگارن باجارن تائين هو. تنهن جي هاٽوڪي حمل ڍنڍ جو اصلي نالو بدام ڍنڍ آهي. اها ڍنڍ اڄ به موجود آهي. سون ٽَڙُ به آهي ته سيتا جي ذات به آهي ته سِريمڻ چانڊيي جي اولاد نه آهي. ڪاڇي ۾ ناهي ته سريمڻ نالو ناهي. هاڻي سڀ سُڌري ويا آهن. اهڙا نالا چو رکندا؟ مارفاڻين جي وڏي رودڻ جي قبر ته منظور مارفاڻي وڃي ڳولي هٿ ڪئي، باقي رهيو سريمڻ سو اُن جي ٻُني به نيٺ ته ليي پوندي. رودَڻَ نالي مارفاڻين جو وڏو ڏندڪٿا مطابق ذوالنون بيگ سان مقابلي ۾ شهيد ٿي ويو هو. ٿي سگهي ٿو اهو نالو رودڻ به رائڏڻ، راڏڻُ هجي. راءِ معنيٰ بادشاهه وڏو چڱو مڙس، ڏَڻُ معنيٰ، وَڳُ، آڪهه، ڪٽنب، کهول، خاندان. راءِ ڏڻ مان ڦري راڏڻ ٿيو هجي ۽ رهجي ويو هجي پوئتي رڳو رودڻ. راڏڻ به ٿي ويو هندو نالو سو ان جي دعوا ڪيئن ٿا ڪري سگهون ته اسان جو هو. هُونءَ منهنجي ٻُڌَ سُڌَ مطابق راڏاڻي به چانڊين جو پاڙو آهي. اهي راڏاڻي به ته راڏڻ جي اولاد هوندا. چانڊيا جڏهن سِريمڻ جهڙي ڪنڌار جو نالو نه ٿا رکن ته پوءِ ڀلا رودڻ/ راڏڻ چو رکندا!؟

آهي ڪو هزارين چانڊين منجهان هڪ جنهن جو نالو سريمڻ يا راڏڻ هجي؟ يا جنهن پنهنجي پُٽَ جو نالو سريمڻ رکيو هجي!؟

سو هي ڪاڇو جنهن جو سورمو هو جام پنرو ٻڌاماڻي. مون ڪي ته ڇا وطن جي هر هڪ سچي پُٽَ ڪي ڇڪ ٿيندي پنري ٻڌاماڻي لاءِ. مون ڪي به ٿي رهي هئي. مان ڪاڇي جي هوا ۾ پنري ٻڌاماڻيءَ جون، سريمڻ چانڊئي جون هڪلون ٻڌي رهيو هئس. پر ڪيترن لطيف شناس پنري ڪي ڪڇ جو جاڻايو آهي. ڇا پتائيءَ ڪي ڪاڇي ۽ ڪڇ جي سَنڌي جي سُڌَ نه هئي؟ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته پتائي جهڙي سنڌ شناس ڪي ڪاڇي، لس، ٻيلي، ٿر، لاڙ، ڪڇ، ڪوهستان، ڪڇي ۽ پڪي جي ڇڳيءَ ريت سُڌَ نه هجي.

ڪاڇي ۾ اسان غيبي ديري ڪان ٽِپي اڳتي ٿياسين ته هڪ گاڏي پويان آئي جنهن اسان ڪي ڪراس ڪيو پر اڳتي هلي ڍري ٿي ته اسان ڪيس ڪراس ڪيو. وري هُنَ ڪراس ڪيو ۽ اڳتي هلي ڍري ٿي وئي ته مون ڪي شڪ ٿيو شايد پوٽارن جو ڪاراٺو ڪمدار آهي جيڪو گاڏي اڳتي ڪري، ريس ڏئي ڊُوڙ اڏائي اسان ڪي





پريشان ڪرڻ ٿو چاهي. مون جمن چنجڻيءَ کي چيو تہ ان فور ويل گاڏيءَ جي پويان هل، ان کان ڪراس نہ ڪر. پوتارن کي ان تي ڪاوڙ لڳندي آهي تہ راڄ جو ڪو ماڻهو اسان کي ڪراس ڪري وڃي. اڳ ۾ بہ موجهڙ ويندي اسان جي لهريچن چاندين کي هڪڙي پوتار ان لاءِ تنگ ڪيو هو تہ توهان منهنجي گاڏي ڏسي پاسي تي بيهي ڇو نہ رهيا. انسان کي ڪيڏو نہ انسان جي اڳيان بيوس ڪيو ويو آهي!!

سو اسان ٿورا ڍرا ٿياسين. گاڏي اڳتي نڪري وئي. اڳيان قبا (رائڪون) ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. اسان کي ماڳ تي پهچڻ تي سرهائي ٿي رهي هئي. هڪڙو ڳوٺ ٽپياسين. ڳوٺ ۾ رڳو مَنَهَن هئا ککن کانن جا. ان ڳوٺ ۾ هڪ اٽي جي پراڻي چَڪِي هئي جيڪا ڊيزل انجڻ تي هلي رهي، اوسي پاسي جي ڳوٺن جا ماڻهو ڪڻڪ پِيهائي رهيا هئا. ڳوٺ ۾ خيراتي تنبو لڳا پيا هئا. پرائمري اسڪول جي جاءِ تي هڪ ڇپر هو جنهن جي هيٺان بينچون پيون هيون. اسڪول جي عمارت ٻوڏ کان پوءِ پڪي هجڻ گهرجي ها. بس هڪ ٿُوٽيءَ ۾ ملڪ جو جهنڊو لڳو پيو هو تہ ٻيءَ ۾ قنبر واري پير جو. الا الا خير صلا!!

اڳئين موڙ کان لَڙي رائڪن ڏي وڌياسين. مقام تہ وڏو هو باقي رائڪون ڳٽپ جي اندر هيون. مُنڍَ ۾ هڪ نئون قبو هو جنهن جي چوڌاري ماربل لڳل هو تہ اندر بہ. قبي جي بناوت ۾ ڪا ڇڪ نہ هئي. در کولي اندر گهڙياسين، سَر نواب غيبي خان، نواب سلطان احمد، نواب شبير احمد چانڊيي ۽ ٻين جون ٻُنيون هيون. اڇي رنگ جو وڏو قبو پري کان ٻين قبن کان ڌار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهن جي پرسان هڪ مسيت هئي، جيڪا لڳ ڀڳ 1956ع ۾ جوڙائي وئي هئي. مسيت ننڍڙي پر ڏاڍي سهڻي هئي. مون کي اچرج ضرور ٿيو تہ مقام ۾ مسيت هجڻ تہ نہ کپي، ڇو تہ مقام ۾ نماز نہ ٿي ٿي سگهي. پر سنڌ ۾ اسلام اسان جي ماڻهن جي ثقافتي رنگ ۾ رنگيل رهيو آهي. اها سنڌ ئي آهي جتي ٻارن جي ڏُٺر جي سَرگس مسيت جي در اڳيان دهلن شرنائين جي وڄت سان پوري ٿيندي آهي. 1956ع جو سال نواب غيبي خان جي مرڪ جو سال بہ آهي. انهن قبن کان ٻاهران بنا قبن جي ٻُنيون بہ هيون جن جا ڪتبا پڙهڻ تي معلوم ٿيو تہ اهي مائُن جون تربتون هيون.

انهن کان اڳتي وڏي هڪ پراڻي قبي جو در کوليم تہ اندر جيڪا ڏپ نڪتي تنهن گهڙي کن لاءِ ساهہ ٻُوساٽي ڇڏيو. اندر اونداهہ هئي، گڏهن جي لڏ هئي، ٻڪرين رڍن جون ڦولڙيون هيون. گهڻي وقت کان در بند هجڻ جي ڪري اُٻَس هئي. تڪڙي اک ڦيرائي ٻاهر نڪتم. دوستن کي سڏ ڪيم، اڳتي وڏي هڪ کان پوءِ ٻي رائنڪ جو ديدار ڪندا اڳتي وڌندا

وياسين. ڪنهن به قبي ۾ صفائي نه هئي. سيئي قبا پنهنجي جوڙجڪ مان لڳا پئي ته ٽي ڪان چار سئو سال پراڻا آهن. قبن جي اندر گلڪاري ٿيل هئي جيڪا اڃا تائين گهٽي ٿٽي بچيل هئي. ڪٿي ڪٿي نندڙن جارن مان مِينهُن ٽپي اچڻ جي ڪري گلڪاري ميٽجي وئي آهي. ٻاهران به ڪو ڪو قبو جُهرِيو آهي. مقام ۾ رائِنڪون ٽوريون هيون باقي عام ٻُنيون تمام گهٽيون هيون. مقام تمام وڏو هو ۽ سڄو اسان نه گهمي نه سگهياسين. تنهن ڪري سنگت چيو ته موٽجي، ڪاڇيو ڏينهن تپڻ ڪان پوءِ ذِڪ ئي ٻي ڏيندو آهي.

1739ع ۾ نادر شاهه ظالم سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تڏهن سنڌ جو حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙو هو. نادر شاهه جا اتحادي هئا قلات جا بروهي خان. قلات جي بروهين جي اک سدائين ڍاڍِر سبيءَ تي هوندي هئي. ڍاڍِر تي ڪاهه ڪئي عبدالله خان جنهن کي ڦهار چيو ويندو هو اهو ڪلهوڙن سان مقابلي ۾ مارجي ويو. جڏهن نادر شاهه افشار دهليءَ تي ڪاهه ڪري آيو تڏهن قلات جا بروهي خان به ساڻس گڏ هئا. قلات جي رياست جو ڪردار سدائين سامراجيءَ جي اتحاديءَ وارو رهيو هو. سو نادر شاهه دهليءَ مان واندو ٿي سنڌ ڪان ڏن وٺڻ لاءِ پهتو. ميان نور محمد وس ڪيا ته هيءَ بلا ٽري، پر نه ٽري. بروهين پنهنجي خان جي خون بها جي گهر ڪئي. ناحق، بيداد، ظلم اهو ٿيو جو جهل مگسيءَ ڪان وٺي سبي ڍاڍِر تائين جي سنڌ قلات کي ڏني وئي.

ڪڇي به ڪاڇو ئي آهي. اهو علائقو به ڪيرٿر جي ڪڇ ۾ آهي. تنهن ڪري سبيءَ جي سنڌي لهجي ۾ ڪيس ڪڇي چيو ويو ته اورتي ڪاڇو سڏيو ويو. جي ڪڇي اڄ به سنڌ جو پاڳو هجي ها ته ڪيڏي نه آسيس اچي ها. اڌورو وطن پورو پورو هجي ها.

اسان قبا ڏسندا رهياسين. رائنڪن جي چوڌاري ٽاڪرو گاهه ٻوٽا ڦٽي رونق ڪيون بينا هئا. گهرڻ لاٽي، ڪانڌيرِي (اُبت گندڙي)، ڏيپَ ۽ ڪانڌيري جي هئي. مون گهڻا سال اڳ هڪ هندستاني آيور ويدَ ڪان ٻڌو هو ته ڪانڌيريءَ (ابت ڪنڊڙيءَ) جي وَلِ کي چانءِ ۾ سُڪائي پوءِ مخصوص مقدار پاڻيءَ ۾ وجهي ڪاڙهي، عرق پيئجي ته دم، سهڪي جي مريض کي لاڀ ملندو. سو اها وَلِ علي بخش علي مغيريءَ جي لاءِ پٽي سين. پر وَلِ بابت هدايت جو چوڻ هو ته اها متيري جي وَلِ آهي، جڏهن ته اڪبر جو چوڻ هو ته ٿوهه جي ول آهي، جڏهن ته منهنجو چوڻ هو ته اها ڪانڌيريءَ جي ول آهي. اتان هڪ ڳوناٽو گڏهه گاڏي تي لنگهيو رڙ ڪري ان ڪان پڇيم ته ابا! هيءَ ڇا جي ول آهي؟ چيائين، ڪانڌيريءَ جي. جمن چنجٽيءَ ڪيسي مان گلي ڪڍي. هُو گڏيل سال جي مِينهَن ڪان پوءِ هاڻ سدائين ڪيسي ۾ گلي ڪٽي گهمندو آهي. ول پٽي گليءَ ۾ وجهي موٽر سائيڪل جي پويان ٻڌيسين. موٽياسين ۽ اچي سم شاخ واري وڏي پل ڪان اڳتي وڏي آياسين. هاڻ اسان کي اڳيان ڪٿي غلام علي ڪنير جي ماني ڪاٽي هئي. اڳتي وڌياسين ته رڳو آبادي هئي، ڳوٺ ئي ڳوٺ هئا. سنڌ سڄي آباد آهي، پر مالڪ اسان ناهيون.

روڊ ڏئي اڳيان پنهواري واري چوڏڳي ڪان پهتاسين. اتان اتر اوڀر ڏي روڊ جاگير/دوست علي بنگلن ڏي ٿي ويو ۽ ڏکڻ ۾ وري وارهه ڏي. اسان اڳتي جتن جي ڳوٺ وٽ پهتاسين جتي غلام علي ڪنير پيٽرول پمپ تي ملازم آهي.

سنڌ جي جتن کي واهه جي اُڏهي لڳي آهي. جتن جي گهٽائي ميرجت ٿي سڏائي. جت کي مير جو موڙ ٻڌجي ته بلوچ ٿي ويندو. اڙي ميان! اڍائي هزار سالن ڪان جَتَ سنڌو ماٿريءَ جا رهاڪو آهن. بس، ولايت جي ڪَبرِ سنڌ ۾ مينا. وَڪا ٺيٺ سنڌي قبيلو آهي، هاڻ وقاصي ٿي ويا آهن. وقاصي معنيٰ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله جي اولاد. حضرت سعد بن ابي وقاص جو پٽ عمر بن سعد هو جنهن امام حسين عليه السلام جي خلاف ڪربلا جي قتلام ۾ حصو ورتو. وقاصي عربن ۾ ئي ڪونهن ته سنڌ ۾ ڪٿان آيا؟ وڪا اصل ۾ ٻُگهين جي ڦَرِي آهن.

جتن جي ڳوٺ غلام علي وٽ پهتاسين. نوجوان چا ته ٻيلپو ڏنو. وهوا.. ماني ڪائي چانهه پي موٽي وري اچي پنهواريءَ ڪان وارهه وارو دڳ ورتوسين. ميدَ شهيد واري پُلِ جتان وچڻ مهل ڪندو هليا ويا هئاسين، اتان ساڄيو آريجن وارو دڳ ورتوسين. ميد واري پل تان ياد آيو ته اهي مهاڻا هئا. عيسيٰ مسيح ڪان اڳ ميد ۽ جَتَ سنڌو ماٿريءَ جا اصلوڪا رهاڪو هئا ۽ انهن سان گڏ ماڇي نه جيڪي اصل ۾ ميد/مهاڻا آهن، سمان نه سنڌي ئي آهن. سو لڳي ٿو ته ميد شهيد جي به ڪا تاريخ آهي جيڪا مٽيءَ ۾ پوريل آهي.

وارهه ڪان ٿيندا شام جو نصير آباد پهتاسين ۽ اينڊڙ پروگرام محمد پور جو ٺاهي هڪ ٻئي ڪان موڪلايوسين.

# وڻ جهڙا نظم تنهنجا!

(نُور محمد سومري جي شاعريءَ جي باري ۾)

علي دوست عاجز

نُور محمد سومري وٽ شاعري، ٻاڪرو مال چارڻ يا وَرائڻ ناهي، پر اُنَ جي اوڳائي ۾ پُورن ڪي پالڻ وارو ڪم آهي، اُج ۾ اُس جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ!

هي اُنَ سان اورڻ، وٽن مان واس وَٺڻ ۾ معصوم ٻارن مان اُتساهه وَٺڻ وارو شاعر هو!

هن جي اَندر جِي آنڊ ماند ۾ سوچ جو وَهڪرو، ندِيءَ وانگر هوندو هو، جيڪا زندگيءَ وانگر وَهندي ته رهندِي هئي، پر وڃي ڪيڏانهن پئِي، تنهن جي ڪيس سُڌِ ناهي هوندي!

چوندو هو:

"زندگي به ندِي آهي، پر ان کي خود به خبر ناهي، ته آنءُ ڪيڏانهن پئِي وڃان!"

هن کي ندِي، چڙو وَهندي نظر ڪانه ايندي هئي، پر سُهڻي به نظر ايندي هئي! سُهڻيءَ جي سِڪَ، سُهڻيءَ جو گهڙو، سهڻيءَ جو تَرڻ، سُهڻيءَ جو ٻُڏڻ ۽ سُهڻيءَ جو لاش به نظر ايندو هو!

سُهڻيءَ جو ٻُڏڻ، قدرتي آفت يا حادثو نه هو پر سماجِي سانحو هو جنهن جي جنازي جو نُور محمد سومري جهڙي حِساس شاعر جِي شاعريءَ کي، ڪُلهي ڪانڌِي ٿيڻو هو!

نُور محمد اهڙي منظر کي PORTARY ڪرڻ بدران، پاڻَ اُن منظر LAND SCAPE جو حصو بنجي ٿو وڃي:

ڪَٺَ تي جيڪا سُتِي پيئي هئي!
چندَ کي ڏاڍِي ڏُکِي پيئي هئي!

ماڻِڪا ٿورا ٻَگها بيٺا هُئا،
ڪَپَ تي سُهڻي مُئي پيئي هئي!

مَنَ ۾ هو گُلُ رِليءَ تي ڪونه هو،
هَٿَ ۾ ڏاڳو سُئِي پيئي هئي!

پيار هو يا پاپ هو يا ڇا، آلا!
ڪَڪَ ۾ گورِي لُٽِي پيئي هئي!

شاعري، هن وَٽ شُهرت جو سامان نه، پر زندگيءَ جو گُذران هئي!

هن پنهنجو پروفيشن ماستر يا شاعر ڪڏهن ڪونه ٻُڌايو- هن ٻُڌايو ته، هُو اُٺَ (شاعريءَ جا) چاريندو هو! ۽ ڪيتري عرصي کان؟ اهو به، ته هُو شاعريءَ جا اُٺَ وِيهن سالن کان چاريندو پيو اَچي!

هي اهو عرصو چاليهه سالَ به جاٽائي پئي سگهيو پر هِن ايئن نه چيو اِن ڪري، ته ڪٿي هُو شاعريءَ جي مَنصب کي ماڻڻ جو دعويدار نه بنجي پوي!

زندگيءَ جا ويهه سالَ،
شاعريءَ جا اُٺَ چاريا!
چنڊ هيئان رات گهاري،
سِجَ هيئان ڏينهن گهاريا!

نُور محمد سومري سان منهنجِي پهرين توڙي ٻِي ملاقات علي اظهار سومري ڪرائي هئي!

علي اظهار جوان عُمر ۾ جوان جذبي وارو شاعر، ليکڪ ۽ کوجِي آهي. هي ماڻُهن جي هُجومن مان، ماڻهو ڳولي

ڪڍي اِيندو آهي! هن اسان کي محمد مُوسيٰ جوکئي سان ملايو ۽ نُور محمد سومري سان ملاقات ڪرائي!

هن جي ڪمن جو وچُور گهڻو آهي، پر هي اڳي پوءِ شاعر آهي. جيئن سائين صالح محمد شاهه، ڀٽائيءَ کي رڪارڊ ڪيو آهي، تيئن هن نُور محمد سومري جي شاعري، تحت لفظ رڪارڊ ڪئي آهي!

استاد بخاري چوندو هو:

”سنڌي ڪتاب هڪ ته ڇپجن ڪونه، پوءِ کپن ڪونه، پوءِ وري لڀن ڪونه!“

علي اظهار، نور محمد سومري جي اَڻ لڀ ڪتابن ۽ اڻ ڇپيل شاعريءَ کي ڳولي، اڳيان آندو آهي، تنهن ڪري اسين، نور محمد سومري جا پڙهندڙ ۽ ساڻس پيار ڪندڙ هن جا ٿورائتا آهيون!

نُور محمد سومري سان پهرين ملاقات جو حوالو ”خدا جو قسم“ آهي! ڪاري ٽائيٽل سان، غير رواجي گهاڙيٽي ۾ رچيل سائيڪو ڪن نظم، ڀڃن جي ڀُڻيءَ تي ايئن لڳي رهيا هئا، ڄڻ مسافرن جي ڪنهن قافلي، ڪنهن اَجنبي سر زمين تي اَچي خيما کوڙيا هئا!

بنهه مُختلف ۽ مُنفرد انداز جي شاعري، جنهن کي نُور محمد جي شاعريءَ جو نالو ڏيڻ ئي مناسب ٿو لڳي!

هن بَحرن ۾ سِٽُن کي موڙيو، هڪ هڪ سِٽَ مان غزلن جا بند جوڙيا آهن- سِٽُون به الڳ هُجڻ جي باوجود، معنيٰ ۽ مطلب جي مُراد کان، هڪ ٻئي سان ائين پاڪُرين پيل آهن، جيئن ٻه پريمي، هڪ ٻئي کان موڪلائڻ وقت ٻيهر ٻڪجي ويندا آهن!

نُور محمد وٽ اِستعارن، تشبيهُن ۽ ترڪيبُن جو اهڙو اَنوکو جهانُ آهي، جيڪو هن جي ڪنهن به همعصر وٽ ڪونه آهي! هن جو ڀرپُور استعارو اُٺ آهي- ۽ ٻيو وڻُ آهي!

اُٺن جا ڪجاوا، ڇيرُن جي ڇَم ڇَم نه، اُٺن جي اوڳائي ۽ اُٺن جي رولاڪي!

اُٺ جو وهَڻ، اُٺ جو ويهڻ! اُٺ جي اڪيلائي!

اُٺ وَڳَ ۾ به ايئن ويڳاڻو هوندو آهي، جيئن ڪو ميلي ۾ به اڪيلو هوندو آهي! اُٺ جو اُٿڻ ته ڏکيو هوندو آهي ئي، پر اُٺ جو هُشڻ اڃان به ڏُکيو هوندو آهي!

اهو اُٺ جو پُورُ ئي هوندو آهي، جيڪو نَونِير، ڏهه ڏاوڻ هڪ ڇرڪ ۾ ڇنائي ويندو آهي! ايئن ئي هوندي آهي، اُٺ جي مزاج ۾ نفسيات!

ٻيڙي باري، ٻيڙي باريان!
اُٺ اُٿاري، اُٺ ويهاريان!

اُٺ وانگي وهان!
اُٺ وانگي ٻڌين!

زندگي گهاٽي مِثل،
اُٺ وانگي هل هلان!

ايئن خيالن جي اُٺن کي ويهاريندي، ڇوڙيندي، پلاڻيندي اُٺَ سندس رازدار بنجي ٿا وڃن- ۽ هي انهن اوڳن اُٺن ۾ جَتن سان ايئن ٿو صلاحُون ۽ مَشورا ڪري، جيئن ڪو سياڻو جهنگ ۾ هوندي به، ٻُوڙو ٻَڌِي ان سان صلاح ڪندو آهي!

اُٺ! اَوهان جو ڇا رايو؟
جَتَ! اوهان جو ڇا رايو؟

مٿين شعر ۾ اُٺَ ۽ جَتَ، قافيي طور ڪتب آندو ويا آهن، جيڪي نِسبت ۾ ته هڪ جِهڙا آهن، پر قافيي جي رُوءِ کان ٻئي هڪ ٻئي کان ايئن مختلف آهن، جيئن اُٺَ ۽ جَتَ ٻئي، هڪ ٻئي کان مختلف جِنسُون آهن!

آنءُ حيلا ڪيترا چاهي ڪريان،
اُٺ پوڙهو، چنڊ کي پهچي به نه!

نُور محمد وٽ، ٻيو سگهارو استعارو ”وڻ“ آهي! جنهن کي هي وڏي

وَٽُ تو سمجهي!

وڻُ سائو سونُ آهي!
.....
يا تہ هڪڙو وڻُ ڏي!
يا تہ هڪڙي ڇانوَ ڏي!

جڏهن اسين، ڪنهن وڻ جي ڇانوَ جو ٿا سوچيون، تڏهن وڻ رڳو ڇپَن ۾ ٿارَ نہ، پر ڪو ڦُربدار ڪڪر ۾ ماءُ وانگر مهربان هُجڻ جي مصداق بنجي ٿو وڃي!

شاعريءَ ۾ وڻُ ناهي،
هي بہ ڪهڙي شاعري آ!

لامَ تي ڪوئل لکيا ڪيڏا ڪتاب،
مون تہ ڪو ليڪو بہ لکيو ڪونہ!

ڪهڙن وَڻن تي آهين!
ڪوئي پتو بہ ناهي!

مون محسوس ڪيو آهي تہ اسين، جيڪي رواجي ٿا سوچيون، شاعري بہ رواجِي ٿا ڪريون!

شاعري، جنهن ۾ پلي تہ خيال، فڪر، ٻولي فارم ۾ بحر وزن هوندو آهي، وٽندي آهي، پر مارڻ واري مثال وارِي شاعري ڪا ڀِي هوندي آهي!

اسان ڪي شاعري توڙي نثر تہ اهو ٿو وٽي، جيڪو غير رواجِي هوندو آهي، پر ڪنهن تخليقڪار جو غير رواجي هُجڻ، عجيب لڳندو آهي- ڇو تہ هن جو شيُن توڙي تخليق ڏانهن رويو (Treatment) رواجي ۽ سماجي طور طئي ٿيل ناهي هوندو! ۽ اهڙين ڳالهين کان بي نياز، رڳو ڪو نُور محمد جهڙو شاعر ئي هوندو آهي، جيڪو هن انداز سان پيو سوچيندو ۽ لکندو آهي!

تون رهينءَ ويهي وِساري!
آنءُ تنهنجو ڳوٺ آهيان!
.....
رِڻُ سوچيندو رهي ٿو
ڇو نہ ٿا جوڳي اَچن!؟
.....
مان ڪٽي ڪپڙا نہ پايان،
۽ اُگهاڙو پيو گهمان!
پو بہ منهنجي دِل ڇوي ٿي،
رنگُ ڏوبيءَ کي ڏجي!

ڦاهيءَ تي بيٺو آهيان،
هاٽي نِهار مون کي!
.....
لُوڻَ جهڙا نظم تنهنجا،
ٻوڙ ۾ ڪائي وياسين!
.....
پيل وانگي جهنگلن ۾،
تون گلو ڪولي هلين ٿو!

ڳالهہ تنهنجي ڳوٺ سارو،
لُوڻَ جهڙا نظم تنهنجا!

نُور محمد سومرو، اهڙو طوفان هو جنهن جو ساهُ سماجي رويِن جي سوڙهين گهٽين ۾ ٻوساٽبو هو!

هي ادبي گهٽَ ٻُوسٽ ۾ ڏکڻ جي هِيرَ جهڙيون، هِنيانءُ سُڏير سِٺُون گُهلائي ڇڏيندو هو جيڪي سُخن سَرجيندڙن ۽ سُخن شُناسن لاءِ اُتساهہ جو سبب بنجي ويندِيون هُيون!

هي عيد جي خريداري، بَدين مان نِڪري اچي، ٽنڊي باگي مان ڪندو هو!

هڪ پيري، تلهار مان سندس هڪ دوست آصف جمالي، ڪجهہ دوستن سان گڏ ساڻس ڪچهريءَ لاءِ بدين ويو! نُور محمد ڳالهہ ڳالهہ تي ساڻس آصف بدران غلام مصطفيٰ چئي، پئي مخاطب ٿيو! هِن اها ڳالهہ محسوس ڪندي، سندس دُرستيءَ لاءِ ڪيس چيو تہ:

"نور محمد! مان غلام مصطفيٰ ناهيان!"

تنهن تي نُور محمد چيو:

"ها، مون کي خبر آهي، تون آصف جمالي آهين، پر مون کي جڏهن محسوس ٿيندو آهي، تہ ڪنهن دوست مون کي وساري ڇڏيو آهي، تڏهن آنءُ ان سان غلام مصطفيٰ ڪري مُخاطب ٿيندو آهيان!"

صحت لاءِ بيحد مفيد

# جنتي ميوو ”ڏاڙهون“

فرح ناز

ڏاڙهونءَ کي جنت جو ميوو مڃيو ويندو آهي. آڳاٽي يونان ۽ مصر ۾ ماڻهو ان کي نسلي زرخيزي ۽ لافاني زندگيءَ جي علامت ڄاڻندا هئا. ڏاڙهون وڏي فائدي وارو ميوو آهي. ذائقيءَ موجب هن جا ٽي قسم آهن. مٺو ڏاڙهون، کٽو ڏاڙهون ۽ کٽو مٺو ڏاڙهون. اهي ٽئي قسم دوا ۽ غذائي خصوصيتن سان ڀرپور آهن. ڏاڙهون قدرت پاران اهڙي شاندار سوکڙي آهي جو هن جي وڻ چلڙ، گل ميوي جا ذرا ايتري قدر جو پن به مفيد آهن. تحقيق ثابت ڪيو آهي ته ڏاڙهونءَ ۾ حيرت انگيز طبي فائدا موجود هوندا آهن. هن مٺي ذائقيدار ميوي جي استعمال سان اوهين اهڙا ڪيترائي فائدا ماڻي سگهو ٿا جيڪي اوهان کي مهانگين دوائن وسيلي حاصل هوندا آهن.

**وٽامنز ۽ توانائيءَ جو خزانو**

ڏاڙهونءَ ۾ ڪيلشيم، پوٽاشيم، آئرن، هائيڊرو ڪلورڪ ايسڊ، فائٽو ڪيميڪلز اينٽي آڪسيڊنٽس، پولي فينول، ڪم ڪيلوريز ۽ وٽامن اي، بي ۽ سي موجود هوندا آهن. ڊائريا، پيچش ۽ هڏين جي سور ۾ ڏاڙهونءَ جو استعمال ڪافي فائديمند آهي پر ان جو وڌيڪ استعمال قبض جو ڪارڻ به ٿي سگهي ٿو.

**ٿولهه، وزن گهٽائڻ لاءِ اڪسير**

100 گرام ڏاڙهونءَ ۾ 83 ڪيلوريز هونديون آهن. جن سان اوهان کي سڄو ڏينهن بيدار، چست ۽ توانو رهڻ لاءِ توانائي ملي ٿي. جيڪڏهن اوهين ڊائيٽ تي آهيو ته ڏاڙهون ضرور کائو ڇو ته هن ۾ وڏي مقدار ۾ فائبر موجود هوندو آهي جنهن سان اوهان کي بک گهٽ لڳندي ۽ اوهان جو هاضمو به تيز ٿيندو. ڏاڙهونءَ ۾ جذب ٿيڻ واري چربي موجود ناهي هوندي جنهن ڪارڻ هي ڊائيٽ ڪرڻ وارن لاءِ بهترين خوراڪ جو ڪم ڏيندو آهي. غذائي ماهرن موجب روزانو ڏاڙهونءَ جو جوس پيئڻ سان چيلهه جي اوسي پاسي چربيءَ جو خاتمو ٿيندو آهي. هن جا قدرتي جزا ٿولهه جو ڪارڻ بڻجندڙ گهرڙن (Cells) جو انت آڻي چربي ڳارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

**قوت مدافعت ۾ واڌارو**

مدافعت يا مقابلي جي سگهه ۾



واڌاري لاءِ وٽامن سي بهترين آهي ۽ ڏاڙهونءَ ۾ اهو وٽامن صوف ڪان چار ڀيرا وڌيڪ مقدار ۾ پاتو ويندو آهي. ان ڪان سواءِ هن ۾ وٽامن اِي به ڪافي مقدار ۾ موجود هوندو آهي. قدرت جو هيءُ انمول تحفو جگر جي صحت لاءِ به انتهائي مفيد آهي.

موهيڙن ۽ وار ڪِرڻ ۾ گهٽتائي

جيڪڏهن اوهين روزاني اٺ اونس ڏاڙهونءَ جو جوس پيئو ته اوهان جي چمڙي داڻن ڪان پاڪ، جوان ۽ چمڪدار نظر ايندي. پيونڪ ايسڊ ڪارڻ ڏاڙهونءَ جو جوس اوهانجي چمڙيءَ ڪي سردين ۾ خشڪي ۽ گُهراڻپ ڪان محفوظ رکندو آهي. هيءُ ايسڊ يعني تيزاب وارن جي پاڙڻ ڪي مضبوط ڪندو آهي جنهن ڪري وارن ڪِرڻ ۾ گهٽتائي ايندي آهي. انهيءَ ڪارڻ گهڻي قدر ماڻهو ڏاڙهونءَ منجهان حاصل ڪيل تيل ڪي چمڙيءَ ۽ وارن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن.

ڪينسر ڪان بچاءُ

ڏاڙهونءَ جي استعمال ڪي وهنوارءِ ڪرت ڪيو وڃي ته هيءُ ڇاتي، وڏي آنڊي ۽ مثاني جي ڪينسر خلاف مدافعت مهيا ڪندو آهي. هن جي ڪل ۾ الجڪ ايسڊ موجود هوندو آهي. رسولين جا ماهر پنهنجي مريض ڪي ڪُتيل ڏاڙهون باقاعدگيءَ سان کائڻ جي صلاح ڏيندا آهن. ڏاڙهونءَ جو باقاعده استعمال نه رڳو پروسٽيٽ ڪينسر ۽ آنڊن جي ڪينسر ڪي وڌائڻ کان روڪيس گهي ٿو پر پروسٽيٽ ڪينسر جي گهرڙن ڪي به ختم ڪري سگهي ٿو.

دل جي مرض کان بچائي

ڏاڙهونءَ ۾ موجود فائٽر ڪيميڪلز ڪوليسٽرول ۽ بلڊ پريشر ڪي گهٽ ڪن ٿا جڏهن ته ڏاڙهونءَ جو روزاني هڪ اونس تازو جوس پيئڻ سان اوهان جي ڪيروٽيڊ آنري ۾ موجود رڪاوٽون ختم ٿين ٿيون. اِهي رُڪاوٽون اسٽروڪ ۽ دل جي ٻين بيمارين جو سبب بڻبيون آهن. وٽامن بي، سي، پوٽاشيم ۽ فائبر سان ڀرپور هن ميوي جون اڃون ڪلون ۽ ٻاهرين سنهي ڪل به کائي سگهجي ٿي ڇو ته اُهي هن ميوي جو حصو ٿي آهن. هن ميوي ۾ اينٽي آڪسيڊنٽر ۽ جراثيم مارڻ جون خوبيون به آهن.

صبح سوير پاڻيءَ کان سواءِ ڏاڙهونءَ جو جوس پيئڻ انتهائي ڪارائتو آهي. ڏاڙهونءَ جو تازو جوس (هڪ گلاس) گرم ڪيو جڏهن ٻاڦ نڪرڻ لڳي ته ان ڪي اڌ گرم حالت ۾ سويرو پي ڇڏيو يا وري مٺ ڀريل ڏاڙهونءَ جي داڻن ڪي اڌ ليٽر پاڻيءَ ۾ ڏهه منٽ اُٻاري نچوڙي ڪيڏي رکو انجائنا جي مريضن ڪي اِهو پاڻي گرمي پد تي صبح ويلي پيئڻ لاءِ ڏيو. ان سان سيني ۾ سٽ ۽ سور ۾ گهٽتائي ايندي. انجائنا سان گڏوگڏ دل جي رڳن ۾ رڪاوٽ، ڪارڊيڪ اسڪيمير يعني دل ڪي رت جي ناڪافي مقدار پهچڻ ۽ اهڙا مريض جيڪي باءِ پاس آپريشن ڪرائڻ وارا آهن، انهن سيني ڪي خالي پيٽ اِهو پاڻي استعمال ڪرڻ سان بيحد فائدو ٿيندو. ان سان نه رڳو رت ڇڊو ٿئي ٿو پر LDL يعني خراب ڪوليسٽرو ختم ڪرڻ ۾ به مددم ملندي آهي. هي HDL يعني سٺي ڪوليسٽرول جي مقدار ۾ به واڌارو ٿيندو آهي. ڏاڙهونءَ جي استعمال سان رت جا ڇڪا نهڻ جو عمل رڪجي ويندو آهي. ڏاڙهون شريانين ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ ڪان بچائيندي رت جي وهڪري ڪي برقرار رکندو آهي. بلڊ پريشر ڪي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ دل جي رڳن جي اندرئين سطح جي سخت هئڻ جي عمل ڪي روڪي انهن ڪي ٻيهر صحت مند ۽ سگهارو ڪندو آهي.

ڏند موتين جيان چمڪائي

ڏاڙهون جي سُڪل ڪل جو سفوف ڪارن مرچن ۽ لوڻ سان بطور منجڻ استعمال ڪيو وڃي ته ڏندن ۽ هوڙن جي ڪيترين ئي تڪليفن مان نجات ملي سگهي ٿي. هن جي باقاعدگي استعمال سان هوڙون مضبوط ۽ رت وهڻ به بند ٿي ويندو آهي. ان ڪان سواءِ پائيريا جي خطري سان به منهن ناهي ڏيڻو پوندو ۽ ڏند موتين وانگر چمڪي پوندا آهن.

ذهني دٻاءُ ۾ گهٽتائي

ذهني دٻاءُ ڪي گهٽ ڪرڻ ۾ به ڏاڙهون هڪ بهترين ٽانڪ آهي. غذائي ماهرن جو چوڻ آهي ته ڏاڙهونءَ ۾ نارنگي ۽ سائي چانهه ڪان ٽي ڀيرا



وڏيڪ اينٽي آڪسيڊنٽ هوندا آهن جيڪي جسم کي ڪيترن ئي فاضل مادن جي اثرن کان بچائن ٿا. ان کان سواءِ ڏاڙهوءَ ۾ آئرن، پوٽاشيم ۽ ميگينز جي وڏي مقدار موجود هوندي آهي جنهن ڪري اهي انساني صحت تي سٺا اثر مرتب ڪن ٿا. پيٽ دوران ڏاڙهونءَ جو باقاعدگي سان استعمال عورتن کي اينميا ۾ اَڪڙ کان محفوظ رکندو آهي.

اڪين جي بيمارين لاءِ شفا بخش

ڏاڙهون اکين لاءِ به لاڀائتو آهي، اکين جي مرض لاءِ مٺي ڏاڙهونءَ جو رس ڪڍي ان کي سائي رنگ جي بوتل ۾ 40 ڏينهن اُس تي رکو. پوءِ هن پاڻي کي سرمي سان کين ۾ لڳايو اهو پاڻي جيڏو پراڻو هوندو ايترو ئي ان جي لاڀ ۾ واڌارو ٿيندو.

ڪنگهه ۾ آرام پهچائي

پراڻي ڪنگهه لاءِ ڏاڙهونءَ جي کل ساڙي ان جو سفوف ٺاهي استعمال ڪرڻ به فائديمند آهي. ڏاڙهونءَ جي گُلن جي جوشاندي ۾ ٿوري ڦٽڪڙي ملائي ان سان غرارا ڪرڻ نڙيءَ جي خرابيءَ جو بهترين علاج آهي.

رت روڪڻ لاءِ ڪارائتو

ڏاڙهونءَ جي پنن جو جوشاندو نڪ ۾ وجهڻ سان نڪسير بند ٿي ويندي آهي. ڏاڙهونءَ جا گونچ، کل ۽ وڻ جو چوڏو ٽئي هم وزن ڪٽي سفوف ٺاهيو. اِهو جسم جي ڪنهن به حصي مان وهندڙ رت کي روڪڻ لاءِ ڪارائتو آهي. هن کيزخم تي به ٻُرڪي سگهجي ٿو ۽ ان کي دوا طور به کٽب آڻي سگهجي ٿو.

دل جي صحت لاءِ سپر فوڊ

دل جي صحت لاءِ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ميوي جي چونڊ ڪجي جنهن کي دل جو محافظ ۽ شاهي ميوو چئي سگهجي ٿو ته اهو بلاشڪ ڏاڙهون آهي، جنهن کي غذائي ماهرن اهڙو ميوو قرار ڏنو آهي جنهن ۾ دنيا جي سيني ميون کان وڏيڪ فائدا آهن.

اِها ڳالهه آڪسفورڊ يونيورسٽي برطانيا سان سلهاڙيل طبي ماهرن گذريل هڪ سال دوران مختلف ادارن ۾ سائنس دانن پاران ڏاڙهونءَ تي ٿيندڙ تحقيق تي ٻڌل تجزيتي رپورٽ ۾ ڪئي آهي، جنهن موجب دل جي صحت جي حفاظت لاءِ ڏاڙهون سپر فوڊ قرار ڏنو ويندو جنهن جي استعمال سان دل جي بيمارين، ذيابطيس، شوگر، گهٽ وڌ بلڊ پريشر، دل جي رڳن ۾ چربي کان بچاءَ ۽ رڳن جو روانيءَ سان هلندي پوري جسم ۾ رت جي دوري کي برقرار رکڻ ۾ ڏاڙهون شاهي ڪردار ادا ڪندي دل جي محافظ طور سامهون آيو آهي، جنهن جي ڄاڻايل مقدار کي استعمال ڪرڻ سان وزن ۾ ڪمي، ڪينسر جهڙي موذي مرض کان بچاءَ، ڏندن جي چمڪ، اکين جي صحت کي برقرار رکندي سڄي حياتي سکي ستائي گذاري سگهجي ٿي. طبي ماهرن جو چوڻ آهي ته صبح سوير ڏاڙهونءَ جو جوس نه رڳو سڄو ڏينهن توانو رکي ٿو پر بڪ سميت ٿڪ جهڙي احساس کي به پاڙئون پٽي ڇهري تي اُها ئي مُرڪ آڻي ٿو جيڪا ڳاڙهي مُک تي اندلٺ جا رنگ وکيري ڇڏيندي آهي.

# بهترين ڪلاس روم لائبريري ايپس ۽ يادداشت کي تکو ڪندڙ ويڊيو گيمز

فريحہ سليم

جڏهن شاگرد ڪلاس روم لائبريريءَ مان ڪو ڪتاب گهرندو آهي ۽ اِهو موجود هوندو آهي تہ استاد ۽ لائبريرين ڏاڍا گد گد ٿيندا آهن پر جڏهن ڪو ڪتاب ناهي ملندو تہ ڪين ڏاڍي ٻُچان لڳندي آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ پوري نندي ڪنڊ ۾ ڏاهن جا ذاتي ڪتاب گهر ئي اهو عجائب گهر رهيا آهن، جتان هُو سولائيءَ سان حوالي جو ڪتاب ڪڍي معلومات کي اڳتي وڌائي سگهي ٿو.

اڄ جڏهن اسان جا ڏاها هڪ هڪ ڪري پرلوڪ وڃي رهيا آهن تہ پونئيرن وٽ انهن ڪتابن جي اُها اهميت ناهي جا مالڪن ماءُ وانگر هڪ هڪ ڪتاب سانڍي رکيو. اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب علم جي ڪاڻ هوندا آهن جن کي اولهہ ۾ يورپ وارا تہ سانڍي رکن ٿا قومي ڪتاب گهرن ۾ پر اسان وٽ واريءَ وارا ڪک آهن. سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ لياقت ميموريل لائبريري ۽ ڊفينس لائبريري ئي عوام لاءِ کليل آهن باقي ريگل چوڪ تي هر آچر تي قيمتي ڪتابن جي باار لڳندي آهي جتان ڪيترائي اڻلڀ ڪتاب مليو وڃن پر اڄوڪي ٽيڪ جنريشن لاءِ ڪتاب جي ڳولها ڦولها سولي آهي، جي ڊپارٽمينٽل لائبريري ۾ ڪتاب ناهي تہ انٽرنيٽ ورلڊ ۾ ان جو بهترين حل ڪلاس روم لائبريري ايپس آهن جتان پنهنجي گهربل ڪتابن کي ڳولهي پنهنجي اسمارٽ فون، آءِ پيڊ يا ليپ ٽاپ ۾ ڊائون لوڊ ڪري ايپاس جو مزو ماڻي سگهجي ٿو. انهن ايپليڪيشنز تي من جي مراد پوري ٿي سگهي ٿي.




ايترو ئي نہ پر دنيا جي سڀ کان وڏي لائبريري ڪانگريس سميت برٽش ڪونسل لائبريري ۽ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيءَ وسيلي دنيا جي سڀني اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ جي لائبريرين مان من پسند ڪتاب ملي سگهي ٿو. اي بڪس جي سهولت بہ موجود آهي، ادبي خزاني لاءِ گُٽن برگ پروجيڪٽ هڪ نئون جَهان کولي ڇڏيو آهي جتي سڀ ڪتاب موجود آهن. سنڌي ڪتابن جي حاصلات ۾ اسان جا سرڪاري ادبي ادارا اڃا تياريءَ جي مرحلن ۾ آهن. باقي سنڌي ٻوليءَ کي سيڪارڻ لاءِ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي ويب سائيٽ ساراهہ جوڳي آهي پر اسين سنڌالوجي انسٽيٽيوٽ جي آن لائن ادبي خزاني کان محروم آهيون. اها ڌيان جوڳي ڳالهہ آهي. سنڌ سرڪار کي پنهنجي فن ادب ثقافت ۽ هنر کي جديد انداز ۾ پڌرو ڪرڻو پوندو. فيس بوڪ، ٽوئيٽر ۽ لنڪڊ اِن جهڙن سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي بہ اوهان جي رهنمائي لاءِ شاگرد ۽ استاد موجود آهن. شرط رڳو اِهو آهي تہ اوهين ڪيترار پڙهاڪو آهيو؟ تعليم ۾ ڪيتري دلچسپي اٿوَ.

## Book Retriever

ابتدائي ڪلاس جي ٻارن لاءِ هن ايپ ۾ مختلف ڪتابن جو بي شمار ذخيرو موجود آهي ۽ استعمال ۾ بہ سولي آهي.

## Book Buddy

ڪتاب دوست هيءَ ايپ اوهان

لاءِ ڪتابن جي دستيابي، فهرست سازي ۽ ترجيحاتي ايپاس ڊاڻو مائل ڪرڻ ۾ سپ کان وڏي رفيق آهي.

## Book Scanner

بڪ اسڪينر اهڙن اسڪول اسٽوڊنٽس لاءِ بهترين سوکڙي آهي جيڪي Reading Comprehension ۾ پڙهن ٿا ۽ ڪين خاص معلومات ڳولڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. هن ايپ وسيلي اوهانکي ڪنهن به ڪتاب جي Back Cover تي موجود Bar Cook کي اسڪين ڪرڻ سان مواد ۽ متن بابت تنقيدي جائزو ملي ويندو. ڪنهن ڪتاب جي اهميت ڄاڻڻي آهي ته ان جي ڄاڻ به ملي ويندي ته هيءُ ڪتاب توهان جي گهربل معلومات رکي ٿو يا نه. ايترو ئي پر سڪينڊن ۾ ڪتاب جي حوالن جي مڪمل تفصيل به اچي ويندي. انهن ڪتابن کي اوهين پي ڊي ايف سميت ڪنهن به فارميٽ ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا ۽ ساٿي شاگردن کي اي ميل وسيلي موڪلي به سگهو ٿا.

## I book shelf

آءِ بڪ شيلف اوهان جي هلندڙ ڦرندڙ حوالي جا تي ڪتاب گهر ناهڻ لاءِ شاندار ايب آهي. هيءُ ايپ اي ريڊر ناهي جتان ڪتاب ڊائون لوڊ ڪري سگهجن پر هن ايپ کي هوم لائبريري ناهڻ لاءِ ڊيزائن ڪيو ويو آهي. جتي اوهين ڊجيٽل ۽ ڪاغذي لباس ۾ صاف سٿرا ڪتاب محفوظ ڪري وقت سر پڙهي سگهو ٿا. اِها سهولت آءِ پيڊ تي دستياب آهي جيڪو اڄڪلهه اسان جي شاگردن لاءِ اٽتر ضرورت ٿي ويو آهي.

## Libib

ايپ ۽ ويب سائيٽ تي ٻڌل هن ڪتاب گهر مان ڪتابن جي لسٽ ۽ ويڊيو گيمز، ميوزڪ ۽ موويز سميت ڪئي وندر جا وجهه حاصل ڪري سگهو ٿا. گڏوگڏ ان وسيلي اوهين سڄي دنيا جي عوامي ڪتاب گهرن ۾ موجود ڪتابن جو ذخيرو ڏسي سگهو ٿا.

## Book Source

هن ايپ ۽ ويب سائيٽ وسيلي اوهين اڻڳڻين موضوعن جا ڪتاب محفوظ ڪري سگهو ٿا. هن ايپ جي موجودگي اوهان کي نصابي ڪتابن جي حوالي سان ڪوٺ ڪرڻ نه ڏيندي. سيلبس بڪس جي چونڊ سٺي آهي.

## ذهن ۽ يادداشت تيز ڪندڙ تعليمي ويڊيو گيمز

انسان جو جسم خيال ۽ تصور سان هلندو آهي جنهن کي اسان جي يادگيري ڪنٽرول ڪندي آ. ڪنهن به انسان لاءِ ڪتاب پڙهڻ کان وٺي تعليم ۽ ڪم لاءِ سپ کان وڌيڪ ذهن ۽ يادگيري جي اهميت آهي تنهن ڪري بصرت افروز سوچ کي وڌائڻ لاءِ ڪلاس روم ايپس سان گڏ اهڙا ايجوڪيشنل ويڊيو گيمز کيڏي سگهجن ٿا جن وسيلي اوهين پنهنجي ذهن ۽ يادگيريءَ جي پرگهور لهندي ان کي متحرڪ ڪري سگهو ٿا.

## Lumosity

ليوموسٽيءَ ۾ اوپن سائنس برين ٽريننگ تي ٻڌل اُهي سيئي ويڊيو گيمز موجود آهن جيڪي ڌيان ڇڪائڻ سان گڏ مسئلا حل ڪرڻ جي تنقيدي ۽ منفرد سوچ کي وڌائي سگهو ٿا. روزانو رڳو 20 منٽ کيڏڻ سان دماغ تر ۽ تازو ٿي سگهي ٿو.

## Brain HQ

جيڪڏهن اوهين ويسر جا مريض آهيو نالا ۽ ماڳ ياد ڪرڻ يا ڪين ٻيهر سامهون آڻڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪيو ٿا ته Posit Sicince پاران پڌري ڪيل Brain HQ شاندار تفريح ٿي سگهي ٿي جنهن ۾ شامل تربيتي مشقون ۽ دماغ جي ڪم ڪرڻ جي تصويري منظرن سان گڏ اهو سيئي سامان موجود آهي جيڪو توهان کي وسارڻ نه ڏيندو. هن کي اهڙن شاگردن، استادن ۽ دانشورن لاءِ ڊيزائن ڪيو ويو آهي جيڪي سنجيدگيءَ سان ويسر تي ڪنٽرول ڪرڻ چاهين ٿا.

## Brain IF on

فزڪس جي شاگردن لاءِ طبيعيات جي پيچيده مسئلن کي حل ڪرڻ، حڪمت عملي جوڙڻ ۽ گهرائيءَ سان سوچيندي نتيجي تائين پهچڻ لاءِ هي پزل گيم (ڳجهارتي راند) اوهان جي سائنسي ذهن لاءِ چئلينجنگ ٽاسڪ ٿي سگهي ٿو. ان جي هر هڪ ليول ۾ حيرانيءَ جي نئين دنيا آباد آهي. فزڪس اسٽوڊنٽس لاءِ هيءَ ويڊيو گيم پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي.

# چا انساني جنيوم کي ترتيب ڏيڻ ممڪن آهي ؟

نزاڪت علي

ڪجھ سال اڳ انساني جنيوم کي وڏي مقدار ۾ ترتيب ڏيڻ ممڪن ٿي ويو هو. هاڻي هڪ هزار ڊالر ۾ هڪ شخص جو جينياتي نقشو تيار ڪيو پيو وڃي. اها هڪ اهڙي اڳيرائي آهي جنهن مان هاڻي نه رڳو انساني جينياتي معلومات ۾ انتهائي واڌارو ٿيندو بلڪ ان ڀرپور ڊيٽا کي استعمال ۾ آڻڻ جي طريقن تي پڻ غور ويچار شروع ڪيو ويندو.

سان ڊياگو ڪمپني ايلومينا جي تيار ڪيل مشين 25 منٽن ۾ هڪ جينوم تيار ڪري سگهي ٿي. ان جي ڀيٽ ۾ پهرين انساني جينوم کي ڊي ڪوڊ ڪرڻ ۾ هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ وقت ۽ 3 ارب ڊالر خرچ آيو هو. اها سستي ۽ تيز ترتيب سازي طب، جيوڙن خلاف جنگ، کاڌ خوراڪ جو تحفظ، فارينسڪ سائنس، جهنگلي جيوت ۽ زراعت جهڙن شعبن ۾ معيار جي بنياد کي لوڏڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

برطانيا پنهنجي هيلٿ سروس وسيلي هڪ لک کان وڌيڪ مريضن جي مڪمل جينوم جي ترتيب تي ڪم شروع ڪيو. ٻين ملڪن جون حڪومتون به انهي خيال تي غور هيٺ آهن. ان سلسلي ۾ برطانيا جون ڪوششون انتهائي ڳڻپ جوڳيون آهن ڇو ته اهي ڪوششون مريضن جي زندگي تبديل ڪري سگهن ٿيون. هڪ ٻارڙي پنهنجي ڄم کان پوءِ جلد ئي هڪ اهڙي پراسرار بيماري جو شڪار رهي ۽ آٺن سالن جي عمر تائين پهچندي پهچندي سندس زندگي موت ڏانهن وڌڻ لڳي. تڏهن ان جو مڪمل جينوم ترتيب ڏيڻ ڪانپوءِ ئي هڪ جينياتي بيقاعدگيءَ سان اصل مسئلي جي خبر پئجي سگهي ۽ ڊاڪٽرن ان مناسبت سان دوا ڳولي ان جي زندگي بدلائي ڇڏي.

اها به حقيقت آهي ته سڀ مريض ايترا خوشقسمت نه هوندا پر ان ترتيب سازي سان انهن والدين جي اذيت ختم ٿي سگهندي جن جا ٻچا ڪنهن پراسرار بيماري ۾ ورتل آهن.

هاڻي ترتيب ڏنل جينومز جو تعداد ٻيڻو ٿي ويندو. سستي ۽ تڪڙي





ترتيب سازي جو پهريون فائدو ڳورهارن عورتن کي پوندو. جم کان اڳ تشخيص ۾ ڊرامائي تبديلي اچڻ واري آهي. چو ته ترتيب سازي ۾ ماءُ جي رت جي نمونن مان جنيني مرضن جي سڃاڻپ ممڪن ٿي وئي آهي. اهڙي طرح ڊائونز سنڊروم جهڙن مرضن جي لاءِ جارحاڻين ۽ خطرناڪ ٽيسٽن جي ضرورت نه رهندي. ڊي سوزا مطابق ٻن ڪان ٽن سالن ۾ خطري واري ڳيپ لاءِ اهڙيون ٽيسٽون معمول تي ٿينديون ۽ ايندڙ ڪجهه سالن تائين جمڻ وقت ئي ٻارن جي جينياتي ترتيب سازي ڪئي ويندي. ان عرصي ۾ ڪينسر جي جنيوم جي ترتيب پڻ معمول تي ويندي ۽ هڪ ڏهاڪي ۾ ئي ڪينسر هڪ موتمار مرض بدران موذي مرض ٿي ويندو.

سڀ ڪجهه ترتيب ۾ آهي

هاڻي ترتيب سازي مان فائدو کڻڻ جي ڊوڙ ۾ نوان گروپ شامل ٿي ويندا. فارينسڪ ماهرن کي اهو ادراڪ ٿي ويندو ته اصل هنڌ تان گڏيل محلولن جي هڪ نموني مان ڪيترن ئي ماڻهن جي سڃاڻپ ممڪن آهي. ڪسٽم اختيارين کي جهنگلي جيوت جي تحفظ بابت قانون لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ملندي، جڏهن اهي ڪنهن به جانور جي کل جي نموني جي ترتيب سازي سان اهو ٻڌائڻ جا قابل ٿي وڃن ته اهو چمڙو قانوني آهي يا نه.

آفريڪا ۾ هٿرادو ترتيب سازي جي هڪ يونٽ جو گشتي تجربو شروع ڪيو ويو جنهن مان مليريا خلاف جنگ ۾ مدد پڻ ملي. هٿ ۾ جهلي ويندڙ Q_POC نالي هي مشين صرف 15 منٽن ۾ رت جي هڪ ڦڙي جي جاچ ڪري مخصوص جيوڙي جي سڃاڻپ ۽ دوا جي مزاحمت جي ممڪن سطح بابت ٻڌائي پئي. اهو تجربو اسپتالن ۾ به ڪيو ويو جتي رت کي گهاٽي ڪرڻ جي دوا خلاف مريضن ۾ ڪنهن ممڪن جينياتي تبديلي جي جاچ ڪئي وئي.

هاڻوڪي دريافت مان اها ڳالهه به سامهون آئي آهي ته آنڊن جا بيڪٽريا ٿولهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، جن کي خوراڪ ۾ تبديلي ذريعي تبديل ڪرڻ ممڪن آهي ۽ اهو وقت پري ناهي جڏهن ڪمپنيون انهن بيڪٽيرياز کي وزن گهٽائڻ واري پروگرام طور ترتيب ڏيڻ جي آڇ ڪرڻ لڳنديون.

Sindhi has a unique script known as the Sindhi script, which is derived inform first the pictograph second symbol, third Devanagari and the fourth level in Arabic Naskh Script. The language has a rich literary tradition with a vast collection of poetry, prose, and folktales. Famous Sindh poets include Shah Abdul Latif Bhittai and Sachal Sarmast, who are known for their profound poetry and spiritual teachings.

Sindhi music is an essential part of the Sindhi culture and is known for its unique melody and rhythm. The traditional instruments used in Sindhi music include the dholak, flute, and tambura. The music is often accompanied by traditional dance forms, such as the Jhoomar and Dhamal.

The Sindhi language has faced numerous challenges over the years. During the British rule in India, the language was suppressed, and Sindhis were forced to adopt the Urdu language. After the partition of India in 1947, the Sindhi-speaking regions were divided between India and Pakistan, leading to a significant loss of cultural heritage and displacement of Sindhi speakers.

Despite these challenges, efforts have been made to preserve and promote the Sindhi language. The Sindhi Adabi Board, established in 1951, has played a crucial role in the development and promotion of Sindhi literature. The Sindhi media, including newspapers, magazines, and televise channels, have also contributed to the preservation of the language.

It is an essential part of the Sindh identity and plays a crucial role in the development of Sindhi literature, music, and arts. Efforts must be made to promote and preserve the Sindhi language to ensure its survival and to maintain the unique cultural heritage of the Sindhi people.

In Conclusion Sindhi is the language of 45.3 million people who are shattered in Pakistan, India, Hong Kong, Oman, Philippines, Singapore, U.A.E, U.K, U.S.A. It is the official language in Sindhi province and writing system is Arabic in Pakistan and Devanagari in India where Gujarat is central State of Sindhi people. The people of Indus Valley has a rich vision of trade & Commerce around 10,000 timeline achievements that should be discovered with collective efforts.

# The Sindhi Language:
# The vast 1000 timeline data of Literature, Culture, Music & Folk

Khadija Bukhari

Sindhi is ancient language spoken by the Sindhi people, who primarily reside in the Sindh province of Pakistan and parts of India. It is one of the 22 official languages recognized by the Indian Constitution and is also recognized as an official language in the Sindh province of Pakistan.

The Sindhi language has a rich history dating back to the ancient Indus Valley Civilization. It is believed to be one of the oldest languages in the world and is closely related to Sanskrit and some linguists connected with semantic language and possible of Hebrew and Greek claimed Arabic is also born from Sindhi language, but without decipher the Indus Civilization Script it still mystery to whether are we forchof Civilization or the backdoor of Indo-Iranian languages of Sumer and Babylon. The language has been influenced by various cultures, including Arabic, Persian, Turkish, and English.






سنڌ جي اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سان گڏ
مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن پيپلز پنڪ بس سروس جو افتتاح ڪيو.



سنڌ جو اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ پنڪ بس سروس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

MARCH- 2023



# سنڌ حڪومت پاران
# ڪينسر ۾ مبتلا مريضن لاءِ بهترين سهولتن جي فراهمي

(خاص ليک اندر پڙهندا)

ڪئنسر جو موتمار مرض گهٽي ياگي لاڙ جي پٽي خاص طور ٺٽي، گهاري، سجاول، ميرپور ۽ بدين واري پاسي عام آهي. جو تہ انهن علائقن ۾ پان، گٽڪو، نشيدار مائو ۽ نشيدار سوپاريون عام جام وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. حالانڪ حڪومت طرفان اهي سموريون شيون وڪرو ڪرڻ ۽ واپرائڻ تي مڪمل طور پابندي آهي. باوجود ان جي مقامي اثر رسوخ رکندڙ منشيات جا واپاري پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙن جي مدد سان اهو زهر وڪڻي رهيا آهن، جنهن تي بهرحال ضابطي آڻڻ جي ضرورت آهي. ڪئنسر جو سبب بڻجندڙ گٽڪو، مائو، نشيدار سوپاريون، پان ۽ ٻيون نشي آور شيون گهٽي ياگي ڪراچي ۾ پڻ تمام گهڻيون واپرايون وڃن ٿيون. ان ڪارڻ انهي علائقي جا ماڻهو وات جي ڪئنسر جو تمام گهڻو شڪار ٿيندا. هاڻي تہ اهو زهر سنڌ جي وڏن شهرن سکر، لاڙڪاڻي، حيدرآباد کان سواءِ دادو، سيوهڻ، گهوٽڪي، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ۽ ٻين جاين تي پڻ سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي.

**Information Department**
**Government of Sindh**